آئنسٽائن جي جيون ڪٿا



سنڌيڪار

نويد سنديلو

آئنسٽائن جي جيون ڪٿا


SCALA

آئنسٽائن جي
جيون ڪٿا

سنڌيڪار

نويد سنڌيلو

ڪارونجهر اڪيڊمي
محراب پور - سنڌ
2013ع

ڪتاب جا حق ۽ واسطا محفوظ

ڪتاب جو نالو	:	آئنسٽائن جي جيون ڪٿا
سنڌيڪار	:	نويد سنديلو
ڇاپو پهريون	:	2013ع
ڇپائيندڙ	:	ڪارونجهر اڪيڊمي، محراب پور سنڌ
ڪمپوزنگ	:	راڻو خان ميگهواڙ
		شورج پرنٽرس، 7 - ربي چيمبر، سامهون چائنيز ريسٽورنٽ، حيدر چوڪ، حيدرآباد، سنڌ
قيمت	:	-/200 رپيا

EINSTEIN JEE JEEWAN KATHA
(Biography of Albert Einstein)

Translated by: Naveed Sandeelo
Published by: Karoonjhar Academy, Mehrabpur, Sindh
Composed by: Rano Khan Meghwar
Souraj Printers, 7-Rabi Chamber, Hyderabad, Sindh.
1st Edition: © 2013
Price Rs. 200/-

ارپنا

پنهنجي پهرين تخليق
روشنيءَ جي نانءُ.

- نويد سنديلو

❖ "مان نٿو ڄاڻان تہ ٽين عالمي جنگ ڇا سان وڙهي ويندي پر چوٿين عالمي جنگ ضرور لٺين ۽ پٿرن سان وڙهي ويندي."

❖ "آئون پنهنجي شاگردن کي ڪڏهن بہ سيکاريندو ناهيان. آئون فقط کين اهڙيون حالتون پيش ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو آهيان، جنهن سان هو سِکي سگهندا آهن."

❖ "تصور علم کان وڌيڪ اهم آهي."

❖ "استاد جو سڀ کان اعليٰ فن تخليقي اظهار ۽ علم ۾ خوشي جاڳائڻ آهي."

❖ "رڳو بہ شيون لامحدود آهن، ڪائنات ۽ انسان جو احمقپڻو ۽ مون کي پهرين جي پڪ ناهي."

(آئنسٽائن)

سٿاءُ

* پبلشر پاران	شڪيل احمد شيخ	9
* آئنسٽائن ڇو پڙهون؟	نصير سومرو	10
* جيءَ جي جهروڪي مان	نويد سنديلو	13

1. موڳو ڇوڪرو 21
2. اسڪول ۾ ڏکيائي 28
3. اٽليءَ جو سير 34
4. نئين دوستي 40
5. يونيورسٽيءَ جا ڏهاڙا 46
6. نوڪريءَ جي ڳولها 58
7. هيءَ ڪلارڪ ڪير آهي؟ 58
8. نرالو پروفيسر 67
9. جنگ جو زمانو 76
10. مشهوريءَ جا مسئلا 81
11. آمريڪا جو پهريون سفر 88
12. انگلينڊ ۾ ڪجهه ڏينهن 92
13. جاپان جو سفر ۽ نوبل انعام 97
14. جرمنيءَ کان موڪلائي 102
15. آزاديءَ جي راهه تي 109
16. پرنسٽن جي زندگي 117
17. ايٽم بم 124
18. اهي لفظ جيڪي وچائجي ويا 126


$R_{ik} = 0$

پبلشر پاران

شاعراڻي طبيعت رکندڙ درويش سائنسدان جنهن کي ماڻهن چرياٽپ جي حد تائين شهريت بخشي ۽ هو اڻڄاڻائيءَ جي انتها تائين ان کي نظرانداز ڪندو رهيو.

هن جو دماغ وقت جي دائرن کي پار ڪري روشنيءَ جي جوهر مان به پار لنگهي ويندو هو. جنهن جي دل وائلن جي مڌر آواز وارين ڌُنن وانگي ڌڙڪندي هئي.

هو جنگ کان ايتري نفرت ڪندو هو جيتري هن کي انسانن سان محبت هئي. ان ئي سپاجهڙي انسان کان هڪ انتهائي ڪسو ڪم تي ويو/ ڪرايو ويو. جنهن انسانن کي ڌرتيءَ سميت تباهيءَ جي خطرناڪ راڪاس جي هنج ۾ ويهاري ڇڏيو. جيڪو ڪنهن مهل به مڙجي انسانن کي ڌرتيءَ سميت ڳڙڪائي سگهي ٿو.

هيءُ ڪتاب ان ئي پراسرار شخصيت جي جيون ڪٿا آهي، جنهن کي البرٽ آئنسٽائن جي نالي سان سڃاتو وڃي ٿو. هيءَ ناول نما جيون ڪٿا منهنجي پياري دوست جيڪو سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ فلسفي جو استاد ۽ پلوڙ شاعر نويد سنديلو تخليقي حد تائين سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪئي آهي، انگريزيءَ منجهان.

اُميد ته هيءَ شاهڪار جيون ڪٿائي ناول پڙهندڙن جي اُتساهه جو ڪارڻ بڻبو. خاص ڪري شاگردن ۽ استادن لاءِ انتهائي لاڀائتو ثابت ٿيندو.

اسان جي اداري طرفان هيءَ علمي ۽ ادبي سوکڙي قبول پوي.

شڪيل احمد

چيئرمين

ڪارونجهر اڪيڊمي، محرابپور

آئنسٽائن ڇو پڙهون؟

”هن جي سنجيدگي ۽ خاموشي کي موڳائپ جو معمول ڪري ورتو ويو هو. گهر ۾ سندس هيڪلائي پسند طبيعت جي ڪري کيس ’ماٺهن بيزار‘ سمجهيو ويندو هو.“

هي لفظ، جنهن شخصيت بابت هن ڪتاب ۾ لکيل آهن ۽ وڏيڪ سوانحي خاڪو پڙهي ڏسندا ته ڪيئن شخص منجهان شخصيت بڻجي ڏيکاريائين، سو جڳ مشهور سائنسدان آئنسٽائن آهي. ڪوانٽم ٿيوري، ايٽمي ٿيوري ۽ ٽيڪنالاجي ۾ ريسرچ ۾ ان جو حوالو اڌورو سمجهيو ويندو، جيستائين رليٽوٽي جو تذڪرو نه ٿيندو. رليٽوٽي جو طرزِ فڪر ۽ طرز عمل ۾ استعمال ٿيڻ سان، پڙهيل لکيل (جيڪي سائنس کان معلوم ۽ مانوس آهن) ماڻهو توهم پرستي ۽ ”بيائيءَ“ تي ٻڌل تصورن ۽ ڪردارن جي پيچيدي تاجي پيٽي جو تجزيو استدلال جي بنياد تي ڪرڻ جي ڪري انڌي پوئلڳي مان جند ڇڏائيندي ڏسجي رهيا آهن. نسبتي (رليٽوِ) هجڻ سببان سچائي آخري (final) هجڻ جو روايتي خيال تنقيدي اصول پٽاندڙ جانچيو وڃي پيو. هڪ هنڌ بيٺل (پليٽ فارم تي موجود) شخص ريل کي هلندو ڏسي پاڻ کي ٺاپر واري حالت (static) ۾ ۽ ريل کي متحرڪ (dynamic) حالت ۾ الڳ الڳ نسبت ۾ سمجهي سگهي. البت هلندڙ ريل جي اندر سيٽ تي ويٺل شخص متحرڪ حالت جو پيچيدو تجزيو ڪندو ته پليٽ فارم ۽ پنڙيءَ جي ٻنهي پاسن کان وڻ ٽڻ هلندي ۽ پاڻ کي ٺاپر ۾ محسوس ٿيندي ڏسندو. نسبتي حالتون، يعني سڪون ۽ حرڪت هڪ سائنسي نقاد ائين بيان ڪندو ته چالو ريل ۾ ويٺل شخص ڊبي

اندر ويٺل شخص جي پيٽ ۾ ٽاپر جي حالت ۾ پليٽ فارم جي پيٽ ۾ تحرڪ جي حالت ۾ آهي. هيءَ تڪراري ۾ متضاد پيچيدگي ٻيائي آهي. ٻيائي (Dualism) جو موضوع آرٽس ۾ سائنس ٻنهي هنڌ سمجهڻ وٽان آهي. جن ڏينهن ۾ يورپ اندر گليليو چيو ته زمين ڦري ٿي ته ماضي جي تسلسل ۾ هلندو ايندڙ تصور ڪليسائي شريعت جي روشني ۾ ڪفر قرار ڏنو ويو. نسبت جي ٿيوريءَ موجب هي جملو ته ”زمين ڦري ٿي“ جو اڻ چيل ۾ برعڪس اثر چئبو ته ”سج بيٺل آهي“، جيڪو ڦرندي نظر اچي ٿو ۽ زمين بيٺل حالت ۾ ڏسجي ٿي.

آئنسٽائن کان اڳ ڪوانٽم ٿيوري ۾ نوبل پرائيز ماڻيندڙ سائنسدان هيزنسبرگ جي ”بي يقينيت جو اصول“ هو. هن اصول (Principle of uncertainity) پٽاندڙ روشني جي لهر ۾ جزو (Photon) مان ڪهڙي به هڪ حالت غير يقيني يعني غير جٽادار آهي. ان جو اطلاق وجوديت جي فلسفي ۾ خاص طور مادي ۾ جوهر، تصور ۾ حقيقت سميت سماج ۾ زندگي جي مڙني لقائن مٿان ٿيندڙ آهي. هڪ طرف تصوريت جا حامي نظر ايندا، ٻئي طرف ماديت جا حامي نظر ايندا. ٻئي ”حقيقتون“ سماج ۾ شخصي ۾ اجتماعي ويچارن جون جهتون (dimensions) آهن. سڀ جهتون بحث هيٺ آڻڻ جي تنقيدي شعبي ۾ آئنسٽائن جي ٿيوري ڪم اچڻ واري دريافت آهي.

سنڌي ٻوليءَ ۾ ادب ۾ سائنسي فڪشن جي ڪوٺ آهي. فلمون، ڊراما ۾ ٻين فني شعبن ۾ سائنس جي دريافتن جو واهپوگهٽ، مگر اوچي گراف وارو آهي. مشين ۾ پيداوار جي نين شين جي گوناگوني ۾ علائقائي مارڪيٽ عالمي مارڪيٽ وانگر وسعت اختيار ڪندو وڃي ٿو. لقائن ۾ انهن جي پنيان لڪل حقيقت کي سمجهڻ ۾ لائيف اسٽائيل بهتر بڻائڻ ۾ نئين طرز فڪر جي تعمير ۾ سائنسدانن جي حياتين جو اڀياس ۾ انهن جي دريافتن مان فائدو وٺڻ اسان تي ٻڌل آهي. آئنسٽائن جي حياتيءَ جا ڪيترا پهلو تڪراري هجڻ جي باوجود پڙهڻ جي شخصيت آهي. هو سائنسي سوچ جي باوجود

پنهنجي زندگيءَ ۾ مذهب جي وقعت جو اعتراف ڪندڙ پڻ آهي. هن جي ڪري ايٽم بم ٺاهڻ ممڪن بڻيو. جنگ جي دوران جاپان جي شهرن مٿان بمباريءَ جي نتيجي ۾ ٿيندڙ تباهڪاريون ڏسي "ضمير جي رهڙ" ڪيس جنجهوڙي وڌو. دنيا جي سياسي حالتن ۽ ذهن کي جنجهوڙيندڙ شخص جون ڪاوشون ۽ وقت جي نسبتي ٿيوريءَ جي نتيجي ۾ سائنسدانن خلا ۾ خيما کوڙڻ ۾ ڪامياب ٿيا آهن. پاڻ وٽ يونيورسٽين ۾ آئنسٽائن پڙهايو وڃي ٿو.

تخليق ۾ رڳو شاعري، افسانو ناول وغيره ڪونهن. سٺي تنقيد (Secondary literature) ۽ تحقيق ۽ ترجمو پڻ پنهنجي پَر ۾ دريافت (تخليق) جو درجو رکن ٿا. هي ترجمو، توڙي جو اضافي ۽ سلوڻي ٻوليءَ ۾ اصلوڪي لکٽيءَ وانگر ياسي ٿو سنڌي ٻوليءَ ۾ جوڳو اضافو آهي. پڙهندي دل وندرجي ٿي ۽ هي وندر جو پهلو جمالياتي آهي. استاد وانگر آئنسٽائن جون ڳالهيون پُل ڇُڪ جون درستگيون (correction to error) ڪندڙ آهن. ان تان موصوف جو قول هت پڙهندڙن سان ونڊڻ ضروري سمجهان ٿو.

"استاد جو سڀ کان اعليٰ فن تخليقي اظهار ۽ علم ۾ خوشي جاڳائڻ آهي."

ڪتاب پڙهندي نه وساريو وڃي ته مترجم نويد سنديلو پڻ فلاسافي ڊپارٽمينٽ، سنڌ يونيورسٽي ڄام شوري ۾ استاد آهي.

نصير سومرو

ڪراچي

22-5-2013ع

جيءَ جي جهروڪي مان

زندگيءَ جو سفر سوچ جو سفر آهي، جنهن ۾ وک وک تي حيرانگي ۽ پراسراريت جون جهلڪون پسجن ٿيون. دنيا ۾ شين جا انيڪ روپ ۽ ڏيک آهن. سچ پردن ۾ لڪل آهي، ان کي تلاشيندڙ اکيون سدائين سرگردان ۽ حيران آهن. اهو انسان جي هزارين سالن جي ڪوشش ۽ ڪاوشن جو نتيجو ۽ ڪن من کوجي ماڻهن جي محنتن جو ثمر آهي، جن نئين فڪري تاريخ جو روشن مينار اڏڻ ۾ ڪائي ڪسر نہ ڇڏي آهي. جيئن جيئن ماڻهوءَ جي عمر وڌي ٿي، ڄاڻ ۾ واڌارو اچي ٿو. ڄاڻ، جنهن کان سواءِ ماڻهوءَ جو من اَسونهون ۽ اوجهڙ ۾ آهي، اهڙو تہ وکر آهي جيڪو ورهين پُڄاڻا بہ پئي پراڻو نٿو ٿئي.

"We can add to our knowledge, but we can not substract from it."

"اسان پنهنجي علم ۾ واڌارو ڪري سگهون ٿا. پر ان کي گهٽائي نٿا سگهون." (آرٿرڪوئسلر، "پرهہ ڦٽي"، ڪتاب: 'سليپ واڪرس'، صفحو 19)

عظيم سرجڻهار، سوچ جي صاحبن، فڪري واٽهڙن ۽ ڏاهن جي سڃاڻ سٽ ۾ البرٽ آئنسٽائن جو نانءُ پڻ نظر اچي ٿو.

آئنسٽائن جو جنم 14 مارچ 1879ع ۾ جرمني جي شهر اُلم ۾ ٿيو. هيءُ يهودي هو. سندس پيءُ هرمن آئنسٽائن بجلي جي سامان جو دڪان هلائيندو هو ۽ ماءُ پائولين هڪ سگهڙ ۽ سياڻي عورت هئي، جيڪا سدائين پنهنجي پٽ لاءِ پريشان رهندي هئي. اهو ٻار جيڪو ننڍپڻ ۾ ذهني طور پٺتي پيل هو اڳتي هلي ويهين صديءَ جو عظيم سائنسدان ۽ مشهور مفڪر ٿي اُڀريو.

آئنسٽائن ننڍپڻ ۾ لڄارو هو. هر وقت پنهنجي خيالن ۾ کوهيل رهندو هو. ننڍپڻ کان ئي اڪيلائيءَ ۾ ڌيان گيان جي عادت هئس. سندس هم عمر ٻار راند روند ۾ رُڌل هوندا هئا. جڏهن تہ هيءُ همراهہ

هيڪلو گهر جي باغيچي ۾، ڪنهن وڻ جي ڇانوري هيٺ ويهي پنهنجا ٻاراڻا گيت ڳائيندو رهندو هو. جڏهن آئنسٽائن پنجن ورهين جو ٿيو ته سندس پيءُ هرمن هن لاءِ دڪان تان قطب نما (طرف ڏيکاريندڙ سُوئي) وٺي آيو هو ۽ ان سُوئيءَ کي ڏسندي هيءُ ان جي حرڪت تي حيران ٿي ويو هو ته اها ڪيئن پئي حرڪت ڪريا اهڙيءَ طرح. انهيءَ حيرانگيءَ اڳتي هلي هن کي ڪائنات جي حرڪت کي محسوس ڪرايو هو. اسڪول ۾ نيوٽن وانگر آئنسٽائن کي پڻ پڙهڻ ۾ دلچسپي ڪونه هئي. ان جو ڪارڻ اهو هو ته هن ابتدائي تعليم ميونخ جي اسڪولن ۾ حاصل ڪئي هئي ۽ جرمني جي ٻين اسڪولن وانگر انهن جو ماحول به جيل جهڙو گهُٽيل ۽ ٻُسو هوندو هو. هڪ سنجيدي ٻالڪ جي حيثيت ۾ البرٽ آئنسٽائن سدائين سوچن ۾ ٻڏل رهندو هو ۽ اسڪول ۾ استادن کي بنا سوچيل سمجهيل تڪڙا جواب گهربل هوندا هئا. انهيءَ ڪري هن لاءِ اسڪول به جيل جهڙو ڏيک ڏيندا هئا ۽ هو اهڙي ماحول کان هميشه بيزار رهندو آيو هو.

آئنسٽائن 'اضافيت جو نظريو' (Theory of Relativity) پيش ڪري فزڪس جي دنيا جون ڏريون کولي ڇڏيون هيون. سندس دلچسپيءَ جو علم جاميٽري هو ۽ رياضيءَ جي علم ۾ هن ساراهه جوڳا نتيجا ڏيکاريا. سندس ذهانت کان استاد ڏاڍو متاثر هوندا هئا. ذهين هئڻ ڪري کيس سئزرلينڊ جي مشهور يونيورسٽي زيورڪ ۾ فزڪس جو پروفيسر مقرر ڪيو ويو.

سال 1905ع ۾ هن پنهنجو مشهور 'اضافيت جو نظريو' پيش ڪيو. هن جو اهو نظريو هو ته "زمان ۽ مڪان (Time and space) مطلق (Absolute) نه پر اهي گڏيل آهن. روشني سيني طرفن ڏانهن هڪجهڙي رفتار سان سفر طئي ڪري ٿي."[1] هن جو مادي کي قوت ۾ تبديليءَ وارو

---

[1] . ويهين صديءَ جي پهرين سالن ۾ ٻن نون نظرين زمان ۽ مڪان ۽ حقيقت بابت سوچڻ جو انداز پوريءَ ريت بدلائي ڇڏيو. اهي ٻئي نظريا "اضافيت جو عام نظريو ۽ ميڪانيڪي مقدار"[1] (Quantum mechanics) وارو نظريو آهن. اضافيت جو عام نظريو زمان ۽ مڪان بابت ٻڌائي ٿو ۽ اهو پڻ ٻڌائي ٿو ته اهي هن ڪائنات ۾ وڏي پئماني تي مادي ۽ توانائيءَ سان ڪهڙي طرح ونگائين شڪل ۾ ويڙهيل آهن.

ٻئي پاسي ميڪانيڪي مقدار جو واهپو ورني تمام ننڍڙن پيمانن سان آهي. (نويد)

اصول پڻ مشهور آهي جنهن کي هن فارمولي تحت پيش ڪيو ته ($E=mc^2$).

سال 1909ع ۾ کيس زيورڪ يونيورسٽيءَ ۾ غير معمولي پروفيسر جو خطاب ڏئي ان عهدي تي فائز ڪيو ويو. هن تجربن ذريعي اهو ثابت ڪيو ته مادي کي قوت ۾ تبديل ڪري سگهجي ٿو. کيس 1921ع ۾ فزڪس جو نوبل انعام ڏنو ويو. هن 1950ع ۾ مادي جي گڏيل قوت وارو مشهور نظريو پيش ڪيو.

آئنسٽائن جي زندگي، سندس لفظن ۾، "مساواتن ۽ سياست ۾ ورهايل هئي." آئنسٽائن جي آڳاٽي سياسي سرگرمي پهرين مهاڀاري لڙائي دوران منظر عام تي آئي، جڏهن هو برلن ۾ پروفيسر هو. انساني زندگين جو زيان اکين سان ڏسندي بيمار ٿي پيو ۽ آخر جنگ خلاف سندرو ٻڌي اڏول بيهي رهيو. جنگ کان پوءِ هن عالمي لاڳاپن ۾ سڌارا ۽ سرچاءِ ڪرڻ لاءِ ڪوششون ورتيون. انهيءَ پڻ کيس مشهور نه بنايو ۽ ستت ئي سندس سياست گڏيل آمريڪا ڏانهن وڃڻ ۽ اتي ليڪچر ڪرڻ لاءِ ڏکيو بنائي وڌو.

سال 1933ع ۾ هٽلر اقتدار ۾ آيو. آئنسٽائن آمريڪا ۾ هو ۽ هن اعلان ڪيو ته هو جرمنيءَ واپس نه ورندو. بعد ۾ نازي فوجين سندس گهر تي چڙهائي ڪئي ۽ سندس بينڪ اڪائونٽ ضبط ڪيو برلن جي اخبار اهم سرخي شايع ڪئي، ته "آئنسٽائن وٽان سٺي خبر، ته هو واپس نه پيو اچي." جڏهن کيس اسرائيل جو صدر مقرر ڪرڻ لاءِ چيو ويو ته ان کان انڪار ڪندي هن وراڻيو ته هو سياست ۾ سيکڙات آهي. ان جو اصل ڪارڻ پيو هو. وري سندس لفظ ورجايان ٿو ته "مون لاءِ مساواتون وڌيڪ اهم آهن ڇاڪاڻ ته سياست موجوده وقت لاءِ آهي، پر مساواتون سدائين لاءِ هونديون آهن." پنهنجي سائنسي سوچ ۽ فڪر ۾ هو پختو هو. توڙي جو يهودي هو تڏهن به هن خدا جي بائبلي نظريي کان انڪار ڪيو هو.

هن جيون ڪٿا جي هڪ خاص ڳالهه اها آهي، تہ هيءَ هڪ اهڙي فرد جي جيون ڪهاڻي آهي جنهن نہ رڳو پنهنجي حياتيءَ جو ڳچ حصو سچ جي ڳولا لاءِ ارپي ڇڏيو هو پر زمانن کان اڳ فڪري ڏارائن جو احاطو ڪري ايندڙ سوچن ۾ نوان سلا پيدا ڪيا.

آئنسٽائن جو نانءُ سائنس جي دنيا ۾ ڪو نئون نہ آهي. هي سوچ جو صاحب، جيئن مٿي ذڪر ڪري آيا آهيون، ننڍپڻ کان ئي اهڙي دنيا جوڙي ويٺو هو جيڪا عام ٻارن لاءِ اڻ وسهندڙ ۽ هڪ جيڏن سان راند رهڻ ۾ رُڏل هوندي آهي. اهو آئنسٽائن ڪٽنب جي قسمت بدلائڻ جو ڪوئي اٽوٽ فيصلو هو جو سندن گهر ۾ اهڙي روشني ڦٽي جڳ ۾ نانءُ جرڪايو. اڄ بہ آئنسٽائن جي خاص ۽ عام اضافيت ۽ روشنيءَ جي رفتار وارا نظريا جيءَ جيءَ ۾ جوت جلائيندا ۽ اُتساهہ پيدا ڪندا رهن ٿا. وقت پري ناهي جو سندس ڏسيل راهہ تي هرڪو هيراڪ ٿي صحيح سوچ جو بنياد وجهندو.

اُميد تہ هيءَ ناول نما جيون ڪهاڻي هر پڙهندڙ جي علمي اُڄ اجهائڻ ۾ لاياتي ثابت ٿيندي. هن طرح جون جيون ڪٿائون (Biographies) جڳ جي سرجڻهارن، ناول نگارن، شاعرن، فنڪارن، موسيقارن، مصورن، ڏاهن، سياستدانن، سائنسدانن، مذهبي مهندارن ۽ سماج سڌارڪ لوڪن تي اڳ بہ آڏاريل رهيون آهن. هن جيون ڪٿا کي عام فهم سولي سنڌي ٻوليءَ ۾ ويس ڏئي ادب ۾ واڌاري ڪرڻ جي معمولي ڪوشش ڪئي وئي آهي. ساڳي وقت هي ترجمي جو ترجمو بہ آهي، تہ لفظن جو سٽاءُ ۽ جملن جي وياڪرڻي بيهڪ جو بہ خاص خيال رکيو ويو آهي، تہ جيئن اصل مواد جو سواد بہ رهي پڙهندڙ بہ ان مان پورو پورو مزو ماڻي سگهن.

آخر ۾ آئون پنهنجي دوست شهبان سهتي جيڪو سنڌ يونيورسٽي جي انٽرنيشنل رليشن ڊپارٽمينٽ ۾ ليڪچرار آهي ۽ نصير سومري جو جيڪو بهترين شاعر ۽ نثر نويس پڻ آهي، مان انهن سڄڻن جو تهہ دل سان ٿورائتو آهيان، جن پنهنجو قيمتي وقت سيڙائي هن ڪتاب تي رايا لکيا ۽ شڪيل احمد شيخ جي پڻ وڏي مهرباني،

جنهن پيسو سيڙائي هيءُ ڪتاب ڇپرائي اوهان جي هٿن تائين پهچايو. ڪتاب جو مواد ۽ ترجمي جو معيار ڪيئن آهي، توهان جي راءِ جو اوسيئڙو رهندو.

محبت پائي مَن ۾، رنڌا روڙيا جن،
تن جو صرافن، اڻ توريو ئي اگهائيو.
(شاهه)

نويد سنديلو
ڪمرو نمبر 48، ٽيچرس هاسٽل،
سنڌ يونيورسٽي، ڄامشورو
19 مئي، 2013ع

آئنسٽائن جي
جيون ڪٿا

(1)

موڳو ڇوڪرو

”ڇٽ ڪنهن جاءِ جا.“ ماسٽر ڪاوڙ مان ان ٻالڪ ڏانهن اشارو ڪيو جيڪو پنهنجا ٻئي هٿ جهوليءَ ۾ رکيون، ماٺ ڪيون پنهنجي ڪرسيءَ تي ويٺو هو. ”ايتري سولي ڳالهه به هن ڪي سمجهه ۾ نه آئي، ڏسو ته سهي.“

سڄي ڪلاس ڪنڌ ورائي البرٽ آئنسٽائن ڪي ڏٺو. ڪجهه وڏا ڇوڪرا کليا ۽ ماسٽر ٻالڪ ڪي وري چيو ”البرٽ! تو کان جيڪو سوال ڪيو ويو آهي ان جو جلدي جواب ڏي.“

پر اهو ٻارڙو ايئن ويٺو هو ڄڻ ڪجهه ٻڌو ئي نه هُجيس. ڄڻ ماسٽر ايتري دير کان ڪنهن ٻئي کي دڙڪا پئي ڏنا.

ڪلاس جي ٻڳهي سرد ڪمري تي، جنهن جي اداس ماحول ۾ ڊگهين درين جي شيشن مان ايندڙ ڏينهن جي ميرانجهڙي روشني پکڙيل هئي، ماٺ ڪنهن بار جيان ڇانئجي ويئي. ڪلاس جا ڇوڪرا آئنسٽائن کي پسند نه ڪندا هئا. ان لاءِ اهو سوچي خوش ٿي رهيا هئا، ته اجهو ٿا هن تي ڇَهبڪَ وَسن. اهڙين سزائن دوران هنن کي ٿوري دير لاءِ ئي سهي، پڙهائي کان واندڪائي ته ملي ويندي هئي.

ماسٽر هڪ ٿلهو متارو ۽ ننڍي ڳچيءَ وارو شخص هو جنهن جو ننڍڙو متو گنجو هئڻ ڪري وڏيڪ ننڍڙو نظر ايندو هو. البرٽ کي خاموش ويٺي ڏسندي ئي کيس ڪاوڙ چڙهي ويئي. هو سڌو بيهي رهيو ۽ ڪڙڪيدار آواز ۾ ننڍڙي البرٽ تي حڪمن جو مينهن وسڻ لڳو. ”سِڌو ٿي بيهه. ٻاهر نڪر. وچي هال ۾ بيهي رهه ۽ منجهند تائين اتان نه چُرجانءِ.“

البرٽ سڪون جو ساهه ڪنيو. تڏهن به اها هدايت ڇهبُڪن جي مار کان چڱي هئي. هال ڏاڍو ٿڌو رهندو هو ۽ اتي ٻن ڪلاڪن تائين ويٺو رهڻ جو مطلب تڪ سان ڇُور ٿي وڃڻ هو پر تڏي هال ۾ ويٺو رهڻ ڪلاس ۾ هوندي انهن سوالن جو جواب ڏيڻ کان بهتر هو. جيڪي بيوقوفاڻا ۽ بيڪار لڳندا هئا.

البرٽ آئنسٽائن ڪڏهن به ڄاڻي واڻي حڪم جو انڪار نه ڪندو هو. اصل ۾ هو ويچارو لاچار هو. جلديءَ ۾ جواب ڏيئي نه سگهندو هو. ڪا ڳالهه چوڻ کان پهرئين هو ان بابت سوچيندو هو ۽ اهو فڪر پريو عمل وقت وٺندڙ هو. ماستر سدائين اُبهرائپ جو مظاهرو ڪندو هو ۽ هن کي بنا سوچيل سمجهيل جوابن کان وڌيڪ تڪڙا جواب وڻندا هئا. ننڍڙي البرٽ جي لاءِ ڳالهائڻ ڏکيو ڪم هو. هڪ ته هٻڪي هٻڪي ۽ ڪڏهن ڪلاڻڻ واري انداز ۾ ڳالهائيندو هو.

اهو اسڪول جرمنيءَ جي شهر ميونخ جي علائقي ۾ واقع هو. آئنسٽائن جي جنم ڀومي ميونخ ناهي پر ان کان 85 ميل پرپرو اولهه پاسي اُلم جو شهر هو جتي هو ڇهه سال اڳ 14 مارچ 1879ع تي پيدا ٿيو هو. جڏهن البرٽ هڪ سال جو مس هو. ته سندس مائٽ اُلم کي الوداع چئي وڌيڪ وڏي شهر ميونخ ۾ اچي رهيا هئا.

ميونخ جرمني جي ڏاکڻي علائقي باواريا ۾ آهي. هڪ هزار سالن تائين هڪ خودمختيار بادشاهت ڪانپوءِ. البرٽ جي پيدائش کان ٿورا سال اڳ. باواريا پنهنجي آزاديءَ تان هٿ ڌوئي پروشيا ۽ ٻين آزاد جرمن رياستن سان گڏ نئين جرمن سلطنت ۾ شامل ٿي ويو هو.

آزاد جرمن رياستن جو جرمن سلطنت ۾ شامل ٿيڻ پروشيا جي مدبر اڳواڻ اوٽوفان بسمارڪ جي ڪوشش جو نتيجو هو. بسمارڪ کي "رت ۽ لوهه" جو چانسلر چيو ويجي ٿو ڇو ته هو جمهوريت جي اُبتڙ مضبوط ۽ سگهاري حڪومت جو حامي هو.

باواريا جا ماڻهو پروشيا جي رهاڪن جي ڀيٽ ۾ سک ۽ آرام پسند هئا. پر بسمارڪ انهن کي پروشيا جي رهواسين جهڙي زندگي

گذارڻ تي لاچار ڪيو جنهن جي جَڙُ اطاعت، نظم ۽ ضبط، حڪومت ۽ حاڪمن جي ڪُلي عزت تي ٻڌل هئي. ان نئين نظام ۾ اسڪول فوجي ادارن وانگي هلايا ويندا هئا ۽ استاد فوجي سارجنٽن وانگي ڏاڍا سخت هوندا هئا.

اسڪولن جو نظام فوجي بيرڪن جهڙو سخت هو. البرٽ ٽڏي هال ۾ ويٺي پنهنجي سزا پوڳي رهيو هو ۽ ڪلاس مان ماستر جو سوال ٻڌندي ڇوڪرن جي اٿي بيهڻ ۽ تڪڙن جوابن ڏيڻ جو آواز اچي رهيو هو.

البرٽ سوچيو "گهر وڃڻ ڪيڏو نه لُيائيندڙ آهي، جتي هر شيءِ مختلف آهي. جتي پهچندي ئي سندس ڇئن سالن جي ننڍڙي ڀيڻ مايا ڪيس اچي چنبڙي پوندي آهي. جتي ماءُ پراڻي طرز جي ويڪري ۽ آرام ڏيندڙ بورچيخاني ۾ هن کي ڪوسي ڪوسي ماني ڏيندي آهي. البرٽ جو گهروڏو هو ۽ ان جي چوڌاري وڏو باغ هو. جيل جهڙي اسڪول ۾ ڏينهن گذارڻ ڪانپوءِ هي گهر جنت کان گهٽ نه هو.

هرمن آئنسٽائن ۽ سندس زال پائولين کي پنهنجي ٻارڙي سان گهڻي محبت هئي. هيءُ ٻئي ڄڻا آئنسٽائن جي گهٽ ڳالهائڻ تي گهڻو پريشان ٿي ويندا هئا پر هو وڏي صبر سان البرٽ جون ڳالهيون ٻڌندا ۽ جواب ڏيندا هئا. البرٽ ننڍپڻ ۾ ڳالهائڻ به گهڻي دير سان شروع ڪيو هو. ٻيا ٻار جن شين سان ريجهندا هئا البرٽ کي انهن سان ڪائي دلچسپي نه هئي. هو ماٺيڻي طبيعت وارو ٻار هو جيڪو پنهنجي هڪ جيڏن سان باغ ۾ کيڏڻ بدران اڪيلو رهڻ وڌيڪ پسند ڪندو هو.

پنهنجي شفيق گهر وارن سان گڏ البرٽ سُکي زندگي گذاريندو هو. هن جو خاندان تمام وڏو هو ۽ گهر ۾ سدائين ڪانه ڪا ماسي، چاچو يا مِٽن مائٽن مان ڀاءُ يا ڀيڻ مهمان طور تِڪيل هوندو هو. آچر ڏهاڙي سمورو خاندان باواريا جي پهاڙن ڏانهن گهمڻ ويندو هو يا ڪنهن ڍنڍ جي ڪنڌيءَ تفريح ڪندو هو. جڏهن اهي ماٺهو ڪنهن ٻهراڙيءَ جي ڪنڊ پاسي ويهي رهندا هئا، ته البرٽ پنهنجي پسند جون

شيون گهرائي ڪائيندو هو. ان قسم جي سير ۽ تفريح ۾ البرٽ کي ڏاڍو مزو ايندو هو ۽ خاص طور تي هن کي ٻهراڙيءَ جي ماحول جي کليل فضا وڻندي هئي. ٻيلن ۾ جتي پنن مان ڇڻي ايندڙ اُس ۾ ڏنڊلا رستا جرڪڻ لڳن، تہ هو اوڏانهن گهمڻ لاءِ نڪري پوندو هو. ڪنهن مهل ڪو سائو پن پٽي ان جي رڳن ۽ بناوت تي غور ڪرڻ لڳندو هو. ڪڏهن وري ڪلاڪن جا ڪلاڪ ڍنڍ جي ڪنڌيءَ تي ويٺي پاڻيءَ جي مٿاڇري تي ننڍڙين ننڍڙين لهرن کي ٺهندي ۽ ڊهندي ڏسندو رهندو هو. رات ٿئي، تہ سنڌس نهارون ستارن ۾ ڪجهہ ڳوليندي آسمان ۾ ڀٽڪنديون رهنديون هيون.

هڪڙي ڏينهن جڏهن سيئي ڄڻا ايسار درياهہ جي ڪنڌيءَ تي تفريح ڪري رهيا هئا، تہ روڊي چاچي چيو "البرٽ ڏاڍو سنجيدو آهي، ڏسو تہ سمورا ٻار ڪيئن نہ خوشيءَ مان ڪيڏي رهيا آهن. مون واري ايلزا کي ئي ڏسو البرٽ جيتري مس آهي پر ڪيڏي نہ چنچل آهي، البرٽ تہ ويٺي ويٺي ڍنڍ جي هُن پر اُفق کي تڪيندو رهي ٿو."

پائولين آئنسٽائن هميشہ وانگي پنهنجي پٽ جي حمايت ڪرڻ لڳي، "البرٽ سوچيندو رهندو آهي، ان لاءِ چُپ رهندو آهي. ڏسندا وڃجو هڪڙي ڏينهن منهنجو ٻچڙو پروفيسر ٿيندو."

روڊي چاچو گَڏُ گَڏُ تي کِليو "البرٽ ۽ پروفيسر! ڏاڍو چڱو!" هن عزت ڀرئي پيشي جو خواب تہ فقط تيز ۽ ذهين ڇوڪرا ئي ڏسي سگهندا هئا پر پائولين جي سيني ۾ ماءُ جي دل ڌڙڪي رهي هئي، جيڪا اهڙي طرح پنهنجي پٽ جي موڳائپ لڪائي رهي ئي. روڊي چاچي ۽ ٻين ڪٽنب جي ڀاتين کي البرٽ سان ڏاڍي مُحبت هئي ۽ سڀن مائٽن وانگي هن جي ڪوتاهيءَ تي پردو وجهندا هئا. توڙي جو هر هڪ کي اهو شڪ هو تہ البرٽ ذهني طور پٺتي پيل آهي ۽ ٻين ڇوڪرن وانگر ڪڏهن بہ ڪامياب زندگي گذاري نہ سگهندو.

مانيٽي طبيعت واري ننڍڙي البرٽ کي راند ڪن سان ڪوبہ لڳاءُ نہ هو. مايا تہ گڏين، ننڍڙين گاڏين ۽ ٽانوَن سان ڪيڏندي رهندي هئي پر

البرٽ خاموشيءَ سان باغ جي ڪنهن اڪيلي ڪنڊ ۾ وڃي وڻڪار هيٺ ساوڪ ۾ ليٽي پوندو هو ۽ پنن جي بناوت تي غور ڪندو هو يا ڪِولين کي ٻَچندي ڏسندو رهندو هو.

جڏهن به البرٽ بيمار ٿي پوندو هو ته سندس والدين جي ڳڻتي وڌي ويندي هئي. هو ڪيس دوائون ڪارائيندا هئا پر بستري ۾ پيل البرٽ جي اُجهاٽيل اکين ۾ ڪنهن به ريت جوت پيدا نه ٿيندي هئي. البرٽ بيمار ٿيڻ وقت ڪنهن کي به پريشان نه ڪندو هو نه ضد ڪري، نه روئي، بس بستري ۾ خاموشيءَ سان ليٽيو دريءَ کان ٻاهر باغ کي تڪيندو رهندو هو. مائٽن کان جيڪو ٿي سگهندو هو سو ڪيس خوش رکڻ لاءِ ڪندا هئا.

هڪ ڏهاڙي جڏهن البرٽ زڪام جي حملي کان پوءِ چاق چڱو ڀلو ٿيو ته سندس پيءُ هرمن ڪنهن ڪم سانگي بازار ويو. بازار مان لنگهندي سندس نظر ڪاٺ جي شوڪيس ۾ پيل هڪ ننڍڙي قطب نما تي پئي. هرمن سوچيو ته شايد ان دٻي ۾ لڏندڙ سوئيءَ سان ئي البرٽ ريجهي پوندو.

آئنسٽائن صاحب قطب نما خريد ڪري گهر آيو ۽ سڌو البرٽ جي ڪمري ۾ پهتو. "ڏس پٽ، اسان تو لاءِ ڇا کڻي آيا آهيون؟" هن دٻو ڪڍي پٽ جي هٿ ۾ ڏنو. "هن کي وٺي جيڏانهن به ڦيراءِ، سوئي هڪ ئي جاءِ تي رهندي آهي. وڏي ضديري سوئي آهي نه."

البرٽ هٿ ڪڏهن هيڏانهن ڦيرايو ته ڪڏهن هوڏانهن، ڪڏهن هيٺ ڪُهمايو ته ڪڏهن هونئن، پر سوئي ڦرندي انهيءَ ساڳي جاءِ تي موٽي ٿي آئي. ٻارڙي کي راند ۾ رُڌَلُ ڏسي، پيءُ کي ڏاڍي سَرهائي ٿي.

"بابا"، البرٽ هوريان پڇيو "سوئي ان جاءِ تي ڇو ٿي اچي؟"

"پٽ، هينئر ان جو سبب توکي سمجهه ۾ نه ايندو. ڳالهه اها آهي، ته زمين جي چقمقي ڇڪَ (مقناطيسيت) ان کي واپس ڇڪي وٺي ٿي."

"مق ـ مق ڪهڙو لفظ آهي بابا؟" البرٽ جي لاءِ عام ڳالهه ٻولهه ئي ڏکي هوندي هئي، ايترو ڏکيو لفظ ڪيئن ٿي چئي سگهيو؟

پٽ کي هٻڪندي ڏسي پيءُ نرميءَ سان چيو "ڪائي ڳالهہ ناهي پٽ، هڪ اڻ ڏٺل طاقت جو ماڻهن ڏکيو نالو رکي ڇڏيو آهي، تون ڪيڏ پيو."

"پر بابا، سوئي اهڙيءَ طرح ڇو ٿي حرڪت ڪري؟"

آئنسٽائن صاحب اڌ ڏاڪڻ لهي چڪو هو ۽ چوڻ لڳو "ياڪي چاچهن کان پُڇي وٺجانءِ، هو توکي ٻڌائيندو."

ياڪي چاچو آئنسٽائن جو پياءُ ۽ ڪاروباري وهنوار ۾ ڀائيوار هو. ٻنهي گڏجي بجلي جي سامان جو دڪان کوليو هو. هرمن آئنسٽائن دڪان ۽ ورڪشاپ جو حساب ڪتاب ڏسندو هو ۽ جيڪب آئنسٽائن عرف ياڪي، جيڪو سند يافتہ انجنيئر هو، اهو وري فني ڪمن ڪارين جي سنڀال ڪندو هو. البرٽ جي اڪيچار سوالن جو جواب ياڪي چاچي وٽ ئي هو.

البرٽ بستري ۾ ليٽيل رهندي قطب نما سان کيڏندو رهيو. ڪي ڪلاڪ ان کي هيڏانهن هوڏانهن ڦيرائيندو، هيٺ مٿي ڪندو رهيو. پر ضدي سوئي هر دفعي ڦرندي اُتر طرف اشارو ڪرڻ لڳي. البرٽ جي ذهن تي سوالن بوڇاڙ ڪئي. زندگيءَ ۾ پهريون ڀيرو هن کي پتو پيو هو تہ فطرت ۾ ڪي شيون اهڙيون بہ آهن جن کي نہ ڏسي سگهجي ٿو ۽ نہ وري ڇُهي سگهجي ٿو، ايتري تائين جو انهن جو تصور بہ نٿو ڪري سگهجي. خلا جي ڪائي اڻ ڏٺل قوت ان سوئيءَ کي ڇوري ٿي. پر ياڪي چاچي ٻڌايو هيس، تہ خلا ۾ تہ ڪجهہ بہ ڪونهي، پر جڏهن خلا ۾ سوئيءَ کي حرڪت ڪرائيندڙ قوت موجود آهي، تہ ان کي خالي ڪيئن چئي سگهجي ٿو.

هو گهڻي دير تائين خاموش ليٽيو سوچيندو رهيو. سندس ماءُ، جڏهن اندر آئي، تہ پٽ کي ايئن ششدر ڏسي گهٻرائجي ويئي. البرٽ جون اکيون ٽمڪي رهيون هيون ۽ منهن ڳاڙهو لڳو پيو هيس. هن پٽ کي ريجهائي ڪري ڪانئس رانديڪو ورتو ۽ کيس سمهڻ جي لاءِ چئي هلي ويئي، پر البرٽ وڏي دير تائين نہ سمهي سگهيو. اهو قطب نما

البرٽ جو سڀ کان پيارو رانديڪو ٻڌجي ويو هو جنهن سائنس جي حيرت ڀري دنيا سان هن جي سڃاڻپ ڪرائي. ياڪي چاچي جي شفقت ۽ پنهنجي خاندان جي محبت جي باوجود البرٽ آئنسٽائن اسڪول ۾ ڪو نانءُ پيدا ڪري نہ سگهيو. هو پوري غور ۽ فڪر ڪانسواءِ ڪا ڳالهہ نہ چوندو هو ۽ جيستائين سوچيندو رهندو هو، تيستائين ٻين جي صبر جو پيالو ڇُلڪي پوندو هو ۽ ڪلاس اڳتي وڌي ويندو هو.

آئنسٽائن جڏهن نون سالن جو ٿيو تہ پرائمري اسڪول جي آخري جماعت ۾ اچي ويو. جيستائين هن کي پنهنجي ڳالهہ پوري ٿيڻ جي پڪ نہ ٿيندي هئي، تيستائين ٻيو ڳالهائيندو هو. ٻلي دڙڪا چو نہ کائڻا پونس، پر البرٽ ڪڏهن بہ غلط يا گمراهہ ڪندڙ جواب نہ ڏيندو هو. جنهن جي ڪري سندس هم ڪلاسي کيس ”ايماندار“ چئي چڙيندا هئا ۽ پاڻ سزا کان بچڻ لاءِ جيڪو ڪجهہ ٿئي، جواب ڏئي ڇڏيندا هئا.

ڏهن سالن جي عمر ۾ البرٽ اسڪول کي الوداع چئي لوئٽپولڊ جمنازيئم ۾ داخل ٿي ويو. جرمنيءَ ۾ جمنازيئم انهن اسڪولن کي چيو وڃي ٿو جتان شاگردن کي اهڙي ڊپلوما ملندي آهي، جنهن ڪانسواءِ انهن لاءِ يونيورسٽي جا مٿيان در نٿا کلي سگهن. لوئٽپولڊ ۾ هن جي تعليم جي شروعات تہ ٿي ويئي، پر سندس والدين فڪرمند هئا. ابتدائي درجن ۾ البرٽ هميشہ سيني کان پٺتي رهيو هو ۽ امتحانن ۾ سيني کان گهٽ نمبر کڻي پاس ٿيو هو. جنهن ڪري سيئي هن کي هڪ موڳو ۽ ڍلو شاگرد سمجهندا هئا.

اهو هو البرٽ آئنسٽائن جو ننڍپڻ، جيڪو هاڻي دنيا جي سيني وڏن سائنسدانن مان هڪ آهي.

(2)
اسڪول ۾ ڏکيائي

البرٽ آئنسٽائن ڏاڍو مشهور ماڻهو هو. هو جتي به ويندو هو اخباري نمائندا سندس پُٺيان پئجي ويندا هئا. هن جو چهرو دنيا جي چپي چپي ۾ جاتل سڃاتل هو. بادشاهه سندس ميزباني کي پنهنجي لاءِ عزت سمجهندا هئا. هو ڪنهن شهر مان لنگهي، ته سندس جهلڪ ڏسڻ لاءِ ماڻهن جا هجوم ٽٽي پوندا هئا. آخري ڏينهن ۾ ته اڪثر ڪري هن کي هڪ ذاتي محافظ جي ضرورت پئي، ته جيئن هو پنهنجن انهن پرستارن کان محفوظ رهي سگهي، جيڪي سندس جنون ۾ اچي ڪوٽ جو بٽڻ ڇني ڪيڏڻ يا ڳچيءَ مان مفلر ڇڪي وٺڻ کان به نه مُڙندا هئا، ته جيئن ان کي يادگار طور سنڀالي رکي سگهن.

هڪ ڏينهن جڏهن آئنسٽائن هڪ ريلوي اسٽيشن تي لٿو ته هن کي ڏسڻ لاءِ ماڻهن جا ڪٽڪ اچي ڪٺا ٿيا. انهيءَ ميڙاڪي جي اڳينءَ قطار ۾ هڪ همراهه پنهنجي پٽ سان گڏ بيٺو هو. جڏهن ببر شينهن جي ڪنڌ جهڙو وڪريل وڏن اڇن وارن وارو، ڪجهه ڪبڙو پوڙهو ريل مان لٿو ته انهن ٻنهي به ٻين سان گڏجي تاڙين سان سندس پليڪار ڪيو. پوءِ پيءُ مُڙي پٽ کي چيو ته ”پٽ، هن پل کي متان وسارين. تو اڄ جنهن کي ڏٺو آهي، هن جهڙو ذهين ماڻهو انساني تاريخ ۾ ڪڏهن به پيدا ناهي ٿيو.“

ماڻهو البرٽ آئنسٽائن جي باري ۾ ايئن سوچيندا هئا ۽ ڪيتري نه حيرت جي ڳالهه آهي، ته هن جي اها شهرت ڪجهه اهڙن نون سائنسي نظرين جي بنياد تي ٿي، جن کي دنيا جا تمام ٿورڙا ماڻهو ئي سمجهي سگهندا هئا ۽ ماڻهن کي اها ڳالهه پسند هئي. آئنسٽائن جا

نظريا طبعيات سان لاڳاپيل هئا. جيڪو مادي شين ۽ عملن جو علم آهي.

دنيا جي هر شيءِ مادي مان ٺهي آهي. ڏاتو انسان، پاڻي، هوا ايتري تائين جو سج، چنڊ، تارا بہ. انهن شين جي باري ۾ آئنسٽائن جا تصور ايتري قدر انوکا هئا، جو ٻيا سائنسدان هن کي ذهني حوالي کان بلند سمجهندا هئا. هن جي غير معمولي ذهانت جي ڪري هر هنڌ عزت ۽ مانُ ڏيندو هو. ان مانيٽي طبيعت ۽ هر ڪنهن سان نوڙت ڪندڙ سائنسدان جو ماڻهن جي دلين تي راڄ هو پر اهي سڀ ڳالهيون گهڻو پوءِ جون آهن. انسان ڳُجهہ جا ڄاڻو ناهن هوندا. ان وقت جڏهن آئنسٽائن اڃا ٻالڪ هو تہ ڪنهن تي ڄاتو تہ هو هڪ ڏينهن ڪو نانءُ پيدا ڪندو. لوئٽپولڊ جمنازيئم ۾ سندس سنجيدگي ۽ خاموشيءَ کي موڳائپ جو معمول ڪري ورتو ويو هو ۽ گهر ۾ سندس هيڪلائي پسند طبيعت جي ڪري کيس ”ماڻهن بيزار“ سمجهيو ويندو هو.

البرٽ جي لاءِ ان درسگاهہ ۾ ڏينهن گذارڻ ڏکي کان ڏکيا ٿي پيا هئا. هن کي لاطيني ۽ يوناني زبانون سکڻيون پونديون هيون. جڏهن تہ نہ هن جي ٻولي ڏارين لفظن جي اُچارڻ ۾ هن جو ساٿ ڏيئي، نہ ئي هن کي گرامر جا قاعدا ياد ڪرڻ جو شوق هو. پاڙهڻ جو جيڪو طريقو رائج هو تہ هڪ هڪ ڳالهہ کي وري وري لکيو ۽ سوين ڀيرا طوطي وانگي رٽيو وڃي، آئنسٽائن کي ان کان نفرت ٿي وئي هئي. هن کي جيترو مجبور ڪيو ويندو هو اوترو ئي اڙجي ويندو هو ۽ سندس ذهن ان جبر کي قبول نہ ڪندو هو.

تاريخ سان هن کي گهڻو لڳاءُ نہ هو. هن جي سمجهہ ۾ اهو نہ ايندو هو تہ جڏهن ضرورت جي وقت سموريون تاريخون ڪتابن ۾ لکيل ملي سگهن ٿيون ،تہ انهن کي ياد رکڻ جي ڪهڙي ضرورت هئي.

هر مضمون ۾ البرٽ جي ”ڇو؟“ مان سندس استاد تنگ هئا. هيءُ ڇو ٿيو؟ هُو ڇو ٿيو؟ هو سوال پڇندو ويندو هو. آخر استاد تنگ ٿيندي تپي ويندو هو. ”ڇو کي ڇڏ، جواب ڏي.“

البرٽ جي سوالن ڪري ڪن وقتن تي ٻين کي شرمندگي ڪڻڻي پوندي هئي. ان لاءِ، تہ ڪن سوالن جو واقعي بہ ڪو جواب نہ هوندو هو ۽ جيڪڏهن هو بہ، تہ سندس استادن کي معلوم نہ هو.

ياڪي چاچو جيترو ٿي سگهندو هو سندس مدد ڪندو هو. هڪ دفعي البرٽ پڇيو تہ "الجبرا ڇا هوندي آهي؟" تہ ياڪي چاچي ٻڌايس، تہ "الجبرا وڏو مزيدار علم آهي. ان ۾ هڪ گمنام جانور جو شڪار ٿيندو آهي جنهن کي 'X' جو نالو ڏنو ويجي ٿو. جڏهن 'X' شڪار ٿي ويندو آهي تہ وري ان جو صحيح نالو رکيو ويندو آهي."

البرٽ کي ان مضمون ۾ ايتري تہ دلچسپي پيدا ٿي جو جڏهن ٻيا ڇوڪرا معمولي جوڙ ڪٽ جي حسابن ۾ ڦُڪون ڪري رهيا هئا، تہ هو ان مضمون کي سمجهڻ لڳو هو.

البرٽ کي ان دوران مطالعي جو چسڪو بہ پئجي ويو. ابتدائي درجن ۾ اکر جوڙي لفظ ٺاهڻ هن جي لاءِ مشڪل هو پر هاڻي هيءَ ڏکيائي سولي ٿي وئي هئي. جمنازيئم ۾ هن کي پتو پيو تہ هر حرف ملائي لفظ جوڙي سگهجي ٿو. جن جون عجيب غريب معنائون هونديون آهن. اهي گوئٽي ۽ شِلر جا نظم ٻڌائن ٿا، چاڻ پهچائن ٿا.

البرٽ کي پتو پيو تہ پنهنجن استادن کي ڪاوڙائڻ بنا انهن لفظن سان هن کي پنهنجن سوالن جا جواب بہ ملي سگهن ٿا.

جيئن جيئن سال گذرندا ويا، هن جو مطالعو وسيع ٿيندو ويو. البرٽ کي مشهور سائنسي ڪتابن جو هڪ سلسلو بہ ملي ويو جنهن جو نالو "فطري علم بابت برنسٽين جا مشهور ڪتاب" هو. انهن ڪتابن مان هن کي جانورن، ٻوٽن، ڪڪرن، شهاب ثاقبن ۽ جوالا مکين جهڙين شين جي باري ۾ معلومات ملي. انهن ڪتابن ۾ ڪيترن ئي سائنسي موضوعن جو مختصر ذڪر هو جيڪو البرٽ جي ذهن تي ڇانجي ويو. هڪ دفعي مٿين درجي جي ڪلاس مان ڪيس "اقليدس" جو ڪتاب ملي ويو جنهن کي هو صرف ٻن هفتن ۾ ڇٽي ويو ۽ ان جا ڪيترائي سوال بہ حل ڪري ويو. ان ڪتاب مان هن

ڪي جيڪا خوشي ٿي هئي ۽ جيڪو لطف مليو هو اهو البرٽ سڄي زندگي وساري نہ سگهيو.

موسيقي البرٽ جي لاءِ خوشي ڏيندڙ هئي. ننڍپڻ کان ئي هو باخ، بيٿون ۽ موزارٽ جون تخليقي ڌُنون ٻڌندو آيو هو. هن جي مائٽن کي موسيقي سان بي انتها لڳاءُ هو ۽ هنن جي گهر ۾ هر هفتي موسيقيءَ جا شوقين فنڪار گڏ ٿيندا هئا ۽ راڳ رنگ جي محفل مچي ويندي هئي. البرٽ مانيءَ جي ميز هيٺان يا پردن جي پٺيان لڪي موسيقي پيو ٻڌندو هو. ايتري تائين جو ڪنهن کي هن جي هئڻ جي سُڌِ پئجي ويندي هئي ۽ هن کي سمهڻ لاءِ موڪليو ويندو هو.

جڏهن البرٽ ڇهن سالن جو ٿيو تہ مسز آئنسٽائن هن جي لاءِ هڪ وائلن خريد ڪيو ۽ هن کي موسيقيءَ جي اسڪول ۾ داخلا وٺي ڏني. پر البرٽ ۾ ايترو صبر ڪونہ هو جو هو ايترا ڪلاڪ ماترائون ياد ڪري ۽ راڳڻيون ورجائي مشق ڪري. موسيقي هن جي من ۾ ڪونہ هئي. اصل موسيقي تہ موزارٽ جي ڌُنن جي رواني ۾ يا باخ جي جوشيلن آلاپن ۾ هئي.

جمنازيئم ۾ البرٽ ڪنهن نہ ڪنهن طرح اڳتي وڌندو ويو پر هو پنهنجي استادن ۽ دوستن تي ڪوبہ نقش ڇڏي نہ سگهيو. ڪنهن کي ان ڳالهہ جو اندازو نہ هو. تہ هيءُ ڇوڪرو سائنسدان بڻجندو وڃي ٿو.

جمنازيئم ۾ تعليم دوران آئنسٽائن کي سڀ کان وڌيڪ مزو ڪلاسيڪي ادب جي استاد پروفيسر روئيس جي ڪلاس ۾ ايندو هو. البرٽ پنهنجي هن استاد جو ذڪر هميشہ ٿورا ڳائيندي ڪيو. ڇو تہ انهيءَ جي ڪري هن کي مطالعي جو شوق پيدا ٿيو هو. ڪيترن سالن کان پوءِ، جڏهن البرٽ آئنسٽائن گهڻو مشهور ٿي چڪو هو تہ ميونخ وٽان گذرندي هن کي پروفيسر روئيس سان ملندي سندس ٿورن جو شڪريو ادا ڪرڻ جو خيال آيو. جڏهن پروفيسر در تي نڪ نڪ جو آواز ٻڌي دروازو کوليو تہ دروازي جي ٻاهران بيٺل نوجوان کي سڃاڻي نہ سگهيو.

”توهان کي ياد نٿو اچي.“ آئنسٽائن چيو ”ڪڏهن مان توهان جو شاگرد هئس.“

پروفيسر مرڪندي اوپري نوجوان کي شڪ جي نظرن سان ڏٺو. هو هن کي بلڪل ڪونه سڃاڻيندو هو. خدا ڄاڻي ڪهڙي ڪم سان آيو آهي، پروفيسر سوچيو. شايد اوڏر وٺڻ گهري ٿو. جيتري تيزي سان ممڪن ٿيو پروفيسر در بند ڪري ڇڏيو ۽ دنيا جو سڀ کان ذهين نوجوان اداس موٽي ويو.

جمنازيئم ۾ البرٽ جو آخري سال هو ته گهر معاشي گهوٽالي جو شڪار ٿي پيو. بجلي جي سامان جو ڌنڌو بيهي ويو. هر ماڻهو پريشان هو. گهر وارا وڏا وڏا بحث ڪرڻ لڳا، ته هاڻي ڇا ٿيندو! نيٺ گهر وڪڻي اٽليءَ جي شهر ميلان منتقل ٿيڻ جو طئي ڪيو ويو جتي ڪي اهڙا مائٽ هئا جيڪي نئين سري سان ڪاروبار شروع ڪرڻ ۾ سهائتا ڏيئي سگهيا ٿي.

وڃڻ جو طئي ٿي ويو. هاڻي ماءُ کي ان ڳڻتيءَ اچي ورايو. ته ”البرٽ جو ڇا ٿيندو؟ سندس عمر اڃا پندرنهن سال آهي ۽ هن کي ڊپلوما ملڻ تائين هتي ئي رهڻو پوندو.“

مسٽر آئنسٽائن ڪمري ۾ گهمندي چوڻ لڳو. ”ها ٻچڙي لاءِ اسان ڇا ڪريون؟ مايا ته ننڍڙي آهي، ماحول جي تبديليءَ جو ايترو اثر نه وٺندي، پر البرٽ....“ هن جوڙس تي ڳڻتيءَ جوڳي نظر وڌي. ڪجهه چوڻ جي ضرورت ڪانه هئي. هن کي سڌ هئي، ته هن جي پٽ جو ڪم تسلي ڏيندڙ هو ۽ هن وقت جيڪڏهن ڪائي تبديلي هن جي زندگيءَ تي اثرانداز ٿي، ته ڳالهه ايتري بگڙي ويندي جو ڪڏهن سڌري نه سگهندي. ماءُ چاهيندي هئي، ته سندس پٽ هن سان گڏ رهي پر هن جي ڀلائي جو خيال حاوي ٿي ويو هو. هن فيصلو ڪندڙ انداز ۾ چيو ”اسان هن کي هتي ڇڏي ويندا سين. ڊپلوما وٺڻ ڪانپوءِ هو ميلان ۾ اسان سان اچي ملندو.“

نيٺ اهو ڪيو ويو. البرٽ ميونخ جي هڪ هاسٽل ۾ رهڻ لڳو ۽ جمنازيئم ۾ هن جو آخري سال گهر وارن کان پري گذريو.

گهر وارن جو ميلان وڃڻ ڪانپوءِ البرٽ ڪنهن نہ ڪنهن طرح پڙهائي ۾ لڳو رهڻ جي ڪوشش ڪندو رهيو. اسڪول سان هن جي نفرت وڌي رهي هئي ۽ ڏينهون ڏينهن هو اداس ٿي رهيو هو. هاڻي تہ هڪ سنو گهر ۽ پيار ڪندڙ گهر وارا بہ ڪونہ هئا جيڪي سندس آٿت بڻجن. وري استادن سان بہ اڻ بڻت وڌي ويئي هئي. هڪڙي ڏينهن هڪ ماستر هن کي سڏايو ۽ چيو تہ "آئنسٽائن! مون کي اڄ توکي اهو چوڻو پيو آهي، تہ تون منهنجي ڪلاس ۾ سوال ڪرڻ بند ڪر. انهن جو مون وٽ ڪوبہ جواب نہ هوندو آهي ۽ شاگردن ۾ منهنجو وقار ختم ٿيندو پيو وڃي، بلڪ منهنجو خيال آهي، تہ جيڪڏهن تون اسڪول کي ڇڏي وڃين، تہ چڱو آهي."

اهو اهڙو آخري موقعو هو جو البرٽ آئنسٽائن جي لاءِ جمنازيئم ۾ رهڻ اڻ ٿيڻو ٿي ويو. هن پنهنجي ڊاڪٽر کي لاچار ڪري اهو لکرايو تہ هن جي صحت خراب آهي ۽ کيس آرام جي ضرورت آهي. جمنازيئم جي آفيسرن جيڪي پهرئين کان ئي تاڙيون وڄنا هئا، ميڊيڪل سرٽيفڪيٽ ڏسندي ئي هن کي سُتت موڪل ڏئي ڇڏي ۽ هو تڪڙو ريل ذريعي ميلان روانو ٿي ويو.

(3)

اٽليءَ جو سير

اٽلي! هي ان رنگين جادو نگريءَ جو نانءُ آهي جتي وشال نيري آسمان مان گذرندڙ سج جا ڪرڻا هر شيءِ کي سونهري امرتا بخشين ٿا.

البرٽ هتي مس پهتو ئي هو ته هن ڌرتيءَ جي جادوءَ ۾ جڪڙجي ويو. ميونخ ۾ گذاريل پوين ڇهن مهينن جا ڏک ڏور ٿيڻ لڳا. گهر وارا هن جي اچڻ تي گهڻو خوش ٿيا. امڙ اڳيان اچي ياڪر پاتس، پوءِ پوئتي ٿيندي هن کي غور سان ڏٺائين ۽ جيڪو ڪجهه ڏٺائين هن کي ڏسي هوءَ اداس ٿي وئي. هن جو وزن گهٽجي ويو هو رنگ پيلو ٿي ويو هئس، اکيون اجهاڻيل هيون، جڻ ڪنهن اڻ وڻندڙ منظر تي نظر پوندي ڏڇن پيون.

"اڙي، تون ڪيترو نه سنهڙو ٿي ويو آهين منهنجا البيٽل!"

ماءُ جي لهجي ۾ سمورو پيار، سموري محبت سمائجي ويئي هئي. ماءُ هن کي پيار وچان سدائين البرٽل چوندي هئي، يعني ننڍڙو پيارو البرٽ. پر ايئن لڳندو هو جڻ هوءَ "البيٽل" چئي رهي آهي. "چڱو هاڻي تون گهر اچي ويو آهين، هاڻي ٺيڪ ٿي ويندين. ڀلا ٻڌاءِ، ته روزانو رات جي مانيءَ ۾ توکي ڇا ڏنو وڃي؟"

البرٽ جون اکيون شرارت وچان چمڪي پيون. "جهرڪي جا آنا ۽ سُرڪي واري چٽڻي."

"ان کي پنهنجن خوابن تي قرباني ڏيئي ڇڏ پٽ." ماءُ چيو "هيءُ سڀ ڪجهه نٿو ملي، توکي ته دال جي گهاٽي ٻوڙ جو پيالو ۽ تنهنجي پسند جي چٽڻي ملندي" مسز آئنسٽائن کاڌي جي معاملي ۾ ماهر هئي

۾ هن کي پڪ ٿي ويئي هئي، ته سندس ڪمزور پٽ کي ڇڙو سٽيي قسم جي جرمن ڪاڏن مان ئي طاقت ملي سگهي ٿي.

ماءُ جي ڳالهه تي البرٽ مُرڪي پيو. گهر ۾ ڪيڏو نه سڪون، ڪيترو نه آرام هو. هن جي جاءِ تي پيو ڪو ڇوڪرو هجي ها ته خوشيءَ ۾ شور ڪري ها. ڊوڙون پائي نئون گهر ڏسي وٺي ها. نئين ملڪ جي باري ۾ ڳالهيون ڪري ها ۽ گذريل ڇهن مهينن جو ڏک سُور اوري ها. پر البرٽ ايئن ڪونه هو. هن کي ته بس اها خوشي ۽ اطمينان هو ته گهر وارن جي محبت جي حرارت ڪيس انهن خيالن کان آزاد ڪري ڇڏيو هو جيڪي جرمني جي جمنازيئم جي سخت قاعدن سبب سندس ذهن ۾ ئي گُهٽجي رهجي ويا هئا.

البرٽ جا والدين سڌا سادا پورهيت ماڻهو هئا. سندن پُٽ جو مائيٽو سياءُ سمجهه ۾ نه ايندو هو. هو ته دوستن جي محفل ۾ به تنها نظر ايندو هو. توڙي جو هن ڇوڪري پاڻ ڪڏهن به ڪجهه ڪونه چيو نه ئي پنهنجا ڪي احساس اظهاريا، پر اها مائٽن جي محبت ئي هئي جنهن هن جي ذهني پريشاني ۽ انتشار کي هنن اڳيان ظاهر ڪيو.

”منهنجو خيال آهي، ته ميونخ ۾ گذريل مهينا ڏاڍا خراب گذريا اٿئي.“ پيءُ چيو.

”ڇوڪرو ئي ته آهي، هرمن. ٿڪجي پيو آهي، وڏيڪ ڪم ٿي ويو هوندس.“ ماءُ چيو ”هاڻي ڪجهه نه ڪجانءِ. هن آبهوا ۾ رهندي جڏهن هو منهنجي هٿ جو پڪل کاڌو کائيندو ته سندس صحت ٺيڪ ٿي ويندي.“

البرٽ جي پيءُ هوريان ڪنڌ لوڏيندي چيو ”هو ته خير ٺيڪ آهي، پر ڏنڊي ڏاڙهيءَ جي حالت کان اڻ واقف ته ڪونهي. پائولين اسان وٽ ايترو پيسو ڪٿي آهي، جو جوان ٿيندڙ ڇوڪري جون چڱي نموني ضرورتون پوريون ڪري سگهون. مان هن کي اهو ته ڪونه پيو چوان، ته هو پنهنجي روزي روٽي پاڻ ڪمائي، پر هن کي پنهنجي مستقبل جي باري ۾ پاڻ به ته سوچڻ گهرجي نه. هو آخر ڇا ڪندو؟

ڪهڙو ڏنڊو ڏاڙي ڪندو؟ ڪنهن قاعدي جي ڪم جو اهل ته نظر نٿو اچي. بجلي جي سامان سان هن کي ڪو لڳاءُ ناهي. سچ پڇين، ته پڙهڻ ۽ سوچڻ کان سواءِ، هن کي ڪنهن شيءِ ۾ دلچسپي ڪونهي.“

مسز آئنسٽائن خاموشيءَ سان چيو. ”رياضيءَ ۾ هو ڏاڍو تيز آهي. ڇا هيءُ علم ڪنهن ڪم نٿو اچي سگهي؟“

ها، هو انگن جي ڳڻپ ۽ رياضيءَ ۾ پڪو ته ضرور آهي پر رڳو انهن سان نه هو انجنيئر بڻجي سگهي ٿو نه وري ڪو ٽيڪنيڪي ڪم ڪري سگهي ٿو. منهنجو خيال آهي، ته اسان کي هن سان ان مسئلي تي ڳالهه ضرور ڪرڻ گهرجي. شايد ڪا خبر پوي، ته هن کي ڪهڙي عملي ڪم ۾ دلچسپي آهي.“

”تون ٺيڪ ٿو چوين هرمن.“ مسز آئنسٽائن اتفاق ڪندي چيو. پر هن جي اکين ۾ ڪو مونجهارو هو. هن کي پنهنجي آئيندي جو اونو ڪرڻ گهرجي. پر ڇا اهو چڱو نه ٿيندو، ته هن کان پهرئين هو ٿورو گهمي ڦري وٺي. ڪيس آرام جو ڪجهه موقعو ڏيڻ کپي. هو ڪافي پريشان ۽ مايوس رهي چڪو آهي.“

جيئن ته اهو طئي ٿي ويو ۽ ڪجهه ڏينهن لاءِ البرٽ جي تعليم جو سلسلو ختم ڪيو ويو. والدين کي اُميد هئي، ته سير ۽ تفريح سان هن جي تندرستي ۽ توانائي موٽي ايندي ۽ هن جو وري پڙهائيءَ ڏانهن لاڙو به ٿي ويندو.

پنهنجي ليکي ڪجهه عرصو گذارڻ جي اهڙي اجازت ملڻ تي البرٽ پنهنجي والدين جو احسان مند هو. جو ته هن جا خيال نون طرفن ڏانهن روان هئا ۽ هن کي اڪيلائيءَ جي ضرورت هئي، توڻي جو ڪنهن ڳالهه متعلق ڪجهه طئي نه ٿيو پر هن اهو ضرور طئي ڪري ورتو هو ته هو ڪڏهن به جرمنيءَ واپس نه ويندو. گهٽ ۾ گهٽ اتي اسڪول ۾ ته هرگز داخل نه ٿيندو. چيڙاڪ ماسترن جي سامهون ويٺي تاريخون رٽڻ ۽ لاطيني فعلن جي ڦيرن کان پري ڀڳو. سندس من ۾ مسقبل بابت ڪو چٽو تصور نه هو. في الحال ته هُن انهن ٿورن پُرسڪون ڏينهن مان پورو پورو مزو ماڻڻ تي گهريو.

مطالعي جي مڪمل آزاديءَ تي البرٽ کي سڀ کان وڌيڪ خوشي ٿي. هاڻ هو انهن ڪتابن جو مطالعو ڪري سگهيو ٿي، جن کي پڙهڻ جي لاءِ ڪيتري ئي عرصي کان هن جو من هرکي رهيو هو. هو برابر پڙهندو رهندو هو. ڪيڏانهن به ويندو هو ته سندس بغل ۾ ڪتاب ضرور پيل هوندو هئس.

مايا جون اطالوي ساهڙيون هن جي خاموش ۽ سنجيدي پاءُ کي پسند ڪرڻ لڳيون هيون. هو هن کي "البرتو" سڏينديون هيون ۽ گهمڻ ڦرڻ وينديون هيون، ته هن کي دعوت ڏينديون هيون. هو ڪچهريءَ ۾ نه اڱرائي ڪندو هو نه وڏي چڙهي بي تڪليفي سان حصو وٺندو هو. ها، هن جو لطيفا ٻڌائڻ ۽ ڳُجهارتون ڏيڻ جو طريقو ڏاڍو دلچسپ هو. سدائين انهن کي ڇڏي ڪلاڪن جا ڪلاڪ گم رهندو هو. ۽ جڏهن ڳولها ٿيندي هئي، ته هو ڪنهن پهاڙ جي اوٽ ۾ يا ڪنهن وڻ جي ڇانوَ ۾ ويٺي پڙهندي ملي ويندو هو. پيرين پنڌ هلڻ البرٽ جو سڀ کان محبوب مشغلو هو. پيادل هلڻ وارو ماڻهو فطرت جي تمام ويجهو هوندو آهي. البرٽ چهل قدمي ڪندي هر شيءِ تي نظر وجهندو ويندو هو. نديڙي ڪولِ، جهرڻي جي آواز ڪنهن پٿر جي شڪل ۽ شفق جي خوبصورت رنگن سان البرٽ کي دلچسپي هئي. تيز هوا سان جڏهن ڍنڍ ۾ لهرون پيدا ٿينديون هيون، ته هو انهن جي شڪلين تي غور ڪندو هو. چنڊ ۽ تارا نظر اچن، ته هو سوچيندو هو ته انهن کان اڳتي ڇا آهي؟ هن کي انسان جي جوڙيل شين سان به دلچسپي هئي. ميلان ڪٿيڊرل نالي عظيم ڪليسا جي اوچي ۽ اعليٰ ڇت جي هيٺان، جتي هڪ وقت ويهه هزار ماڻهو عبادت ڪندا آهن، هن ڪيئي ڪلاڪ گذاري ڇڏيا. هو سوچيندو هو ته سخت پٿرن سان هن نموني نازڪ جاريدار مينار ڪيئن ٺهي سگهن ٿا؟ ميلان جي مشهور ڪليسا سينٽ ماريا ڊيلي گرازي جي پٽ تي ليونارڊو ڊاونچي جي ٺاهيل "آخري رات جي ماني" نالي شاهڪار تصوير جو هن گهرو مطالعو ڪيو. پنهنجي ماءُ سان ان جو ذڪر ڪندي البرٽ ٻڌايو ته "تصوير اجا تائين ڏاڍي

خوبصورت آهي پر ڊاونچيءَ جيڪي رنگ استعمال ڪيا هئا، اهي ڊنڊلا ٿي ويا آهن.“

”اهي تہ ٿيڻا ئي هئا.“ ”’آخري رات جي ماني‘ چار سئو سال اڳ تاهي ويئي هئي. منهنجو خيال آهي، تہ چئن سئو سالن ۾ تہ رنگ ئي اُڏامي وڃڻ گُهرجن.“

البرٽ ڪنڌ لوڏيو ”۽ ان کان وڌيڪ پراڻا ڪيترائي شاهڪار بہ تہ آهن، پر انهن جا رنگ جهڪا ناهن ٿيا، اڄ تائين اهڙا ئي چمڪن ٿا. ڊاونچي اصل ۾ تجربا ڪندو هو. هو نوان نوان رنگ استعمال ڪندو هو جيڪي ڪنهن بہ اڳ ڪونہ لڳايا هئا. هو اصل ۾ سائنسدان هو جيڪو ڄاتل سڃاتل شين کان اڳتي وڌڻ چاهيندو هو.“

مسز آئنسٽائن پنهنجا ڪلها سوڙها ڪندي چيو ”جيڪي شيون آهن انهن ۾ قناعت ڪرڻ گهرجي. سائنسدان! هونهن! نين شين جو تجربو ڪرڻ ۽ ڄاتي واڻي پراڻين شين کي ڇڏي ڏيڻ اهو ڪم آهي هن جو! جيڪڏهن هن کي عقل هجي ها، تہ هن تصوير جا رنگ اڄ بہ اوترا ئي چمڪندڙ هجن ها، جيترا ڪلهہ هئا.“

پر البرٽ کي ڪجهہ بہ ٻڌڻ ۾ نہ پئي آيو. هن جي اکين ۾ اهو وڃايل پل اچي ويو هو جنهن کي هو گهڻو ڄاڻيندو هو. سندس ماءُ خاموش وکن سان ڪمري مان ٻاهر نڪرڻ لڳي، تہ البرٽ کيس واپس سڏي ورتو. ”امان، مان هن ملڪ کي گهمي ڏسڻ چاهيان ٿو. هتي ڪيتريون ئي سهڻيون ۽ دلچسپ شيون آهن.“

”گُهمي ڏسڻ گهرين ٿو پر تنهنجي اهڙي تفريح جي لاءِ اسان وٽ پئسا نہ آهن. تنهنجي پيءُ جو ڪاروبار بہ سٺو نہ پيو هلي.“ البرٽ ڳالهہ ڪاٽيندي چيو ”مون کي خبر آهي، مان اوهان کان ڪجهہ بہ نٿو گهران. مان پيادل سفر ڪرڻ چاهيان ٿو. مون کي ڪنهن رهائش گاهہ جي گهرج ڪونهي. مان کليل آسمان هيٺان سمهندس پيو.“

ٻئي ڏينهن هو روانو ٿي ويو. لومبارڊي جي ميدان مان پنڌ گذرندي هو جنيوا پهتو. پوءِ خوبصورت ڪاڏل اطالوي ساحل سان گڏوگڏ گهمندو

پيزا اچي پهتو. هتان ڪان هو ملڪ جي اندر هليو ويو ۽ پهاڙن جي هنج ۾ قديم ڀهراڙين ۾ گهمندو ڦرندو رهيو. فلورنس ۾ هن کي ڏاڍو مزو آيو. ڇو ته هي شهر فني شاهڪارن جو خزانو هو. شهر جي چوڌاري پکڙيل پهاڙن تان هن ان شهر کي ڏٺو جتي اڪيچار لازوال شاهڪار تخليق ڪيا ويا هئا.

البرٽ آئنسٽائن جي زندگي جو هيءُ دور ڏاڍو خوشين ڀريو هو. جڏهن هو ميلان موٽي آيو ته سندس جسم ۾ من جو ٽڪ لهي چڪو هو ۽ ڪليل هوا ۾ سمهڻ سان هن جو رنگ سانورو ٿي ويو هو.

پر گهر ۾ خراب خبر هنن جي انتظار ۾ هئي. پٽس جو ڏنڌو وري بيهي ويو ۽ سڄو گهر پاويا وڃڻ جون تياريون ڪري رهيو هو.

(4)
نئين دوستي

آئنسٽائن خاندان پريشان هو. پاويا ۾ نئون دڪان کولڻو ۽ نئون گهر ڳولڻو پيو هو ۽ اهڙين حالتن ۾ هن سورنهن سالن جي ڇوڪري جو هئڻ، جيڪو ڪاروبار هلائڻ ۾ ڪابه مدد نه پئي ڪري سگهيو بوجهه ئي بڻجي سگهيو پئي. وري هن جي وڌيڪ تعليم لاءِ البرٽ جي والدين وٽ مالي وسيلا به نه هئا. هنن البرٽ سان ان مسئلي تي ڳالهه ٻولهه ڪئي ۽ هن کي ڪنهن اهڙي ڪم ڪرڻ جي صلاح ڏني، جنهن سان هو جلد کان جلد پنهنجن پيرن تي بيهي سگهي. هنن چيو ته ”توکي پوري ڪوشش ڪرڻ گهرجي، عملي انداز ۾ سوچ.“

البرٽ ايتري عرصي کان سوچي رهيو هو. اطالوي ٻهراڙين ۾ گهمندي ڦرندي چمڪندڙ ڍنڍن ۽ نيري آسمان کي ڏسندي هو اهڙين سوچن ۾ گم رهندو هو. هو سوچيندو هو ته هن کي ڇا نه ڪرڻ گهرجي؟ هن اهو فيصلو ڪري ڇڏيو هو ته هو اهڙي هنڌ ڪتي ڪونه ويندو جتي سزا ڏيئي تعليم ڏني ويندي هجي، پوءِ ڇو نه هن کي هميشه جي لاءِ تعليم ڇڏڻي پوي. هن اهو به طئي ڪري ڇڏيو هو ته ”پوئتي نه پڇندس.“ دولت، شهرت ۽ ذاتي آسائشن جي پٺيان سڄي دنيا ڊوڙي پئي، پر هن جي لاءِ انهن شين جي ڪابه حيثيت ڪونه هئي. اهي شيون بلڪل بي معنيٰ هيون. پيشي جي باري ۾ سوچيندي البرٽ ٻين ڪيترن ئي امڪانن کان علاوه پڙهائيءَ جي باري ۾ به سوچيو هو. هن جو خيال هو ته جهڙي طرح هو پاڻ تعليم وٺڻ چاهي ٿو ساڳي طرح ٻين کي به تعليم ڏيڻ ڪيترو نه سنو ٿيندو. تعليم ۾ صبر ۽ ضابطي جي ضرورت پوي ٿي، شاگردن جي رهنمائي ڪرڻي ۽ انهن جي مدد

ڪرڻي پوي ٿي. انهن کي لاچار ڪري سيڪارڻ ۾ ڪجهه ڪين ٿو وري. البرٽ سوچيو ته جيڪڏهن اهڙو ڪم ملي وڃي، ته هن کي اطمينان ٿي ويندو. البرٽ کي خبر هئي، ته اهڙي پيشي جي لاءِ ڪجهه سرٽيفڪيٽن جي ضرورت آهي، جيڪي هن وٽ ناهن ۽ نه ئي انهن کي حاصل ڪرڻ جي وٽس قابليت ئي آهي. سچ پڇو ته ان وقت البرٽ جي زندگي جو پس منظر ۽ تجربو رڳو ايترو هو جو هن کي ڪو تمام معمولي ڪم ئي ملي سگهيو ٿي. البرٽ ان تي به راضي هو پر شرط اهو هو ته کيس سائنس جي باري ۾ غور فڪر ڪرڻ جي فرصت ملي.

البرٽ جا مائٽ پنهنجي پٽ جي رڳ رڳ کان واقف هئا. هنن کي هن سان محبت ضرور هئي پر هن جي غلطين جي پاسي کان هنن جون اکيون ڪڏهن بند نه ٿيون هيون. هو گهڻو ڪجهه ڄاڻيندو هو ته عام ڏنڌن جي معمول وارن ڪمن مان هو تمام تڪڙو دل ڪٽي وڃي. انهن جي لاءِ هو صرف خواب ڏسندو هو هن کي عملي زندگيءَ سان ڪوبه چاهه ڪونه هو نه قاعدن قانونن جي پرواهه هئي، نه ئي زندگيءَ ۾ ڪجهه ڪرڻ جو اٽل فيصلو هو.

آخرڪار اهو طئي ٿيو ته البرٽ کي ڪنهن ٽيڪنيڪي پيشي جي لاءِ ڪوشش ڪرڻ گهرجي. هن کي رياضي سان دلچسپي هئي، سندس پيءُ جو برقي انجنيئرنگ جو ڪاروبار هو ان ڪري هن پيشي جي اڳيان ان جي چونڊ قدرتي هئي. هن وٽ جمنازيئم جي ڊگري ته نه هئي، پر مائٽن کي اها اميد هئي، ته رياضي ۾ هن جي غير معمولي قابليت هئڻ ڪري هن کي ٽيڪنيڪي ڪاليج ۾ داخلا ملي ويندي. البرٽ جو ضد هو ته ڪاليج پلي پيو ڪٿي به هجي، پر اهو جرمنيءَ ۾ نه هجڻ گهرجي. هِن جا گهر وارا زيورڪ ۾ سوئس فيڊرل پولي ٽيڪنڪ يونيورسٽي ۾ هِن جي داخلا جي ڪوشش تي راضي ٿي ويا.

پاويا کان سوئزرلينڊ ۾ هڪ ماني مڃيءَ لائق رشتيدار خاندان کي خط لکيا ويا ۽ هڪ چاچو البرٽ کي هڪ سئو سوئس فرانڪ مهيني

وار موڪلڻ تي تيار ٿي ويو. انهن اهو فيصلو رڳو خاندان ۽ هن جي پالنا واسطي ڪيو هو. ڪين ان جو ڪوبہ اندازو ڪونہ هو تہ انهن جي امداد سان هڪ انسان وڏي منزل ماڻي ويندو. انهن ڏينهن ۾ هڪ سئو سوئس فرانڪ جيڪي اٽڪل پنجويهہ ڊالرن جي برابر هوندا هئا. توڙي جو اهو سستو دؤر هو پر پوءِ بہ اها وڏي رقم هئي. البرٽ تمام گهٽي ڪفايت شعاري سان ئي گذارو ڪري سگهندو هو. اهڙي طرح مالي وسيلن جو مسئلو طئي ٿي ويو. هاڻي رڳو زيورڪ وچي داخلا جو امتحان ڏيڻو هو. هڪ اُجري صبح جو البرٽ سوئزرلينڊ روانو ٿي ويو. هن کي اٽليءَ جي خوبصورت منظرن ڇڏڻ جو افسوس تہ هو پر سندس سامهون آلپس جبل هو جنهن جا نظارا ڪي گهٽ خوبصورت ڪونہ هئا. هن کي داخلا جي امتحان جي هينئر تائين ڳڻتي ڪونہ هئي. چاڪاڻ، تہ پاس ٿيڻ لاءِ هو رياضي تي ڀاڙيون ويٺو هو.

جيئن، تہ داخلا جي امتحان ۾ ڪجهہ ڏينهن باقي هئا، انهيءَ ڪري البرٽ حياتيات ۽ نباتيات جي مضمون ۾ پنهنجون ڪمزوريون دور ڪرڻ ۾ لڳي ويو. وري هن کي ٻولين سکڻ ۾ بہ ڪافي محنت ڪرڻي پئي. امتحان مٿان امتحان اچي رهيو هو ۽ البرٽ جي دل ۾ خوف بہ وڌي رهيو هو. هن امتحان ۾ رياضي ۽ طبعيات جا پرچا وڏي اعتماد ۽ خوشي سان حل ڪيا. امتحان ختم ٿيو ۽ نتيجي جو انتظار شروع ٿيڻ لڳو.

البرٽ کي وڌيڪ ڏينهن تائين انتظار ڪرڻو نہ پيو. جلدي ئي هن کي ڊائريڪٽر هرتسوگ جي طرفان آفيس اچي ساڻس ملڻ جو نياپو مليو. البرٽ ڊائريڪٽر جي آفيس ۾ ڊڄندو ڊڄندو پهتو.

”آئنسٽائن!“ ڊائريڪٽر نهايت چٽن لفظن ۾ چيو ”امتحان ۾ تو جيڪو ڪجهہ ڪيو آهي، ان کي اڳيان ڏسندي اسان تو کي داخلا نٿا ڏيئي سگهون.“ البرٽ خاموش بيٺو رهيو. هن جو مُنهن جذبن کان خالي هو. هن جي ٽڪل اکين جا پاڇا ڪجهہ گهراڻي ويا. هو سوچي رهيو هو تہ ساڳي پراڻي ڪهاڻي ورجائجي رهي آهي. مان هتي بہ

پڙهي نہ سگهندس ۽ مون کي پنهنجي سوالن جا جواب ڪڏهن نہ ملندا. هي رُليل گرام هر هنڌ منهنجي پُٺيان لڳو پيو ٿو. باندر جي ڪوپڙيءَ جي بناوت ۽ اڄ ڏٺيون تاريخون هر جاءِ منهنجي رستي ۾ رڪاوٽ بڻجن ٿيون.

البرٽ جي ڏکي مات ڏسي ڊائريڪٽر کي خيال ٿيو تہ شايد هن کي منهنجين ڳالهين سان ڪائي دلچسپي ڪانهي. هن کي ٿوري ڪاوڙ اچي ويئي ۽ هن ڪجھہ وڏي آواز ۾ چيو "تو ايترا خراب پرچا ڪيا آهن. جو مون کي سمجھہ ۾ نٿو اچي ۽ توکي داخلا جي درخواست ڏيڻ جي همت ڪيئن ٿي؟"

البرٽ تمام نرم آواز ۾ چيو "مون کي ڏاڍو افسوس آهي ڊائريڪٽر صاحب! توهان جي وڏي مهرباني..." ۽ مُڙي هوريان هوريان دروازي ڏانهن وڌيو.

هن ڇوڪري جي رويي ۾ ايتري قدر سادگي ۽ وقار هو جو ڊائريڪٽر متاثر ٿي ويو. "بيهجانءِ"، هن چيو "تو طبعيات ۽ رياضي جا پرچا ايترا سٺا ڪيا آهن جو اسان انهن جي آڌار تي توکي داخلا ڏيئي سگهون ٿا. پر منهنجي صلاح اٿئي، تہ تون ٻيهر جمنازيئم ۾ داخلا وٺ."

البرٽ وڏي سنجيدگي مان ڪنڌ لوڏيندي چيو "هائو جناب، مهرباني."

جڏهن هو دروازي ڏانهن وڌي رهيو هو. تہ ڊائريڪٽر وري سڏيندي چيس، "آرائو جي اسڪول ۾ داخلا جي ڪوشش ڪر."

جمنازيئم ۾ واپس وڃ. وري انهيءَ اداس ۽ جيل جهڙي ماحول ۾ پهچي وڃ. هڪ دفعو وري اتان جي تعليم جي مصيبت ڪڻ. هتيلن ماسترن جون چڙٻون سهہ. البرٽ پنهنجو پاڻ سان ڳالهايو. تہ هو واپس اسڪول نہ ويندو. هو آزاد آهي ۽ جيل جهڙي اسڪول ۾ نٿو وڃي سگهي. پر هاڻي هن وٽ ڪهڙو چارو رهي ٿو؟ جيستائين هو پنهنجي روزي روٽي نہ ڪمائيندو. هن لاءِ گهر جا دروازا بند رهندا ۽ سوئزرلينڊ ۾ هن کي نوڪري نٿي ملي سگهي، ڇو جو نہ ئي وٽس هن ملڪ جي شهريت آهي، نڪو هن جي هٿ ۾ ڪو هنر آهي.

اسڪول وڃان يا نہ وڃان؟ اهي سوال بہ هن جي ذهن ۾ هڪبئي سان وڙهندا رهيا. نيٺ مجبور ٿيندي، البرٽ زيورڪ کان اٽڪل 35 ميل پري، آرائو جي علائقي ۾ جمنازيئم ۾ داخل ٿي ويو. داخل ٿيڻ کان پوءِ البرٽ کي احساس ٿيو تہ هن صحيح فيصلو ڪيو هو. زندگي ۾ پهريون ڀيرو البرٽ آئنسٽائن کي اسڪول جو ماحول وڻيو. هن کي تعجب هو تہ آرائو جي هن اسڪول ۾ پڙهائي کان ڪيئن بيزاري نہ ٿيندي هئي. ڪلاسن ۾ کليل بحث مُباحثا ٿيندا هئا. هر مضمون جي لاءِ الڳ الڳ استاد هئا، جيڪي سوال پڇڻ تي ناراض ٿيڻ بدران شاگردن کي همٿائيندا هئا. بهترين سامان سان سينگاريل تجربيگاهن جا در شاگردن لاءِ کليل هئا. اهڙي ماحول ۾ البرٽ کي انهن مضمونن سان بہ چاهہ پيدا ٿي ويو جن سان هن کي نفرت هئي ۽ هن کي اها پڪ ٿي ويئي، تہ هاڻ جلد ئي سندس ناڪامين جي پُڄاڻي ٿي ويندي.

هن اسڪول جو هڪ استاد پروفيسر ونٽيلر هن محنتي ۽ مائيٽي طبيعت واري نوجوان ۾ وڏي دلچسپي وٺڻ لڳو هو. هڪڙي ڏينهن هن البرٽ کي چيو "اڄ رات منهنجي گهر ۾ ماني کاءِ. گهريلو ماحول ۾ هڪ شام گذارڻ سان توکي سڪون ملي ويندو." ۽ وري هن مسڪرائيندي مذاق ۾ ڳالهايو "۽ منهنجو گهر تمام وڏو آهي، ست ٻار آهن."

پهرئين تہ پنهنجي طبيعت کان لاچار ٿيندي البرٽ نهڪر ڪرڻ لڳو پر پروفيسر ونٽيلر هن کي مجبور ڪيو ۽ شام جو پاڻ سان گڏجي گهر هلڻ جو هن کان واعدو ورتو.

پروفيسر جي گهر ۾ هن کي ايترو تہ مزو آيو جو البرٽ هن جي زور پرڻ تي پنهنجي سوڙهي ۽ اونداهي ڪمري مان سامان کڻي وڃي وڏي گهر جي هڪڙي ڪمري ۾ اچي رهڻ لڳو. هن نئين گهريلو زندگي ۾ آئنسٽائن جلدي رائل مائل ٿي ويو. پروفيسر جا گهر وارا پنهنجي لڄاري مهمان جي "ماٺهن بيزاري طبيعت" کي سمجهي ويا هئا. هو هن جي اڪيلائي پسنديءَ کي ماٺهن بيزاري وارو معمول نہ چوندا هئا ۽ نہ

ئي هن جي اڪيلائي ۾ خلل وجهندا هئا. ڪڏهن ڪڏهن هو پروفيسر جي ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين سان گڏجي گهمڻ ڦرڻ يا تفريح ڪرڻ هليو ويندو هو. پر البرٽ کي سڀ کان وڌيڪ سڪون اڪيلي ڇهل قدمي ڪرڻ ۾ ملندو هو.

گهمندي ڦرنديءَ هو انهن سائنسي سوالن تي سوچيندو رهندو هو جيڪي سندس ذهن ۾ ڦرندا رهندا هئا. وري ڇهل قدمي سبب سندس ورزش بہ ٿي ويندي هئي. ٽيپي راند ۾ حصو وٺندي هو سدائين لهرائيندو هو ۽ ان طرح پنڌ هلڻ سان جسماني ورزش جي ڪوتا ڪنهن حد تائين پوري ٿي ويندي هئي. هي تمام ڊريون ۽ بنا ڪڙڪي وڪون وجهندو هو پر هن جي چال مان طاقت ۽ سگهارپ جو تاثر ملندو هو.

البرٽ آرائو ۾ پنهنجو وائلن پاڻ سان کڻي آيو هو. ننڍپڻ ۾ هن موسيقيءَ جي ڪاليج ۾ داخلا تہ ورتي هئي، پر موسيقي جي رسمي تعليم کي ڪلاڪن جي مسلسل مشق ڪان هن کي ڪِرپ ٿيندي هئي، جنهن ڪري هن کي وائلن وڄائڻ چڱي طرح آيو هو. هتي پروفيسر ونٽيلر جي گهر ۾ شام جو موسيقي جون اهڙيون ئي محفلون مچنديون هيون. جهڙيون هن جي والدين وٽ هونديون هيون ۽ هتي دوست گڏجي ڪري ساز وڄائيندا هئا. انهن محفلن ۾ البرٽ کي موزارٽ جون خوبصورت ڌُنون وڻنديون ويون ۽ هو انهن شوقين فنڪارن سان گڏ ملي انهن هلڪين ڦلڪين لطيف ڌنن جي مشق ڪرڻ لڳو. هن کي جيترو سڪون ڇهل قدمي مان ملندو هو ڪيس اوترو ئي سرور وائلن وڄائڻ مان ملندو هو ۽ سڄي زندگي اهي ٻئي شوق هن جي تسڪين جو ذريعو رهيا.

ونٽيلر ڪٽنب سان البرٽ آئنسٽائن جي دوستي هميشہ قائم رهي. انهيءَ لاءِ جڏهن ڪجهہ سالن ڪانپوءِ البرٽ جي ڀيڻ مايا جي شادي پروفيسر ونٽيلر جي پٽ سان ٿي ويئي، تہ ڪنهن کي بہ ان ڳالهہ جو تعجب ڪونہ ٿيو.

(5)

يونيورسٽيءَ جا ڏهاڙا

هڪ سال کان گهٽ عرصي ۾ البرٽ کي ڊپلوما ملي ويئي ۽ هو زيورڪ جي پولي ٽيڪنڪ يونيورسٽي ۾ داخلا لاءِ روانو ٿي ويو. ونٽيلر ڪٽنب کائنس محبت وچان موڪلايو. اسٽيشن تي هن سان ڪلندي ڳالهائيندي پوڳ چرچا ڪندا رهيا. چو تہ هنن کي خبر هئي، تہ هن شرميلي ڇوڪري جي لاءِ هيءَ وڇوڙي ويلا ڪيتري نہ پيڙا ڏيندڙ آهي.

"سلامت سان سفر تي ويندين ۽ ايئن ئي واپس ورندين." چوندي هنن همراهن هن سان هٿ ملايو هن جي پٺي ٺپي، ۽ کيس ڀَر لايو.

"ضرور ملڻ اچجانءِ، جيترو جلدي ٿي سگهئي واپس ورجانءِ، مٽان وسارين!" خدا حافظ" "خدا حافظ" آئنسٽائن موڪلائيندي گاڏي ۾ ويهي رهيو. ريل هلي، تہ هن دريءَ مان ٻاهر مُنهن ڪڍيو. سندس مُنهن تي دوستاڻي مُرڪ پکڙجي ويئي. "چڱو وري ملنداسين." هن هٿ لوڏيندي هنن کي الوداع چيو. ريل جي رفتار وڌندي ويئي ۽ تڪڙ ۾ اسٽيشن تي بيٺل "دوستن" جا چهرا دوري جي ڌنڌ ۾ غائب ٿي ويا.

جڏهن هو اتلي کان آرائو آيو هو. تہ هو پاڻ کي گهڻو تنها ۽ ننڍڙکو سمجهندو هو. ڪو بہ اوهي واهي ڪونہ هوس. پر هاڻي هن کي ننڍڙکي هئڻ جو ڪوبہ احساس نہ هو. آرائو ۾ هن کي ڊپلوما ڪانسواءِ ٻيو ڪجهہ بہ ملي ويو هو. هتي هن کي سُڌ هئي، تہ هن جي پسند جو علم ڪهڙو آهي ۽ اهو علم جي ڪهڙي شاخ ۾ ٿي سگهي ٿو.

گذريل مهينن ۾ هن جي واندڪائي جو پل پل طبعيات جي تجربي گاهہ ۾ گذريو هو ۽ هن طبعيات جي عظيم ماهرن جي لکڻين ۽

تحقيقن جو اپياس ڪيو هو. ڇو تہ هن کي (طوطي وانگر) رٽڻ کان سدائين نفرت هئي ۽ رياضي ۾ بہ فارمولا رٽڻا پوندا هئا. انهي ڪري هن جي دل مضمون مان بہ بيزار ٿي ويئي. هن جو ذهن تحقيق ڪرڻ گهري پيو. هن جا تصور هميشہ قدرت جي لڪل رازن کي ظاهر ڪرڻ جي ڪوشش ۾ رڌل رهندا هئا. انهيءَ لاءِ هن وٽ واضح ٿي ويو تہ هن جي ڳولها، هن جي جستجو رڳو طبعيات سان ئي ڪامياب ٿي سگهي ٿي ۽ هن کي پنهنجي زندگي انهيءَ مضمون جي لاءِ ارپي ڇڏڻ گهرجي.

آئنسٽائن کي رياضي کان چڙ ٿي ويئي هئي ۽ طبعيات جو بنياد رياضي تي آهي. طبعيات رياضي جي ٻولي ۾ ڳالهائي ٿي، پر پوءِ بہ آئنسٽائن جو رياضي جي پاسي لاڙو نہ ٿي سگهيو. جڏهن هو عظيم سائنسدان جي حيثيت سان مشهور ٿي چڪو هو ان وقت هن جي چوڌاري ماهر رياضيدان هوندا هئا. هو طبعيات جي مسئلن جو مطالعو ڪندو رهندو هو ۽ اهي ماهر هن جي نظرين ۽ خيالن کي رياضيءَ جي ٻوليءَ ۾ پوئيندا ويندا هئا.

جڏهن هو داخلا جي درخواست کڻي زيورڪ جي پولي ٽيڪنڪ يونيورسٽيءَ ۾ پهتو تہ ڪنهن کي بہ اهو اندازو نہ ٿي سگهيو تہ مستقبل جو هڪ عظيم سائنسدان داخلا وٺڻ لاءِ آيو آهي. ڊائريڪٽرن ڏٺو تہ جهڪيل ڪلهن، سنجيدين نظرن، وکريل وارن وارو هڪڙو نوجوان اڌورانڌا ڪپڙا لاپرواهي سان پائي داخلا وٺڻ آيو آهي. هو پنهنجو پاڻ ۾ ايترو گم هو جو بيوقوفيءَ جي حد تائين سادڙو نظر پئي آيو پر هن جا سمورا ڪاغذ پٽ ٺيڪ هئا. انهيءَ لاءِ البرٽ کي پولي ٽيڪنڪ يونيورسٽيءَ ۾ داخلا ملي ويئي. ان وقت هن جي عمر سترهن سال هئي.

هن کي هر مهيني جيڪي هڪ سئو سوئس فرانڪ ملندا هئا اهي گذاري لاءِ گهٽ نہ هئا. جيڪڏهن ڏٺو وڃي، تہ خرچ پکي لاءِ هن وٽ رڳو اسي سوئس فرانڪ ئي هوندا هئا. ڇو تہ سوئزرلينڊ جي قوميت

حاصل ڪرڻ لاءِ هو هر مهيني ويهه فرانڪ بچائيندو ويندو هو. البرٽ سوئزرلينڊ جو شهري بڻجڻ جو فيصلو فقط ان لاءِ ڪيو هو. تہ سندس وطن جرمني جي پيٽ ۾ هن ملڪ جا ماڻهو وڏيڪ دوستاڻا ۽ همدرداڻا رويا رکندڙ هئا.

البرٽ زيورڪ جي پاڙي هوٽنگن ۾ سڀ کان سستو ڪمرو ڪرايي تي ورتو. ڪيس مسواڙ مان جيڪي پيسا ڏوڪڙ بچي پوندا هئا اهي ٻئي درجي جي ننڍين ننڍين سستن هوٽلن ۾ خرچ ٿي ويندا هئا. البرٽ جي لاءِ کاڌو گهڻو اهم ڪونہ هو. هو گهٽ کائيندو هو ۽ ڪڏهن ڪڏهن بک تي ئي رهندو هو. سندس اچڻ وڃڻ تي ڪو خرچ نہ هو. چاڪاڻ تہ هو هر هنڌ پنڌ ويندو هو. لٽن ڪپڙن جي پاسي جيڪو رويو هو ان سان ڪيترائي مسئلا حل ٿي ويا. پنهنجي حليي بابت البرٽ ڪڏهن بہ فڪر ڪونہ ڪيو ۽ هن جو خيال هو تہ ٻين ڪي بہ هن جي حليي جو فڪر ڪرڻ جي ڪائي ضرورت نہ آهي.

زيورڪ هڪ اهم تعليمي مرڪز هو جتي سموري دنيا کان شاگرد ڪهي ايندا هئا. اهڙي ماحول ۾ رهندي آئنسٽائن مفڪر ۽ محقق بڻجڻ جون منزلون طئي ڪرڻ لڳو. هن شهر ۾ اهڙا ماڻهو هئا جن سان هو پنهنجي مقصدن جي متعلق خيالن جي ڏي وٺ ڪري سگهندو هو ۽ جن جا پنهنجا مقصد بہ هئا ۽ هن جيئان ڪجهہ ٿيڻ چاهين پيا. هو پابنديءَ سان ليڪچر نہ ٻڌندو هو. جنهن ليڪچر جي موضوع سان هن کي دلچسپي نہ هوندي هئي هو ان ۾ شريڪ ئي نہ ٿيندو هو. هن جو گهڻو تڻو وقت يا تہ طبعيات جي تجربيگاهہ ۾ يا پنهنجي مطالعي ۾ محو هوندي گذرندو هو.

آئنسٽائن زيورڪ جي سماجي زندگيءَ ۾ ڪوبہ حصو نہ ورتو. هو ڪنهن سان بہ ملڻ نہ ويندو هو نہ ئي ڪنهن سان دوستي رکندو هو. وٽس سنجيدن ۽ غور فڪر ڪرڻ وارن ماڻهن سان ڏيٺ ويٺ ۽ دوستي رکڻ جي صلاحيت هئي ۽ اهڙا ئي ماڻهو هن جي دوستيءَ کي پسند ڪندا هئا. باقي ٻيا هن ۾ ڪائي دلچسپي نہ وٺندا هئا. هن جي

سنجيدي شخصيت ۾ عام ماڻهن جي لاءِ ڪائي ڪشش ڪونہ هئي. هو ايتري قدر ڪم ڪندو هو ۽ پنهنجي غور ۽ فڪر ۾ ايتري تائين وڃايل رهندو هو جو ڪنهن بہ شيءِ جو وقت ئي نہ ملندو هئس.

هن جي حياتيءَ ۾ صرف موسيقيءَ جي گنجائش هئي. ڪڏهن ڪڏهن هو هڪ ٻن وقتن جو ويلو تاري سازندن ۽ موسيقيءَ جي ڪنهن محفل ۾ شرڪت جي لاءِ ٿورا فرانڪ بچائي وٺندو هو. ان کان علاوه سندس وائلن هن جي تسڪين ۽ خيالن ۽ جذبن جي اظهار جو وسيلو پڻ هو.

پولي ٽيڪنڪ ۾ ڪنهن کي انهيءَ ڳالهہ جو اندازو نٿي سگهيو تہ درسگاهہ ۾ ڪا غير معمولي شخصيت اچي ويئي آهي. پر ڪن ماڻهن کي هن سڌي سادي نوجوان جي ذهانت جو احساس ٿيو هو.

پروفيسر منڪائوسڪي جيڪو مٿانهون رياضي جو علم پڙهائيندو هو آئنسٽائن کي پنهنجي ڪلاسن ۾ گهرائڻ جي ڪوشش ڪئي پر اڃا تائين آئنسٽائن هن مضمون کي ذهني طور تي مڃڻ لاءِ آماده ڪونہ هو. سالن کان پوءِ انهيءَ پروفيسر اهم ترين رياضياتي تحقيق ۾ البرٽ آئنسٽائن جي مدد ڪئي.

آئنسٽائن جي هڪ ٻئي ماڻهو بہ اميد کان وڌيڪ گهڻي مدد ڪئي. اهو هو هن جو هم ڪلاسي مارسل گروس من جيڪو البرٽ جو مداح ٿي ويو هو. هڪ ڏينهن ٻئي نوجوان مارسل جي ڪمري ۾ سائنس جي مسئلن تي بحث ڪري رهيا هئا. چئني پاسي ڪتاب ۽ ڪاغذ وکريا پيا هئا. مارسل ڏٺو تہ البرٽ جو رويو ڪجهہ مٿيل مٿيل آهي. ان ڏينهن البرٽ ڏاڍو خاموش هو ۽ معمول جي ابتڙ هو پنهنجي راءِ جو اظهار بہ ڏاڍي بي دليءَ سان ڪري رهيو هو.

مارسل کي محسوس ٿيو تہ سموري ڳالهہ ٻولهہ اڻ لاڀائتي آهي. ڇو تہ صرف هيءَ ئي ڳالهائي رهيو هو. البرٽ ماٺ ڪيون ويٺو هو. هو اٿي بيٺو ۽ چوڻ لڳو "منهنجو خيال آهي، تہ اڄ تنهنجي دل نہ پئي لڳي. هيءَ گفتگو اڳتي لاءِ ٿا رکون." البرٽ ڪنڌ لوڏيو پر ڳالهايائين

ڪجهه بہ نہ. مارسل کي ٿورو عجب لڳو. هن سوچيو تہ ڪٿي هن جو سنگتي بيمار تہ ڪونهي. هن چيو "اچ تہ ڪيفي شوائستي هوف هلي اتي ڪافي ٿا پيئون." مارسل کي شڪ ٿي پيو هو تہ البرٽ ڪجهه ڪاڏو نہ آهي.

ريسٽوران رسي مارسل ڪافي کان علاوه گوشت ۽ پٽاٽا بہ گهرايا. البرٽ سوچن ۾ غم ٿي ڪائيندو رهيو. ڳالهہ ٻولهہ جو سلسلو هلائڻ لاءِ مارسل هينءَ چيو تہ "ايندڙ هفتي کان امتحان شروع ٿي رهيا آهن."

البرٽ پنهنجي پليٽ مان نظرون ڪنيون. هن جي اکين ۾ چمڪ اچي ويئي هئي. "امتحان! مون کي انهن مان ڪيڏو نہ ڊپ ٿو اچي! ڪيڏا نہ نفرت جوڳا هوندا آهن هي امتحان! ڪتابن مان حقيقتن کي دٻائڻو پوي ٿو جنهن سان خيالن جا پر ڪٽجي ويٽا آهن. منهنجي مٿان هڪ تلوار لٽڪيل آهي، جيڪا پرچن شروع ٿيندي ئي ڪري پوندي ۽ هن پولي ٽيڪنڪ سان منهنجو واسطو ختم ٿي ويندو." پنهنجي عام طور خاموش رهندڙ سنگتي جي گرم لهجي سان مارسل ڇرڪي ويو.

"البرٽ!" هن ٻيهندي چيو "ماني کائيندي ئي تون منهنجي ڪمري ۾ هل."

جڏهن هو مارسل سان گڏجي ڪمري ۾ موٽي آيو تہ مارسل البرٽ کي هڪ ميز اڳيان ويهاري ڇڏيو. پوءِ هن جي اڳيان ڪاپين جو ڍڳ رکيائين. جن ۾ انهن ڪيترن ئي ليڪچرن جا تفصيلي نوٽ هئا. جن ۾ البرٽ شامل نہ ٿيو هو. البرٽ امتحان ۾ پاس ٿي ويو ۽ وري پولي ٽيڪنڪ ۾ چئن سالن تائين هر سال مارسل گروس من جون تفصيلي يادگيريون امتحانن ۾ هن جي ڪم اينديون رهيون. اهڙيءَ طرح هو انهن مضمونن جا ليڪچر ٻڌڻ جي تڪليف ڪڻڻ کان بچي ويو جن ۾ هن جو من نہ لڳندو هو ۽ جن ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ هن جي ڪائي نيت ڪونہ هئي. هي هڪ اڻ وڻندڙ فرض کان فرار ڪونہ هو پر هو پنهنجي جيون جي مقصد جي حاصلات ڏانهن وڌي رهيو هو ۽ اهو نہ پئي چاهيائين، تہ ڪائي شيءِ ان جي رستي ۾ رڪاوٽ بڻجي.

البرٽ جن ڪلاسن ۾ شامل ٿيندو هو انهن مان هڪڙي ڪلاس ۾ سربيا جي ڪارن وارن واري ڇوڪري بہ پڙهندي هئي. ڇوڪري قد جي ننڍي هئي جيڪا هن جي ڪلهي تائين بہ ڪونہ پهچندي هئي ۽ ڪجهہ ٿلهي بہ هئي. هن جو نالو ميليفا مارچ هو ۽ هوءَ تڪڙو ئي ان ننڍڙي ٽولي جو هڪ ڀاتي ٿي ويئي جيڪو علمي بحثن ۾ رڌل رهندو هو. هوءَ ڳالهائيندي گهٽ هئي پر غور سان ٻڌندي ضرور هئي ۽ انهيءَ ڪري آئنسٽائن جو هن ڏانهن لاڙو ٿيڻ لڳو. جڏهن هو پنهنجي خيالن جو اظهار ڪندو هو. تہ ميليفا خاموشيءَ سان ويهي ٻڌندي هئي ۽ البرٽ ڳالهائي ڳالهائي پنهنجي خيالن کي پاڻ ذهن ۾ چٽو ۽ گڏ ڪندو ويندو هو. هو ڳالهائيندو هو پيو ۽ ميليفا پنهنجن هٿن تي مٿو ٽيڪيون پئي ٻڌندي رهندي هئي ۽ ڪڏهن ڪڏهن ڳالهائي، ڪجهہ پڇندي هن جي همت افزائي پڻ ڪندي هئي.

البرٽ ۽ ميليفا پولي ٽيڪنڪ جي ٽئين سال ۾ هئا، تہ هنن آخري امتحان پاس ڪندي ئي شادي ڪرڻ جو اعلان ڪري ڇڏيو.

(6)

نوڪريءَ جي ڳولها

وقت اٺويهين صديءَ مان گذري ويهين صديءَ جي چائنٽ ٽپيو ۽ البرٽ آئنسٽائن پنهنجي عمر جي ايڪويهين سال ۾. هو هاڻ سوئزرلينڊ جو شهري ۽ چئن سالن جي تعليم کان پوءِ يونيورسٽيءَ جو سند يافته هو. انهن چئن سالن ۾ هن نہ رڳو ڪيترائي علم پڙهيا هئا، پر گڏوگڏ فڪري عمل جي جيڪا آزادي هو چاهيندو هو هن کي ملي ويئي هئي. هن جو سائنسي علم نہ رڳو وڌيو هو بلڪ سائنس جي باري ۾ هن جا خيال بہ وسيع ٿي ويا هئا.

جنهن ڏينهن هو پولي ٽيڪنڪ مان علم پرائي نڪتو پئي، کيس گهران آيل خط اهو ڏکوئيندڙ اطلاع ڏنو تہ هاڻ هن کي سئو فرانڪ مهيني جو وظيفو ڪونہ ملندو.

زندگيءَ جون اڙانگيون حقيقتون آئنسٽائن جي اڳيان اچي ويون. اهو تہ خير چڱو هو تہ کيس کائڻ جي پرواهہ نہ هئي. ڪپڙن ۽ ٻين تڪليفن کي هو بي ڌيانيءَ سان نظرانداز ڪيون پيو هلندو هو پر ماٺهوءَ کي تہ کاڌي پيتي ۽ لٽي ڪپڙي جي گهرج پوءِ بہ پوي ٿي ۽ جڏهن پرڻي جو ارادو بہ هجي، تہ مستقل آمدني جي ضرورت پوي ٿي. ميليفا آئنسٽائن جي زال بڻجڻ لاءِ پُور پچائي رهي هئي ۽ انهن ڏينهن ۾ هوءَ ان وقت جي اوسيئڙي ۾ هئي جڏهن البرٽ وٽس گهر ۾ لائون لهڻ ايندو.

آئنسٽائن جي لاءِ اها قدرتي ڳالهہ هئي، تہ هو پولي ٽيڪنڪ يونيورسٽي ۾ طبعيات جي پروفيسر جي مددگار جي جاءِ حاصل ڪرڻ لاءِ ڪوشش ڪري. عام طور تي جيڪو شاگرد ذهين ۽ تعليم پرايل هجي ۽ پنهنجي موضوع ۾ مطالعو ۽ تحقيق جاري رکڻ چاهي، هو اهو ئي گس وٺندو هو.

پگھار گھٽ ضرور هئي پر گذارو ٿي ويندو هو. سيني کان وڏو فائدو اهو به هو ته انهيءَ طرح هڪڙو شروعاتي تجربو حاصل ڪري پروفيسر بڻجي وڃڻ جو آسرو ڪري سگهبو هو.

آئنسٽائن ڪي پوري پڪ هئي، ته هن کي مددگار جي حيثيت سان چونڊيو ويندو. ڇاڪاڻ، ته هن جي پروفيسرن اڪثر اشارن ۾ چيو هو ته طبعيات ۾ هن جو ڪم ئي مقرري جي لاءِ تمام گهڻو هو. پر جڏهن وقت وريو پتو پيو ته ڪائي آسامي خالي نه آهي. هو جتي وڃي، جنهن کي به چوي، ڪيس ٽاري ڇڏينس. ڪٿان ڌتڪاريو وڃي، ته ڪٿان وري آئيندي جو واعدو ڪيو وڃي، پر ان وقت جڏهن هو نوڪري لاءِ پريشان هو هن جي لاءِ ڪا به نوڪري نه هئي.

اهڙيءَ طرح آئنسٽائن جي دل ٽٽڻ لڳي. هن کي چڱيءَ طرح خبر هئي، ته پروفيسرن جي مددگار (اسسٽنٽ) جي عهدي لاءِ بين جي پيٽ ۾ هو وڌيڪ موزون آهي. پوءِ به خدا کي خبر،ته هن کي نوڪري ڇو نه ملي. هن سوچيو ته "ڪٿي ايئن ته ناهي ماڻهو مون کي ڌاريو سمجهن ٿا. پر مون وٽ ته قوميت جا ڪاغذ پٽ آهن ۽ هاڻي آئون سوئزرلينڊ جو رهاڪو آهيان، پوءِ نيٺ مون کي نوڪري ڇو نٿي ملي؟"

پولي ٽيڪنڪ يونيورسٽي جا پروفيسر لڳي ٿو ته لاشعوري طور تي هن ڏاهي (جينئس) نوجوان کان ڊنل هئا. ته متان ڪٿي هو هنن کان اڳتي نه نڪري وڃي، ڇو ته البرٽ ذاتي معاملن ۾ تمام گهڻو شرميلو ۽ نوڙت وارو هئڻ جي باوجود. هو ڪنهن سائنسي مسئلي تي انهن سان بحث مباحثو ڪندو هو ۽ انهن جي ترديد ڪرڻ کان نه لهرائيندو هو. اهي پروفيسر ڪڏهن هن جا انوکا خيال ٻڌندي دنگ رهجي ويندا هئا. انهن ڪڪن پروفيسرن آئنسٽائن کي يونيورسٽي ۾ جاءِ نه ڏني پر فرق ڪهڙو پيو.

ٿورن سالن کانپوءِ آئنسٽائن يونيورسٽي جي درخواست تي اتي اچي ويو ۽ انهن پراڻن استادن جو اڳواڻ ٿي ويو. انهيءَ زماني ۾ هو گهٽي گهٽيءَ پئي ڦريو اخبارن ۾ نوڪريءَ جا جيڪي اشتهار ڇپجن

انهن جي پٽي تي درخواستون موڪليندو هو. ڪنهن جاءِ ڪان نوڪري جي ٻڙڪ ٻـ ٻڌي تـ اوڏانهن وڃي ڪڙڪندو هو. نيٺ هن کي بـ پنهنجي زندگي جي پهرئين ملازمت ملي ويئي. ونٽرٿر جي هڪ ٽيڪنيڪل اسڪول جو طبعيات جو ماسٽر بيماري جي موڪل تي ويل هو ۽ ان جي جاءِ تي عارضي طور تي آئنسٽائن کي رکيو ويو. استاد جي حيثيت سان سڀ کان پهريون تجربو هن لاءِ ڏاڍو وڻندڙ هو. جڏهن هو ڪلاس ۾ اندر گهڙيو تـ خاموشي ڇانئجي ويئي، پوءِ هڪ ٻـ ڇوڪرا مُرڪيا. انهن مان اڪثر ڇوڪرا آئنسٽائن کان عمر ۾ وڏا ۽ هن کان سٺا ڪپڙا پهريل هئا. انهن سوچيو تـ هنن پراڻن ڪپڙن واري سڌي سادي همراهـ جو مذاق اڏائڻ گهرجي، هيءَ ڪو پروفيسر ٿورو ئي آهي گونگو گڏهـ آهي.

ڊاڪٽر آئنسٽائن ڏڪي ڏڪي چيو 'صبح جو سلام!' پٺيان هڪڙي ڇوڪري نڪ مان آواز ڪڍيو. ڪلاس ۾ فرش تي بوٽن گسڻ جو گوڙ وڌڻ لڳو. ڪنهن ڪاغذ جي گولي جو نشانو ڪري هنيس. آئنسٽائن بليڪ بورڊ جي پاسي مڙيو ۽ ڇاڪ کنيائين. هن سوچيو تـ مون کي طبعيات پڙهائڻ جي لاءِ ملازم رکيو ويو آهي، آئون انهن کي ڪجهـ مسئلا سمجهائيندس، ٻڌڻو اٿن، تـ ٻڌن، نـ اٿن ٻڌڻو تـ نـ ٻڌن. هن پنهنجي ليڪچر جي شروعات ڪئي ۽ شڪل ٺاهي پنهنجو نڪتو واضح ڪيو. هاڻي هن جي خود اعتمادي واپس ورڻ لڳي، ڇو تـ طبعيات هن جو موضوع هو ۽ ان تي ليڪچر ڏيندي هو نـ ٻيو ڪجهـ ٻڌندو هو نـ ڏسندو هو. سندس ليڪچر اڳيان هر شيءِ هيچ تي ويندي هئي.

هوريان هوريان گوڙ ختم ٿي ويو. استاد جو آهستي پر پُراعتماد آواز شاگردن تائين پهچڻ لڳو ۽ هو پنهنجي مرضيءَ جي ابتڙ هن جون ڳالهيون ٻڌڻ لڳا. هڪ ڪلاڪ ڪانپوءِ هنن جو من ليڪچر ۾ لڳي ويو ۽ استاد جو احترام سندن دلين ۾ پيدا ٿي پيو. جڏهن نوڪريءَ جو مزو پورو ٿيو ۽ مستقل استاد واپس آيو تـ شاگردن کي آئنسٽائن جي وڃڻ

تي ڏاڍو ڏک ٿيو. ٻي نوڪري ڳولڻ لاءِ آئنسٽائن وٽ رڳو ڳٽڻ جيترا فرانڪ وڃي بچيا هئا ۽ نئين نوڪري ملڻ تائين هن کي ڪيئي ڪيئي ڏينهن بکون ڪاٽيون پيون.

ٻي نوڪري شفهائورن جي هڪ رهائشي اسڪول جي شاگردن جي ذاتي استاد جي هئي. هي ڪم ڪيس ڏاڍو وڻيو ۽ هن جي پڙهائڻ ڪري ڇوڪرن جي تعليمي پهچ ايترو وڌي ويئي جو هن اسڪول جي انتظام سنڀاليندڙن کي اها درخواست ڏني ويئي، ته هن کي هتي رهڻ ڏنو وڃي، ته جيئن هو شاگردن جي پڙهائي پنهنجي طريقن جي مطابق ڪري سگهي. هيءَ درخواست بغاوت تي ٻڌل ڄاڻائي ويئي ۽ باغي استاد کي فوري طور تي ڪڍيو ويو.

زيورڪ موٽي نوڪري جو چڪر وري شروع ٿي ويو. هاڻ بک هن کي سچي پچي به ستائڻ شروع ڪيو هو ۽ فاڪن ڪري هن کي تمام گهڻي هيڻائي محسوس ٿيڻ لڳي هئي. هو هر قسم جي نوڪري جي لاءِ تيار هو پر زمانو خراب هو ۽ قاتل ڪپڙن ۾ نبل نوجوان جي لاءِ، جيڪو حقيقت ۾ سوئزرلينڊ جو رهاڪو به نه هو، ڪائي نوڪري ڪانه هئي.

هو حوصلو هاري چڪو هو ۽ دل مٿان مٽن جو بار اچي ويو هئس. "دولت ۽ ڪاميابي جي پٺيان پڄڻ کان مون کي نفرت هئي ۽ هاڻي آئون انهن جي پويان ڊوڙي رهيو آهيان. مون کي، ته ڪو سڌو سادو ڪم، مثلاً موچڪو ڪم ئي ملي وڃي جنهن سان مان زنده رهي سگهان، ته مان ٻيو ڪجهه نه گهرندس. ڪاش! ڪائنات ۾ ڪو اهڙو ٻيٽ هجي، جتي مان اڪيلو رهي سگهان، جتي ذاتي گهرجون نه هجن، جتي رڳو غور ۽ فڪر جو موقعو ئي ملي سگهي."

ڪڏهن ڪڏهن هن جي پراڻن هم ڪلاسين سان ملاقات ٿي ويندي هئي، پر ڪو به هن جي مدد ڪري نه سگهندو هو. آئنسٽائن تي جيڪو ڏکيو وقت ڪڙڪيو هو ان جي خبر هوريان هوريان مارسل گروس من کي به پئجي ويئي. مارسل جو پيءُ حڪومت جي حلقن ۾ وڏي اثر رُسوخ وارو هو هن جي ڪوشش سان آئنسٽائن کي برن جي

پيٽنٽ آفيس جي ڊائريڪٽر انٽرويو جي لاءِ گهرايو. مارسل البرٽ کي سوئزرلينڊ جي تخت گاهہ تائين وڃڻ جي لاءِ ريل جو ڀاڙو اوڌارو ڏنو ۽ البرٽ اوڏانهن هليو ويو.

جيڪڏهن هن جي جاءِ تي ڪو ٻيو هجي ها، تہ انٽرويو ۾ سٺا ڪپڙا پائي پنهنجو حليو چڱو ڀلو ناهي وڃي ها پر آئنسٽائن کي ان جو خيال ئي نہ آيو. پراڻي ڍِلي سوٽ ۽ وڪريل وارن سان هو ڊائريڪٽر جي آفيس ۾ داخل ٿيو ۽ اشاري سان ڪرسيءَ تي ويهي رهيو.

ڊائريڪٽر هلر کي سڌ هئي، تہ گروس من صاحب جن اميدوارن جي سفارش ڪندو آهي، اهي عام طور تي ڦڙت ۽ خوش لباس هوندا آهن پر هن آسروند کي ڏسي هُنَ کي مايوسي ٿي.

"پيٽنٽ[1] جي باري ۾ ڇا ٿو ڄاڻين؟" ڊائريڪٽر تکڙو سوال پڇيو. آئنسٽائن وڏي سنجيدگيءَ سان هن کي ڏسندي چيو "ڪجهہ بہ نہ."

ڊائريڪٽر اهو جواب ٻڌي دنگ رهجي ويو. هن سوچيو تہ ڇا هن همراهہ کي واقعي نوڪريءَ جي گهرج آهي، گروس من چيو هو تہ هن کي نوڪري گهرجي ۽ هن جو حُليو بہ اهو ٻڌائي رهيو هو پر هي همراهہ عام اميدوارن جهڙو چالاڪ ۽ متاثر ڪرڻ تي پورو نہ پئي لٿو. ڊائريڪٽر کي ياد آيو تہ گروس من صاحب چيو هو تہ هو هڪ غير معمولي سائنسدان آهي. "آئنسٽائن" هلر صاحب چيو "جڏهن ڪو ايجاد ڪندڙ پنهنجي ڪنهن ايجاد کي پيٽنٽ ڪرائڻ گهرندو آهي، تہ هو هن آفيس کي درخواست سان گڏ پنهنجي ڪم جي هڪ ٽيڪنيڪي رپورٽ موڪليندو آهي. عام طور تي انهن رپورٽن ۾ نقشا ۽ خاڪا بہ هوندا آهن. هن آفيس جو ڪم اهو ڏسڻ آهي، تہ ايجاد واقعي قابل عمل آهي بہ يا ڪونهي ۽ درخواست کي ٻيهر غير ٽيڪنيڪي ٻوليءَ ۾ لکڻ بہ هن آفيس جي ڪمن ۾ شامل آهي."

---

[1]. پيٽنٽ (Patent) لفظ جي معنيٰ آهي مالڪ کي ڏنل اهو سرڪاري لکت نامو جيئن هو ڪابہ ايجاد وڪڻڻ جو حق پاڻ وٽ رکي ۽ ٻين کي ان جي نقل ڪرڻ تي بندش هجي. (سنڌيڪار)

هلر صاحب پنهنجي وضاحت جو تاثر ڏيڻ لاءِ ڳالهائيندي ڳالهائيندي چپ ٿيو. آئنسٽائن ڪجهه نه ڪڇيو. هن اشاري جي ذريعي به ڪنهن قسم جو اظهار نه ڪيو. هلر صاحب وڏو ساهه کڻندي ڳالهايو "جيڪو ڪم مون ٻڌايو آهي اهو تون ڪري سگهندين؟"

آئنسٽائن هڪ پل لاءِ ماٺ ٻيٺو رهيو ۽ هلر صاحب کي ماٺائي ڏيڻ لڳي هئي، ته اچانڪ آئنسٽائن ڪنڌ کنيو ۽ هلڪي مرڪ سان گڏ ايتري خود اعتمادي سان چيو ته "مون کي ڀروسو آهي مان هي ڪم ڪري وٺندس." ڊائريڪٽر صاحب غير متوقع طور تي پنهنجو پاڻ کي سرهو محسوس ڪيو.

ٿوري دير تائين هيڏانهن هوڏانهن جون ڳالهيون ٿينديون رهيون پوءِ هلر صاحب چيو ته "نوڪري جي شروعات ڪرڻ کان پهرئين مان به سوال ڪرڻ گهران ٿو."

آئنسٽائن کي پنهنجون آشائون مٽيءَ ۾ ملندي نظر اچڻ لڳيون. هن سوچيو ته وري اهو سوال پڇيو ويندو. اهو پراڻو سوال، ته "ڇا تون پيدائشي طور تي سوئزرلينڊ جو رهاڪو آهين؟"

"ڇا تون سوئزرلينڊ جو شهري آهين؟" "هائو سائين." البرٽ ڪيسي ۾ هٿ هنيو ۽ ڪاغذ پٽ ڏيکاري ڇڏيا. ٿلهن اکرن سان لکيل هو ته "سوئزرلينڊ جو شهري، پيدائشي جرمن."

"ٺيڪ آهي." ٿوري ساهيءَ کانپوءِ پڇيو ويو ته "آئون توهان کي ٽي هزار فرانڪ ساليانو پگهار ڏيئي سگهان ٿو. ڇا هي ڏوڪڙ تنهنجي لاءِ مناسب رهندا؟"

"هائو مهرباني سائين."

هيءَ پگهار روزگار جي هڻ وٺ ڪندڙ گهٽن نوجوان سائنسدانن جي لاءِ ڪنهن خزاني کان گهٽ ڪونه هئي پر هيءَ ته ڪو عام نوجوان سائنسدان ڪونه هو هيءَ ته البرٽ آئنسٽائن هو انهيءَ ڪري هن نه ڪنهن خوشيءَ جو اظهار ڪيو نه ئي مهرباني جا وڏا وڏا جملا ڳالهايا. ڳالهه رڳو ايتري هئي، ته هن کي نوڪري ڏني ويئي هئي جنهن کي هن قبول ڪري ڇڏيو هو بس!

(7)
هيءُ ڪلارڪ ڪير آهي؟

برن جي هڪ چار ماڙ جڳهه جي ٽئين منزل ۾ البرٽ ۽ ميليفا آئنسٽائن پنهنجي شادي شده زندگيءَ جي شروعات ڪئي. ننڍڙو فليٽ هو جنهن ۾ عام فرنيچر سجايل هو. سامهون آر درياهه نظر ايندو هو ۽ جيڪڏهن ڪنهن ڏينهن آسمان چٽو ٿئي، ته پري پري تائين آلپس جون آسمان سان لڳندڙ چوٽيون نظر اينديون هيون.

پيٽنٽ آفيس جي ڪلارڪي مان البرٽ مطمئن هو. ڪيترن ئي انجنيئرن سان گڏجي هو هڪ ميز تي جهڪيل رهندي اڪيچار ايجادن جي خاڪن ۽ نقشن جو اپياس ڪندو رهندو هو. ان ڪم ۾ هن جي دل لڳل هوندي هئي. هن کي ڪاپي ڪندڙن کي پڪڙڻو به پوندو هو ۽ ايجاد ڪندڙن جو مقصد به سمجهڻو پوندو هو. اجا هن کي ڪم ڪندي وڏيڪ عرصو نه ٿيو هو ته هلر صاحب کي اندازو ٿي ويو ته هي نوجوان هن ڪم ۾ ڪامياب رهيو آهي. خاڪو ڪيترو به ڏکيو چو نه هجي، آئنسٽائن وڏي تيزيءَ سان، بلڪل فطري طور، ان جي تهه تائين پهچي ويندو هو. هن لاءِ ڪو به مسئلو نه حل ٿيڻ جوڳو ڪونه هو. نه ئي وري هو ڪنهن شيءِ کي احمقاڻو ۽ اڻ جوڳو عمل سمجهي ڪري ٽاري ڇڏيندو هو. آئنسٽائن جو ايمان هو ته هن جي ميز تي جيڪا به ايجاد ٿيل شيءِ اچي ٿي، سا ڪنهن تصور يا نظريي جو نتيجو هوندي آهي ۽ هو تصورن جي عزت ڪرڻ ڄاڻندو هو.

آئنسٽائن کي تمام تڪڙو پتو پيو ته هڪ ڏينهن جي عام آفيس واري ڪم کي ٻن ٽن ڪلاڪن ۾ سولائيءَ سان ڪري سگهي ٿو. پر پنهنجي دوستن ڪارڻ جيڪي هوريان هوريان ڪم ڪندا هئا هن

هِلر صاحب جي ڪن تائين ان ڳالھ جي ڪُڙڪ ئي پهچڻ نہ ڏني. واندڪائي ۾ هو سائنسي مسئلا حل ڪندو رهندو هو جيڪي سدائين هن جي ذهن ۾ ڊوڙندا رهندا هئا. هن جي ميز جي خاني ۾ هڪ فائيل هوندو هو ۽ جڏهن ڪو اچي وڃي، تہ هو جنهن ڪاغذ تي لکي رهيو هو ان کي تڪڙو فائيل ۾ سُرڪائي ڇڏيندو هو.

اها ڳجهي طاقت جنهن طبعيات کي آئنسٽائن جي زندگيءَ جو مقصد بڻائي ڇڏيو هو هاڻ مضبوط تي ويئي هئي. نوڪري اهڙي هئي جو زندگيءَ جون گهرجون پوريون ٿي وينديون هيون. نوڪريءَ جي فرضن کان سواءِ هن جي سوچن ۽ عملن جون گهڙيون قوتون انهن سائنسي مسئلن تي کُتل هونديون هيون، جيڪي هڪ ڊگهي عرصي کان هن جي ذهن ۾ موجود هيون. انهن ئي ڏينهن ۾ هن زيورڪ يونيورسٽي مان پي. ايڇ. ڊي جي ڊگري ورتي. روشني، چرپر ۽ ٻاهرين خلا جي ڪائنات جي باري ۾ هن جا تصور تمام عجيب هئا. ايترا عجيب جو انهن جو ڪو نانءُ نشان ئي نہ هو. آئنسٽائن جيڪڏهن ڪڏهن پنهنجي تحقيق جو ذڪر ڇيڙي وجهندو هو تہ رڳو پنهنجي تصور کي هڪڙي نالي ڏيڻ جي لاءِ "اضافت" جو لفظ استعمال ڪندو هو. اُن جي هن کي خبر ڪونہ هئي، تہ هڪ ڏهاڙي هي لفظ نہ رڳو سائنس جي دنيا ۾ پر روزمره جي زندگي جي معاملن ۾ بہ هڪ اهڃاڻ بڻجي ويندو.

جيئن جيئن وقت جو ڦيٿو ڦرندو ويو آئنسٽائن جو اضافيت وارو نظريو ظاهري شڪل وٺندو ويو. آر درياھ جي اڳيان هن جو گهر ڪجھ اهڙن نوجوانن جو ٺاڪ تي پيو جن جي وچ ۾ سائنس سان لڳاءُ ۽ سائنسي ڪمن جو لاڳاپو هو. انهن ۾ هڪ هندوستاني انجنيئر بيسو هو پيو رومانيا جو شاگرد سولو وين هو ۽ سوئزرليند جو رياضي دان ڪونارڊ هابشت هو. هي سيئي ڄڻا نہ رڳو جانٺا جوان هئا پر سندن ذهن بہ جوان هئا ۽ انهن ۾ تخليقي ڪمن سان لڳاءُ هو انهيءَ ڪري ڄاڻيندي بہ تہ آئنسٽائن جا تصور سائنسي دنيا جي مڃيل عالمن جي نظرين جي ابتڙ آهن. انهن اضافيت جي نئين نظريي کي قبول ڪيو.

جڏهن آئنسٽائن جو پهريتو پٽ البرٽ جونيئر پيدا ٿيو. ته بحث لاءِ آئنسٽائن جي گهر اينڊرويندڙ سائنسدان هال ۾ سڪندڙ پوتڙن مان گذرندي اندر ايندا هئا. آئنسٽائن اڪثر ٻالڪڙي کي وٺي ڊگهي سير تي نڪري ويندو هو. ڪڏهن هو آفيس جي ميز تي ويٺو ڪم ڪندو رهندو هو ته ڪڏهن وري ٻالڪڙي جي گاڏڙي ڌڪيندو رهندو هو پر هن جي غور ۽ فڪر جي تند ڪڏهن نه ڇجندي هئي. پاڙي جا ماڻهو روزانو هن نيڪ دل انسان کي ٻارڙي جي گاڏي ڌڪيندي ڏسندا هئا.

جڏهن هن جو ٻيو پٽ ايڊورڊ پيدا ٿيو ته آئنسٽائن پنهنجي تحقيق ۾ پوري طرح مصروف ٿي چڪو هو. پيٽنٽ آفيس ۾ جيڪو وقت گذرندو هو اهو ئي واندڪائي جو وقت هو. هو جيستائين جاڳندو رهندو هو هن جو ذهن انهن سوالن جي جوابن جي ڳولها ڪندو رهندو هو جيڪو خيالن جي وهڪري ۾ مچين جيئان ٻوڙندي تپا ڏيندو رهندو هو ۽ هٽ وجهندي ئي کسڪي نڪري پڇي ويندو هو. هن وڏن وڏن سائنسدانن جي تحقيقن ۽ لکڻين کي پڙهيو ۽ پرکيو ۽ انهن جي ڪن نظرين سان اختلاف ڪيو. انهيءَ مسئلي تي هن بيسو ۽ هابشت ۽ ٻين دوستن سان خيالن جي ڏي وٺ ڪئي. هو سائنس جي مڃيل نظرين جي سلسلي ۾ هن جي مخالفت جي باري ۾ فڪرمند هئا. مهينا گذرندا ويا ۽ آئنسٽائن جون ذهني ڪاوشون وڌنديو ويون ۽ هڪڙي نقطه نظر تي بيهنديو ويون. ڪجهه سائنسدان ته پنهنجن خيالن جي پرک تجربي گاهن ۾ جاچيندا آهن پر آئنسٽائن جو تجربيگاهه هن جو ذهن هو جنهن ۾ هو پنهنجي خيالن جي پرک کي وڏيڪ غور ۽ فڪر جي ذريعي پرکيندو هو. ذاتي زندگيءَ ۾ هو عام طور تي خاموش ۽ دنيائي شين جي پاسي کان لاپرواهه رهندو هو. پر پنهنجي سائنسي زندگيءَ ۾ هو اعتماد جو مجسمو بي خوف ۽ بي پناهه طاقت جو مالڪ هو.

جون 1905ع ۾ هڪ ڏينهن هي وکريل وارن وارو نوجوان برن جي ٽپال گهر ۾ گهڙيو ۽ هڪ لفافو ڪلارڪ کي ڏيندي وزن ڪرڻ ۽

ٽڪيٽن جي قيمت ٻڌائڻ جو چيو. لفافي تي آنالن ڊير فريڪ نالي طبعيات جي تحقيقي رسالي جو پتو لکيل هو جيڪو جرمني جي شهر لائپسش مان شايع ٿيندو هو. لفافي ۾ آئنسٽائن جي پنهنجي هٿ اکرن سان لکيل ٿيهن وڏن ڪاغذن تي مشتمل مسودو هو ۽ لفافو تمام ڳورو هو. انهيءَ ڪري ان تي خاص قيمت جي ٽڪلي لڳي. هن ٽڪلين جا پئسا ڏنا ۽ وڏي ٽڪل مرڪ سان گڏ دخل (ڪائونٽر) کان مڙي ويو. ان ڳوري لفافي ۾ آئنسٽائن جي گذريل ڪجهه سالن جي ذهني ڪاوشن جي سائنسي رپورٽ هئي. ان ۾ آئنسٽائن ڏاڍي سڌي سادي انداز سان، تمام سلجهيل پيرائن ۾، پنهنجي زمان ۽ مڪان ۽ ڪائنات جا تصور قلم بند ڪيا هئا، جن ۾ هو وڏي عرصي تائين الجهيل رهيو هو. ان وقت ڪو به اهو اندازو نہ پئي ڪري سگهيو تہ انهن خيالن جي ڇپائي سان سائنسي سوچن ۾ ڪيترو ۽ ڪيتري قدر مڪمل انقلاب اچي ويندو.

آئنسٽائن ٽڪ کان چور چار منزلون چڙهي پنهنجي گهر پهتو. ٻار سمهي چڪا هئا. جڏهن هو بستري تي ليٽيو تہ ميليفا هن کي لوڏي ڏنو. هن جو مزاج هميشہ کان تيز هو ۽ هتي برن ۾ اچي ڪري هن کي البرٽ جي لاپرواهين کان ڏاڍي چڙ ۽ اختلاف ٿي ويو هو.

”جيڪڏهن طبيعت ٺيڪ ڪونہ اٿئي، تہ ڊاڪٽر کي گهرائي وٺو.“ هن طنز وچان پڇيو.

”نہ“. آئنسٽائن جو آواز سرگوشيءَ ۾ ايريو. مان ٿڪجي پيو آهيان. مون کي آرام ڪرڻ ڏيو.“

ان وقت هن کي ڪم ختم ٿيڻ، بلڪ چڱي طرح ختم ٿيڻ تي ڪائي خوشي محسوس نہ ٿي. هو جيڪو مقالو اجهو پوسٽ جي حوالي ڪري آيو هو ان ۾ شديد ذهني ڪاوش جا نتيجا هئا. ايتري پورهئي سندس ست بلڪل اهڙي طرح نپوڙي ڇڏيو هو جڻ هو ڪوئلي جي ڪاڻ ۾ ڪوڏر هلائيندو رهيو هجي.

آئنسٽائن ٽڪ جي ڪري پيٽنٽ آفيس مان ڪجهہ عرصي لاءِ موڪل ورتي پر هن جو ذهن ساڳي طرح مصروف رهيو ڇو تہ ڪيس اچا

گهڻو ڪجهه باقي ڪرڻو هو. هن جا نظريا سائنسي دنيا قبول ڪندي يا نه، ان تي هن ڪڏهن به ڪونه سوچيو. مقالو پوسٽ حوالي ڪندي هن کي خبر هئي، ته هي بلڪل صحيح آهي، ڇو ته خود هن جي ذهن ۾ ڪن ڳالهين جي حقيقت بلڪل واضح هئي ۽ ڪائي شيءِ هن کي نه پئي بدلائي سگهي.

هن جو نظريو ڇپجي ويو. برلن، پيرس، لنڊن مطلب ته سڄي يورپ ۾ سائنسدانن هن کي پڙهيو ۽ دنگ رهجي ويا. هنن جي اڳيان هڪ انقلابي نظريو هو. قديم تصورن کان بلڪل الڳ ٿلڳ، بلڪل مختلف. طبعيات جي ماهرن ۾ ڦڙڦوٽ پئجي وئي، ته "اهو آئنسٽائن آخر ڪير آهي، جيڪو ايڏي بي باڪيءَ سان پنهنجن خيالن جي پرچار ڪري رهيو آهي؟ هو ڪهڙي اسڪول جو شاگرد آهي؟ هن ڪهڙي تجربيگاهه ۾ تحقيق ڪئي آهي؟ هي هيستائين ڪٿي لڪو ويٺو هو جو اسان کي ڪا خبر ئي نه پئجي سگهي."

"هيءُ آئنسٽائن" برن جي پيٽنٽ آفيس جو هڪڙو گمنام ڪلارڪ هو جيڪو روزانو آفيس وڃي، ايجاد ڪندڙن جي دعوائن جو مطالعو ڪري ۽ چوري چوري ڪجهه خاني ۾ رکيل هڪ فائيل ۾ لڪائيندو هو.

برلن يونيورسٽي ۾ طبعيات جي هڪ نامور ماهر اضافيت تي مقالو پڙهيو ۽ ان جي ليکڪ سان ملڻ جو فيصلو ڪري ڇڏيو. پروفيسر مارڪس فان لائو ريل پڪڙي ۽ برن پهچي ويو. هنن ريلوي اسٽيشن جي ويجهو هڪ ننڍڙي هوٽل ۾ آئنسٽائن سان ملاقات جو وقت طئي ڪري ڇڏيو. پر جڏهن هوٽل ۾ هڪ نوجوان همراهه پروفيسر فان لائو کان حال احوال پڇي ورتو ته هن کي ڏاڍو تعجب ٿيو. هيءُ نوجوان ته بلڪل ڇوڪرن جهڙو آهي. هن حيرت وچان سوچيو. پر سائنسي قابليت عمر ۽ حُليي جي قيد کان آزاد هوندي آهي. برلن جي شهر جو تمام وڏو پروفيسر ۽ پيٽنٽ آفيس جو معمولي ڪلارڪ هڪبئي سان مليا ۽ هنن جي گفتگو ذهني هم آهنگي جي فضا ۾ ٿي ۽ ٻنهي پنهنجو پاڻ کي ڪيترين ئي ڳالهين تي متفق سمجهيو.

ٿورو ئي عرصو گذريو هو تہ آئنسٽائن کي يورپ جي عظيم سائنسدان جي هڪ ڪانفرنس ۾ تقرير ڪرڻ لاءِ دعوت ڏني وئي. هيءَ گڏجاڻي آسٽريا جي شهر التس بُرگ ۾ ٿيڻ واري هئي. دعوت وٺندي آئنسٽائن ڏاڍو خوش ٿيو. هو انهن عظيم سائنسدانن سان ڳالهائڻ لاءِ بيچين هو. سائنسي دنيا جي عظيم شخصيتن جي اڳيان اچڻ جو هيءُ پهريون موقعو هو جيڪو آئنسٽائن کي مليو. جڏهن آئنسٽائن عظيم عالمن جي ان ميڙ جي سامهون مقررن جي پليٽ فارم تي آيو تہ سندس گُهنجيل سوٽ ڪلهن تائين جهولي رهيو هو ۽ مٿي جي چوڌاري ڪارن وارن جو دائرو هو. حُليو ڏسندي ئي ماڻهن کي مايوسي ٿي پر جيئن جيئن هو ڳالهائيندو ويو هن جي انداز بياني تي ٻڌندڙن جا ذهن دنگ ٿي ويا. هو منبجي هن جا لفظ ٻڌنا رهيا. هنن سائنسدانن کي احساس ٿي ويو تہ هن نوجوان جو ذهن ڪو عام ذهن ڪونهي پر اهڙو دماغ آهي جيڪو فطرت جي ڪن لڪل رازن کي کولڻ جي چاهي آهي. هي نوجوان اهي حدون اورانگهي چڪو هو جن کي اڄ تائين انساني ادراڪ ڇهيو بہ نہ هو. هنن جي اڳيان هڪ ٽوبو بيٺو هو جيڪو علم جي سمنڊ جي گهراين مان بي بها هيرا جواهر ڪڍي رهيو هو. هو سڀ هڪا ٻڪا ٿي جڳ جهان کان بي خبر رهندي سوين تصورن کي لفظن جي قالب ۾ پوئيندي ڏسي رهيا هئا ۽ ان جلسي ۾ شرڪت ڪرڻ وارو ڪوبہ ماڻهو ان تجربي کي ڪڏهن وساري نہ سگهيو. ڪانفرنس تان موٽنديہ آئنسٽائن وري پيٽنٽ آفيس جي ڪمن ڪارين ۾ لڳي ويو. هي ڪم هِن کي پسند هو ۽ ان کي ڇڏڻ جي ڪائي خواهش ڪونہ هئي. هن جي نظريي عالمن کي هلاک ڪري وڌو هو. پر عوام کي ڪابہ خبر نہ هئي ۽ جيڪڏهن پتو هجي بہ ها تہ هو ڪابہ دلچسپي نہ وٺن ها. انهن ڏينهن ۾ عام ماڻهو سائنسدانن کان پري ئي رهندا هئا. نظريي جي ڇپائي ۽ ان کان پوءِ ڪانفرنس ۾ آئنسٽائن جي شرڪت زيورڪ ۾ مانڌاڻ مچائي ڇڏي، ڪيڏو نہ ڦهر آهي جو اهو همراهہ جيڪو انهيءَ شهر جي پولي ٽيڪنڪ مان علم پرائي نڪتو

آهي انهيءَ اداري ۾ پروفيسر ڪونهي! ڪيڏي نہ احمقاڻي ڳالهہ آهي، تہ هن کي هن اداري ۾ جاءِ ڏئي سگهجي پئي، پر نہ ڏني ويئي!

زيورڪ جي يونيورسٽي، پولي ٽيڪنڪ جي پيٺ ۾ ننڍي هئي. ان جي ڊائريڪٽرن کي بہ آئنسٽائن پنهنجي تحقيق سان متاثر ڪيو. اتفاق سان انهن ڏهاڙن ۾ طبعيات جي شعبي ۾ اسسٽنٽ پروفيسر جي آسامي خالي هئي ۽ شعبي جي صدر ڊاڪٽر ڪلائنر آئنسٽائن کي عهدي جي آڇ ڏني پر ان آڇ ۾ وڏيون مشڪلاتون هيون. ڪو شخص سڌو سنئون پروفيسر نٿو بڻجي سگهي. يونيورسٽي جي اها روايت هئي، تہ هر اميدوار کي اسسٽنٽ ليڪچرر جي حيثيت سان ڪجهہ عرصو گذارڻو پوندو هو ۽ هن کي يونيورسٽيءَ مان پگهار نہ ملندي هئي بلڪ هن جي ليڪچرن ۾ جيڪي شاگرد ايندا هئا اهي مقرر فيهي ادا ڪندا هئا ۽ اها ئي هن جي پگهار هوندي هئي. هن جي تحقيق سان سائنسي دنيا ۾ جيڪو مانڊاڻ مچي ويو هو ان جو آئنسٽائن تي ڪوبہ اثر نہ پيو. هن کي في الحال زيورڪ ۾ اسسٽنٽ ليڪچرر بڻجڻ جي ڪائي خواهش ڪونہ هئي. هن کي پنهنجي ٻارن ٻچن جو پيٽ پالڻو هو ۽ هن لاءِ موجوده نوڪري ڪافي هئي. ڪيس پنهنجي لاءِ هن جي دل ۾ ڪابہ خواهش ڪونہ هئي. هو رڳو اهو گهرندو هو تہ هن کي اڪيلو ڇڏيو وڃي، تہ جيئن هو پنهنجو علمي ڪم جاري رکي سگهي.

پر زيورڪ يونيورسٽيءَ واري زماني ۾ نيٺ ڊاڪٽر ڪلائنر آئنسٽائن کي برلن يونيورسٽي ۾ عارضي طور ليڪچرار جو عهدو قبول ڪرڻ تي راضي ڪري ورتو. اهڙيءَ طرح زيورڪ يونيورسٽي جو شرط پورو ٿي سگهيو ٿي.

پڙهائڻ آئنسٽائن لاءِ وڌيڪ لاياڻتو ثابت ڪونہ ٿيو. هو ڪن نون دريافتن ۾ اُلجهيو پيو هو ۽ حرڪت جي موضوع تي ليڪچر ڏيڻ سان هن جو ڌيان ورهائجي ويندو هو. هن جي ڪلاس ۾ ٽيڙو شاگرد ئي هوندا هئا. هڪڙي ڊپارٽمينٽ جو نوجوان آفيسر هو جنهن ذاتي مطالعي سان ڪنهن استاد کانسواءِ طبعيات ۾ غير معمولي مهارت

حاصل ڪري ورتي هئي ۽ ٻيو آئنسٽائن جو دوست بہ هو. انهن ٻنهي شاگردن جي موجودگيءَ ڪري آئنسٽائن کي اسسٽنٽ ليڪچرر تسليم ڪري ڇڏيو.

آئنسٽائن روزانو واري گفتگوءَ جي نُهڙ ۾ ليڪچر ڏيندو هو. هو پنهنجي دوستن کي موضوع جي متعلق پنهنجا خيال ٻڌائيندو ويندو هو. هڪ ڏينهن هنن جي ڪلاس ۾ هڪ ٽيون همراهہ بہ موجود هو. زيورڪ يونيورسٽي کان ڊاڪٽر ڪلائنر آيو هو. نوجوان آئنسٽائن ٿورو بہ نہ گهبرايو. اهڙيءَ طرح سڪون ۽ بي تڪلف ٿي منڍ کان ليڪچر ڏنو. ڊاڪٽر ڪلائنر فڪرمند ٿي ويو. پروفيسر ٿيندڙ کي ايئن نہ پڙهائڻ کپي. نہ عزت. نہ بيان ڪرڻ جو ڍنگ هن ليڪچر کانپوءِ آئنسٽائن سان ڳالهہ ٻولهہ ڪئي.

”ڊاڪٽر صاحب ڳالهہ هيءَ آهي، تہ يونيورسٽي کي توهان مان جيڪي اميدون آهن، توهان جا ليڪچر انهن تي پورو نٿا لهن. منهنجو خيال آهي، تہ شايد رڳو ٻن شاگردن جي ڪري توهان جي دل نٿي لڳي. جيڪڏهن توهان ٿوري بہ دلچسپي پيدا ڪريو...“

”توهان صحيح ٿا چئو پروفيسر ڪلائنر. آئنسٽائن ڳالهہ ڪٽيندي چيو ”هن قسم جو ڪم منهنجي وس ۾ ڪونهي. آئون پروفيسر بڻجڻ نٿو چاهيان. چڱو آهي، تہ توهان ڪنهن ٻي کي مقرر ڪريو.“

آئنسٽائن کي نہ ڪاوڙ آئي، نہ ڊاڪٽر ڪلائنر جي لفظن سان ڌڪ ٿيو پر هو واقعي پيٽنٽ آفيس ڇڏڻ نہ پيو چاهي.

ڊاڪٽر ڪلائنر پريشان ٿيندي زيورڪ وارن کي اطلاع ڏنو تہ هاڻ آسامي تي ڪنهن نہ ڪنهن کي اچڻو هو. ويانا جي ڊاڪٽر فريڊرڪ آڊلر انهيءَ جڳهہ جي لاءِ ٻيو اميدوار هو. هن کي جڏهن سڄي قصي جي خبر پئي، تہ هن زيورڪ يونيورسٽي وارن جي نالي خط ۾ لکيو تہ ”مان توهان جو ٿورائتو آهيان، تہ توهان هن عهدي تي منهنجي مقرري ڪرڻ گهرو ٿا. اها منهنجي عزت افزائي آهي. بهرحال جيڪڏهن توهان کي آئنسٽائن جهڙن خدمتون حاصل ٿي پون، تہ مان ان جهڙي لائق انسان سان مقابلو ڪرڻ پسند نہ ڪندس.“

ايئن نيويارڪ يونيورسٽيءَ ۾ اسسٽنٽ پروفيسر جو عهدو جيڪو هر هڪ کي ڪيترن ئي سالن تائين پورهئي ڪرڻ ۽ گهٽ عهدن تي ڪم ڪرڻ ڪانپوءِ نصيب ٿيندو هو البرٽ آئنسٽائن کي ٽيهن سالن جي عمر ماڻڻ کان اڳ ملي ويو.

(8)

نرالو پروفيسر

”امان ڏسجانءِ تہ سهي، توهان جو مائيٽو پٽ پروفيسر ٿيڻ وارو آهي. ڇا توهان کي يقين ٿئي ٿو؟“ پنهنجي ماءُ جي نالي خط ۾ آئنسٽائن پنهنجي مقرري جو احوال ڪندي مزاحيہ انداز ۾ لکيو. مسلسل ناڪامين جي ڪِتا ڪانپوءِ هن کي پنهنجي ماءُ کي هڪ خوشخبري ٻڌائيندي سرهائي ٿي رهي هئي. پر هن کي پنهنجي مقرري تي ڪوبہ فخر ڪونہ هو. بس هن کي پڪو يقين هو تہ هاڻ هن جو سمورو وقت طبعيات تي تحقيق ۾ گذري سگهندو. هيل تائين تحقيق رڳو هڪڙو شوق هو جنهن ۾ هن جي دل ۽ دماغ رڌل رهيا هئا پر هاڻ هو پنهنجي هڪڙي ذوق وارن ماڻهن جي وچ ۾ وڃي رهيو هو.

ميليفا پنهنجي عادتن پٽاندڙ ماٺ رهي پر انهيءَ تبديليءَ سان هن کي خوشي ٿي. برن ۾ هن کي ڪڏهن سڪون نہ مليو هو ۽ هاڻ هن کي اميد هئي، تہ زيورڪ ۾ جتي انهن ڏينهن جي شاگردن جو زمانو گذريو هو وري زندگيءَ جون بهارون موٽي اينديون.

پر تمام جلد آئنسٽائن ۽ ميليفا ٻنهي کي پنهنجون زندگيون نون سانچن ۾ وجهڻيون پيون. پروفيسر بڻجڻ جي، ڪري سماجي ذميواريون بہ وڌي ويون. عهدو وڏو هو. پر پگهار اوتري هئي جيتري برن جي پيٽنٽ آفيس ۾ ملندي هئي. انهيءَ ڪري پنهنجن وسيلن جي اندر ئي گذارو ڪرڻ جي لاءِ انتهائي درجي جي ڪفايت شعاري اهم ٿي پئي. خود آئنسٽائن تي انهن مسئلن جو ڪوبہ اثر ڪونہ پيو.

هن جي زندگي سائنسي تحقيق سان لڪيل هئي. سائنس جي اڳيان دنيا جو هر مسئلو هيچ هو. ننڍپڻ جي شروعاتي ڏينهن ۾

پنهنجن سوالن جو جواب نہ ملندي هن کي جيڪا بيچيني ٿيندي هئي هاڻ ان جي جاءِ اعتماد پيدا ٿي ويو هو. هن کي ڇا ڪرڻو هو ۽ هو ڇا ڪري رهيو هو ان جو هن کي پورو شعور هو. ان اطمينان هن کي روزانو جي پريشانين ۽ مسئلن کان گهڻو پري ۽ مٿانهون ڪري ڇڏيو هو.

جنهن جي حياتيءَ جو نظريو اهڙو هجي اهو عام انسانن وانگي لباس ۽ محفل جي آدابن جي پاسي ڪيئن ٿو توجهہ ڏيئي سگهي. انهن ڏيکاون تي هن کي ڪل ايندي هئي. جڏهن ميليفا بہ هن کي ٻين پروفيسرن جي سوٽن جهڙو نئون پُرتڪلف سوٽ خريدڻ لاءِ چوندي هئي، تہ هو کلي ڏيندو هو. "اها ڪيڏي نہ غلط ڳالهہ ٿي جيڪڏهن اندر رکيل گوشت کان وڌيڪ ٿيلهو قيمتي سمجهيو وڃي. سٺن ڪپڙن سان منهنجو ڪم تہ بهتر نہ ٿيندو. مون کي انهن پراڻن ڪپڙن ۾ رهڻ ڏيو مون کي اهڙيءَ طرح آرام ملي ٿو."

جيئن جيئن وقت گذرندو ويو، آئنسٽائن کي معلوم ٿيندو ويو تہ هن کي جن شين جي اميد هئي اهي اسسٽنٽ پروفيسر بڻجندي بہ حاصل ٿي نہ سگهيون. هن جي وقت جو وڏو حصو ليڪچر تيار ڪرڻ، شاگردن کي مشورو ڏيڻ ۽ آفيس جي ڪمن اڪلائڻ ۾ پورو ٿي ويندو هو. تحقيق جي لاءِ هن کي جهڙي طرح واندڪائي ۽ جيتري اڪيلائي جي ضرورت هئي ان جا موقعا گهٽبا ويا.

هتي آئنسٽائن جو اهو حال هو جو برن ۾ رهائش دوران پنهنجو پويون تحقيقي مقالو ڇپائڻ کانپوءِ هن جي ذهن ۾ ڪن ٻين خيالن جنم ورتو هو. جن تي وڌيڪ غور ۽ فڪر جي لاءِ هو گهڻو بيچين هو پر ان جي فرصت ئي نہ ملندي هئس.

اڃا تائين هن جو اضافيت وارو نظريو اڌجندڙ گهر جي ڍانچي جيئان هو. يعني اهو شروعاتي شڪل وٺي چڪو هو خاڪو واضح ٿي چڪو هو پر نظريي جي پورڻتا ۾ اڃا گهڻو ڪم رهيل هو. هاڻ هن کي برن جا پُرسڪون ڏينهن ۽ راتيون ياد ايندا هئا، تہ رشڪ ٿيندو هو جتي ڏينهن جو پيٽنٽ آفيس جو ڪم هوندو هو جنهن ۾ ڪوئي رُخنو

نہ پوندو هو. رات معمولي فرنيچر واري چوٿين منزل واري فليٽ ۾ گذري ويندي هئي جتي زندگي تڪليفن کان آجي هئي.

آئنسٽائن تمام سڌو سادو ماڻهو هو. هو رڳو ايترو گهرندو هو تہ ڪيس پنهنجي ڪم ڪرڻ لاءِ اڪيلو ڇڏيو وڃي. پر هن جا ڪارناما لڪڻ جا ڪونہ هئا. سندس شهرت جهنگ جي باهہ وانگي نئين سر سائنسدانن ۾ پکڙجندي رهي.

سمورو يورپ هن جي عزت تي آماده هو ۽ اڪيچار سائنسي انجمنن هن کي ليڪچر ڏيڻ جي لاءِ نينڊون ڏنيون. آئنسٽائن ٿوري ٿورڙين انجمنن جي دعوت قبول ڪئي. ڇاڪاڻ تہ هو پنهنجي ڪم کي اڌ ۾ ڇڏي ڊگهين مسافتن ووڙڻ کان ڪيٻائيندو هو. هو جتي بہ ليڪچر ڏيئي، تہ دنيا جا نامور سائنسدان ڪيس ٻڌڻ لاءِ ڪهي اچن. پئرس ۾ ميڊم ميري ڪيوري پنهنجو تجربيگاهہ ڇڏي زيورڪ جي نئين پروفيسر جو ليڪچر ٻڌڻ آئي هئي. جڏهن هن برسلز ۾ تقرير ڪئي، تہ سامعين ۾ پنهنجي دؤر جو عظيم ماهر طبعيات مئڪس پلانڪ بہ ويٺو هو. ليڪچر کانپوءِ پروفيسر پلانڪ ۽ البرٽ آئنسٽائن دير تائين خيالن جي ڏي وٺ ڪندا رهيا. هڪڙو ديو قامت ۽ باوقار جرمن رئيس هو ٻيو وکريل وارن وارو نوجوان هو جنهن جو ٽويڊ جو سوٽ پراڻو ٿي ويو هو پر هن جي گفتگو ٻنهي لاءِ ڏاڍي اطمينان جوڳي نڪتي، جڻ هو ٻئي ذهني طور تي هڪٻئي جا پائر هئا.

اها البرٽ آئنسٽائن جي ان شهرت جي شروعات هئي جنهن زندگيءَ ڀر هن جو پيڇو نہ ڇڏيو پر اڃا تائين مشهوري رڳو سائنسي دنيا تائين محدود هئي ۽ سائنسدان جيڪي هن سان ملندا هئا، تہ سچي احترام ۽ حقيقي دلچسپي جي ڪري ملندا هئا. ٻي دنيا کي اڃا تائين هن همراهہ جي باري ۾ ڪائي خبر ڪانہ هئي.

آئنسٽائن کي زيورڪ ايندي ڪي گهٽا ڏينهن ڪونہ گذريا هئا، تہ پراگ[1] يونيورسٽيءَ هن کي پروفيسر جو عهدو ڏنو. آئنسٽائن هيءَ

[1]. پراگ: چيڪوسلواڪيا جي گاديءَ جو هنڌ.

آچ وڏي خوشيءَ سان قبول ڪئي. سبب اهو هو ته هن عهدي تي روزمره جي ذميواري گهٽ هئي. وري پگهار به وڏيڪ هئي. جنهن جو مطلب اهو هو ته هن جو ڪٽنب وڏيڪ سکيو رهي سگهيو ٿي. پراگ يونيورسٽي يورپ ۾ اعليٰ تعليم جي قديم درسگاهن مان هڪ آهي. ان وقت هن يونيورسٽيءَ ۾ هر مضمون ۾ قابل ماڻهو موجود هئا. هتان جي علمي ماحول ۾ پنهنجي پنهنجي صلاحيتن کي اجاگر ڪرڻ لاءِ جڳ جهان جا شاگرد ڪهي ايندا هئا.

پراگ وڃڻ زيورڪ اچڻ کان وڏيڪ سولو ثابت ٿيو. هاڻي زال مڙس کي وڏيڪ تجربو ٿي چڪو هو ۽ هنن کي سُڌ هئي، ته نئين جڳهه مان ڪهڙيون اميدون رکيون وڃن پر پنهنجي پراگ رسڻ کانپوءِ جڏهن هنن کي يونيورسٽيءَ جي هڪ روايت جو پتو پيو. ته هنن کي حيرت ٿي. اها رسم هئي، ته هر نئين ايندڙ کي يونيورسٽيءَ جي سمورن استادن جي گهر ملاقات جي لاءِ وڃڻو پوندو هو. جنهن ماڻهوءَ کي تڪليفن کان بُچان هجي اهو ان رسم کي احمقاڻو ئي چئي سگهيو ٿي، پر هن سمورن استادن جون ايڊرسون لکيون ۽ هر هفتي جي ٽيپهري مهل انهن ملاقاتن جي لاءِ وقف ڪري ڇڏيائين.

”ٺيڪ آ ان ۾ ڇا هي،“ آئنسٽائن سوچيو ”ايئن آئون هيءَ خوبصورت شهر ته ڏسي وٺندس. پهرين ملاقات لاءِ هن انهن گهرن جي چونڊ ڪئي جيڪي شهر جي تاريخي محلن ۾ هئا. هو پراگ جي گهٽين ۽ سڙڪن تان پيرين پنڌ هلندو شهر جون اهم ۽ تاريخي جايون ڏسندو ويندو هو ۽ ان جهوني شهر جي ماحول مان مزو ماڻيندو رهندو هو. جڏهن هن پنهنجي دلچسپيءَ جون شيون ڏسي ورتيون، ته هن اوچتو استادن سان ملاقات جي لاءِ وڃڻ بند ڪري ڇڏيو.

جن پروفيسرن سان هو ملڻ نه ويو انهن کي حيرت به ٿي ۽ ڪٿيءَ به ورايو پر انهن کي ڪهڙي ڪل هئي، ته پروفيسر آئنسٽائن ڇڙو ان لاءِ ملڻ ڪونه آيو جو هو شهر جي اڻ وڻندڙ علائقن ۾ رهندا هئا. انهن استادن جي گهر وارن آئنسٽائن جي نه اچڻ تي ڪٿيءَ جو اظهار ڪيو.

دراصل آئنسٽائن ڪجهہ مشهور بہ هو ۽ وري ڪجهہ عام ماڻهن کان مختلف بہ هو جنهن جا افواهہ پکيڙجي چڪا هئا. انهيءَ لاءِ انهن ماڻهن کي هن سان ملڻ جي خواهش ۽ شوق هو تہ جيئن هو اهو چئي سگهن، تہ ايرنڊڙ نوجوان سائنسدان کين ميزبانيءَ جو شرف بخشي چڪو آهي. توڻي جو روزانو ڪي ئي شيون خلل هيون پر آئنسٽائن پروفيسرن جون سموريون تدريسي ذميواريون پوريون ڪرڻ سان گڏوگڏ پنهنجي تحقيق ۾ بہ لڳو رهيو. هن جي خيالن جي ذهني تجربيگاهہ ۾ وقت پيدا نہ ٿيو هو. هو گهمندي ڦرندي، يونيورسٽيءَ ۾ ميز تي ويٺي يا ٻار کي لوڏي لوڏي سمهاريندي، پنهنجي ذهن مان سمورين اڻ لاڳاپيل ڳالهين کي ڪڍي، وڏي اطمينان سان پنهنجي تصورن ۾ گم ٿي ويندو هو. هن ۾ پنهنجي خيال کي هڪ جاءِ ٽڪاءُ ڪرڻ جي بي پناهہ قوت هئي. شروع شروع ۾ هن جا شاگرد هن کان مدد وٺندي لهرائيندا هئا. هو اهڙي ٻاجهاري ٻولي ڳالهائيندڙ نوجوان استاد کان ڊاڍا ڊڄندا هئا جيڪو پنهنجي خيالن ۾ ايترو تہ کوهيل هوندو هو جو هن کي پنهنجي اوسي پاسي جو ڪو ڌيان ئي نہ رهندو هو. پر هن پنهنجي شاگردن کي چئي ڇڏيو هو تہ "توهان، جڏهن بہ چاهيو مون سا ڳالهائي سگهو ٿا. منهنجو سمورو ڪم، هن پنهنجي مٿي تي آڱر رکندي چيو،هن جاءِ هوندو آهي، هيءَ جڳهہ منهنجو اوسيئڙو ڪندي رهندي آهي ۽ اوهان جي وچڻ ڪانپوءِ، آئون وري سولائيءَ سان پنهنجن خيالن ۾ کوهجي سگهان ٿو."

يورپ جي ٻين اڻ ڳڻين يونيورسٽين کان آئنسٽائن کي پروفيسريءَ جو عهدو پيش ڪيو ويو. پر هڪڙي نوڪري ڇڏي ٻي نوڪري ڪرڻ آئنسٽائن جي لاءِ بي معنيٰ هو. يورپ جون سياسي حالتون ڏينهون ڏينهن خراب ٿي رهيون هيون ۽ آئنسٽائن کي معلوم هو تہ يورپ جي گهڻين جاين تي هو آزاديءَ سان ڪم ڪري نہ سگهندو. بلقان جون ننڍڙيون ننڍڙيون لڙايون عالمي امن جي لاءِ خطرو بڻجي پيون هيون ۽ عالمي جنگ ڇڙڻ جا قوي امڪان موجود هئا. جرمنيءَ جو نئون

شهنشاهہ ولهلم ٻيو اُبهري طبيعت وارو ماڻهو هو ۽ هڪ وڏي فوج ۽ بحريہ جي بلبودي تي نو آبادين جا مطالبا ميڄرائي رهيو هو. نئين جرمني جي جنگ پسندي ڪري ٻين يورپي ملڪن ۾ خوف ۽ هراس پکڙيل هو.

مرڪزي يورپ جي بدامني جو پراگ تي بہ اثر پيو ۽ آئنسٽائن کي امن جي سلامتي خوف ۾ ويڙهيل نظر اچڻ لڳي. هن کي هر قسم جي اذيت کان سخت نفرت هئي ۽ کيس اهو سوچي ڏک ٿيندو هو تہ قومون رت ڦڙو وهائڻ بغير پنهنجا اختلاف ختم نٿيون ڪري سگهن. هو ان ڳڻتيءَ ۾ هو جو هن جي پراڻي درسگاهہ فيڊرل پولي ٽيڪنڪ جي طرفان کيس پروفيسر جو عهدو آڇيو ويو. ان متعلق ميليفا سان صلاح ڪندي آئنسٽائن چيو تہ "هن آڇ سان وڏيڪ پيچيدگي پيدا ٿي ويئي آهي. هاڻ زيورڪ موٽي وڃڻ جو ڪوبہ چارو ڪونهي. ان کان علاوه آئون هتي سڪون سان پنهنجو ڪم ڪري سگهان ٿو."

ميليفا جي نيڻن ۾ جوت جرڪي پئي. مان هن آڇ تي ڏاڍي سرهي آهيان. مان هن قتل پراڻي شهر ۾ نٿي رهي سگهان."

"پر تون هتي بہ خوش رهي سگهين ٿي. هتي يلا ڪهڙي شيءِ جي ڪمي آهي."

"مان هتي خوش نٿي رهي سگهان." سمجهين ٿو؟ مان زيورڪ کانسواءِ ٻيو ڪٿي بہ خوش نٿي رهي سگهان. مون کي پڪ آهي تہ اتي سڪون مليو هو ۽ هاڻي بہ اتي ئي ملندو."

آئنسٽائن پراگ يونيورسٽيءَ جي انتظاميہ کي اطلاع ڏيئي ڇڏيو تہ هو 1912ع جي اونهاري کانپوءِ يونيورسٽيءَ ڇڏي ڏيندو. هڪ دفعو ٻيهر سمورو ڪٽنب آئنسٽائن، ميليفا، البرٽ ۽ ايڊورڊ سامان سڙو ٻڌي زيورڪ واپس هليا ويا. ويندي وقت آئنسٽائن کي اها سڌ نہ پئي، تہ غير ملڪين بابت سرڪاري دفتر ۾ هو هڪ پيچيدگي ڇڏي وڃي رهيو هو. اهو قانون هو تہ ڪوبہ ڌاري ملڪ جو ملازم جڏهن چيڪو سلوواڪيا مان ويندو هو تہ ان کي هڪ فارم جي خانہ پوري ڪرڻي

پوندي هئي. قانونن ۽ قاعدن جي پاسي کان پنهنجي فطري لاپرواهي جي ڪري آئنسٽائن هي فارم ڪونہ پريو. ڪيترائي سال جڏهن هو هڪ عالمي شهرت جي سائنسدان جي حيثيت سان هڪ ليڪچر ڏيڻ واپس آيو تہ هڪڙي سنگتيءَ کلندي هن کي ان فائل جي باري ۾ ٻڌايو جنهن تي لکيل هو تہ ”آئنسٽائن غير ملڪي.“

”اڙي! آئنسٽائن مُرڪيو مون کي ان جو تدارڪ ڪرڻ گهرجي. ڪلارڪ ويچارو اجايو پريشان ٿيندو هوندو.“ ٻين ڪيترن ئي نامر ڪتين شخصيتن کي انتظار ۾ ڇڏي هو لاڳاپيل دفتر رسي ويو ۽ فارمر مڪمل ڪرڻ کانپوءِ جڏهن ڪلارڪ ان تي، ”آئنسٽائن مڪمل. جو ٺپو هنيو تہ هن کي اطمينان ٿيو.“

پر آئنسٽائن جي اندر ۾ جيڪو لڪل سائنسدان هو ان کي هن غير ضروري ڳالهين ڏانهن ڌيان ڏيڻ جي واندڪائي ڪونہ هئي. هو اضافت جي نظريي جي ڪن نون پاسن تي سوچ ويچار ۾ لڳل هو. پراگ ۾ رهڻ دوران هن ڪي ٻيا نتيجا ڇپايا هئا جن سان سائنسي دنيا ۾ پهرين کان وڌيڪ ڦڙڦوٽ پئجي ويئي. پر اجا ٻيو ڪجهہ باقي هو. طبعيات جا ڄاڻو هن رچ مڙس جي انوکن تصورن سان ڇرڪي پيا هئا. پر آئنسٽائن کي فقط پنهنجي وڌيڪ کوجنا جي ڳڻتي هئي جيڪا هن کي ڇڪيون اڳتي ورتيون پئي ويئي.

آئنسٽائن کي زيورڪ ايندي اميد جي ابتڙ هڪڙو مددگار ملي ويو. مارسل گروس من اتي هو ۽ ٻئي دوست وري گڏجي پيا ۽ ڪم ڪرڻ لڳا. گروس من تحقيق جي رياضياتي حسابن جو حل پنهنجي ذمي کنيو جنهن جي ڪري آئنسٽائن جي محنت بچي ويئي. تحقيق وڏي زور شور سان هلندي رهي ۽ زيورڪ ۾ رهڻ دوران هڪ ٻيو مقالو شايع ٿي ويو.

آئنسٽائن زيورڪ ۾ وڌيڪ ڏينهن تائين نہ رهي سگهيو. مشڪل سان هڪڙو ئي سال گذريو هو جو برلن جي ”سائنس بابت پروشيا جي شاهي پاٺشالا“ کيس پنهنجي رُڪن ٿيڻ جي آڇ ڏني. هيءَ آڇ اهڙي

هئي جنهن تي سنجيدگيءَ سان غور ويچار ڪرڻ جي ضرورت هئي. ان اڪيڊمي جي رُڪن بڻجڻ جو مطلب اهو هو ته پاڙهڻ ۽ ٻين ذميوارين کان ڇوٽڪارو ملي ويندو ۽ آئنسٽائن جو سڄو وقت تحقيق ۾ گذري ويندو. وري ڊاڪٽر ميڪس پلانڪ ۽ دنيا جا ٻيا نالي وارا سائنسدان اتي هن جا ساٿي هوندا. سچ پڇو ته آئنسٽائن زيورڪ ڇڏڻ نٿي چاهيو. هو اتي سڪون سان هو. وري جرمني سان نندپڻ جون تلخ يادون به جڙيل هيون. جنهن جي ڪري هو جرمني ڏانهن واپس ويندي گهٻرائي رهيو هو. پر ان دوران هن پنهنجي ڪم کي اهميت ڏني. کيس تحقيق ۽ فقط تحقيق جو ئي موقعو ملي رهيو هو ۽ ان مان هن فائدو وٺڻ ٿي چاهيو.

اڪيڊمي جي رُڪنيت قبول ڪرڻ کان پهرئين آئنسٽائن اها درخواست ڏني، ته کيس سوئزرلينڊ جي شهري رهڻ جي اجازت ڏني وڃي. اڪيڊميءَ وارا هن جي اچڻ جا ايترا ته شوقين هئا جو راضي ٿي ويا. جرمن قوم جنهن کي پنهنجي قوم پرستيءَ تي ناز آهي، ان تي تيار ٿي ويئي، ته پروشيا جي اڪيڊميءَ جو هڪڙو رڪن ٻي ملڪ جو شهري هجي. ان کان اول ايئن ڪڏهن ڪو نه ٿيو هو پر هو آئنسٽائن کي هر قيمت تي حاصل ڪرڻ گهرن پيا. انهن آئنسٽائن جي لاءِ هڪ خاص عهدو قائم ڪيو. هن کي قيصر ولهلم انسٽيٽيوٽ جو ڊائريڪٽر بڻايو ويو. هيءَ مشڪل ته خيرن سان ٽري ويئي پر هڪ ٻيو مسئلو پيدا ٿي پيو. ميليفا جڏهن پنهنجي مڙس لاءِ نئين عهدي جي آڇ جي خبر ٻڌي، ته هُن چٽن لفظن ۾ چٽي ڇڏيس، ”مان ته زيورڪ قطئي ڪونه ڇڏيندس.“

”ڏسو سمجهڻ جي ڪوشش ڪريو.“ آئنسٽائن هن کي سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي. ”تون خود سائنسدان آهين، تون به سمجهي سگهين ٿي، ته هيءَ آڇ ڪيتري نه اهم آهي.“ پر پنهنجي مڙس جي حڪم سان جيڪڏهن ميليفا کي ڪڏهن متاڇرو لڳاءُ هو به، ته هاڻ قصو پراڻو ٿي چڪو هو. هن جي مزاجي ڪڙاڻ سمجهه جي

گنجائش ئي ڪٿي ڇڏي هئي. انهيءَ لاءِ هُن کي ڪڏهن بہ خوشي ۽ سڪون نہ ملندو هو.

جڏهن وڇڙ جو وقت آيو تہ آئنسٽائن اڪيلو ٿي ويو. هن کي ۽ ميليفا ٻنهي کي خبر هئي، تہ هيءُ هميشہ جو وڇوڙو آهي ۽ هو ٻيهر ڪڏهن بہ ملي نہ سگهندا!

(9)

جنگ جو زمانو

1914ع جي بهار جي مند شروع ٿي چڪي هئي. انٽرڊين لنڊن جي شاهراهه جي ڀنهي پاسي وڻن ۾، جن جي نالي سان هيءَ شاهراهه مشهور هئي، چانهه جي پنن جهڙا گوُنچ ڦٽي رهيا هئا. اسٽيٽ لائبريري جي وڏي ديوقامت عمارت هن شاهراهه تي هئي ۽ هن عمارت جي اڳين حصي ۾ ”سائنس بابت پروشيا جي پاٺشالا“ جون آفيسون هيون جن جي سامهون سڙڪ جي هُن پر برلن يونيورسٽيءَ جي عمارت اُس ۾ چمڪي رهي هئي. ڪانفرنس واري ڪمري جي وڏي دريءَ مان آئنسٽائن جهاتي پائي برلن تي بهار ايندي ڏٺو.

هتي اچي هن کي اهو سڀ ڪجهه مليو جنهن جي کيس اميد هئي. برلن ايندي هن کي گهٽا ڏينهن ڪونه ٿيا هئا پر اتي هن جي دل لڳي ويئي هئي. هن ڪمرو مسواڙ تي ورتو ۽ پنهنجي ذاتي ضرورتن کي ايترو گهٽائي ڇڏيو هو جو سندس گهڻو ٽڻو وقت پنهنجي تحقيق تي سوچ غور ڪندي گذرڻ لڳو هو. ميليفا ۽ ٻارڙن کانسواءِ هر شيءِ اوپري اوپري لڳندي هئي پر آئنسٽائن جي ذهن ۾ ڪنهن افسوس يا پڇتاءَ جي گنجائش ئي نه هئي. کيس اڪيلائي خراب نه لڳندي هئي، ڇاڪاڻ ته هن جي ڪم لاءِ تنهائي اشد ضروري هئي. شاگرديءَ واري زماني ۾ به هو سڀني کان الڳ ٿلڳ رهندو هو. سائنسدان ٻڌجڻ کانپوءِ هن پنهنجي خيالن جي نهايت وسيع وسعتن ۾ سدائين اڪيلي سر مسافتون ووڙيون هيون. ان ڪري اڪيلائيءَ جو جيڪڏهن ڪڏهن احساس ٿيو به. ته ٽڪڙو ئي ختم ٿي ويو ۽ ان ۾ نه ڪڏهن تيز مزاجي پيدا ٿي، نه ئي وڏائيءَ هن جي ذهن کي واسو ڪيو.

ها. هو پنهنجن لٽن ڪپڙن ۾ منهن مهاندين ڏانهن پهريان ڪان گهٽ لاپرواهه ٿي پيو. ٿاءِ، ٽوپلي ۾ حجامت جهڙيون شيون هن لاءِ بيڪار ۽ غير ضروري هيون. روزانو جون پريشانيون هن تائين نه پهچنديون هيون. هڪ سرور ڏيندڙ مرڪ يا وڏو زوردار ٽهڪ ڪيترن ئي اڻ وڻندڙ واقعن سان هن جي ذهن کي محو ڪري وجهندو هو. برلن اچي هن جو ذهن نين بلندين کي ڇهڻ لڳو هو ۽ اضافيت جي نظريي جي پورڻتا ويجهو اچي رهي هئي. ان عرصي دوران ڪيترائي واقعا ٿي چڪا هئا. ميليفا طلاق وٺي چڪي هئي، آئنسٽائن جي پيءُ جو لاڏاڻو ٿي چڪو هو. هن جي ماءُ مايا سان گڏ رهڻ لڳي هئي جنهن جو پرڻو پروفيسر ونٽيلر جي ڇوڪري سان ٿي ويو هو. پر آئنسٽائن پنهنجي معمول ۾ مصروف رهيو.

وري هڪڙي ڏينهن ماٽس خط ۾ لکيس، ته "هاڻ جڏهن ته تون برلن ۾ رهين ٿو روڊي چاچهين سان ضرور ملجانءِ. هو پنجين نمبر هابرلينڊ اشتراسي وٽ رهئي ٿو."

ياڻتي جي برلن اچڻ تي روڊي چاچو ڏاڍو خوش هو ۽ پنهنجي گهر آئنسٽائن جي اچڻ جي گڏجاڻي ۾ هُن (چاچهنس) ويجهو رهندڙ سمورن مائٽن کي رات جي ماني جي دعوت ڏني. انهن سڀني کي آئنسٽائن سان ملڻ جو اشتياق هو جنهن کي ڪڏهن هو سوچڻ ۾ ٻڏل ۽ گم سم ڏسي چڪا هئا. آئنسٽائن دعوت ۾ هر هڪ جي ڌيان جو مرڪز هو. چاڪاڻ ته فقط چوٽيهن سالن جي عمر ۾ پاڻ شالا ۽ دنيا جي عظيم سائنسدانن سان اچي ڪلهو هنيائين. ان محفل ۾ سندس سئوٽ ايلزا به هئي جيڪا بيواهه ٿيڻ بعد ٻارڻن سميت اتي پنهنجي پيءُ سان گڏ رهندي هئي. ميونخ ۾ تفريح تي ويندڙ شوخ ۽ چنچل ڇوڪري هاڻ عورت ٿي چڪي هئي. سندس جسم ڳورو ٿي ويو هو ۽ ماءُ ٿيڻ ڪري هاڻ هن ۾ شفقت ۽ ٻاجهه پڻ پيدا ٿي وئي هئي.

مائٽن سان گڏ شام گذاريندي آئنسٽائن کي تمام گهڻي سرهائي ٿي. ميز تي هن جي پسند جا ڪاڏا رکيل هئا ۽ ڪائڻ ڪانپوءِ ڪائي چانهه

سان گڏ هن جي پسند جا ڪيڪ بہ هئا. ڪشمش ۽ دالچيني پيل ڪيڪن کي کائيندي آئنسٽائن چيو "هي تہ تمام سٺا آهن. بلڪل اوهڙا ئي جهڙا امان جي هٿ جا نهيل." "هئڻ گهرجن"، ايلزا کلندي جواب ڏنو. "چاچي پائولين ئي تہ ترڪيب ٻڌائي هئي."

آئنسٽائن پنهنجو وائلن بہ ساڻ کنيون آيو هو. اهڙيءَ طرح هن بنا سوچڻ جي اڪيچار ڌنون ٻڌايون. هڪڙي مائٽ جي پيڻ پيانو وڄائڻ لڳي ۽ هن موزارٽ جون نرم ۽ نازڪ لطيف ڌنون ڇيڙي وڌيون. جڏهن آئنسٽائن واپس وڃڻ لڳو تہ ايلزا کيس دروازي تائين ڇڏڻ لاءِ آئي. "ترسو مان توهان لاءِ سواري گهرائي وٺان. دير ٿي ويئي آهي ۽ توهان کي پري وڃڻو آهي."

"اوهہ!" آئنسٽائن چيو "منهنجين هنن ٻن ٽنگن کان پلي سواري ٻي ڪهڙي هوندي. وري ڇهل قدميءَ لاءِ هي وقت بہ ڏاڍو سٺو آهي. آئون ويندي ويندي ڪجهہ سوچي بہ وٺندس. ڇڱو شُڀ راتڙي (گڊ نائيٽ).

"شُڀ راتڙي البرٽل. جلدي اچجانءِ."

البرٽل!... ڪيتري وقت کانپوءِ ڪنهن کيس هن نالي سان سڏيو هو. البرٽ گهڻو اونداهين گهٽين مان ويندي ڪن پل لاءِ سوچيو. وري سندس تحقيق جا مسئلا هن جي اڳيان اچي بيٺا ۽ سوچ جي ڌارا جو رخ مٽجي ويو. آئنسٽائن ايتري ۾ بارهابرلانڊ اشتراسي واري گهر ۾ آيو ۽ نيٺ اهو طئي ڪيائين. تہ هو اڳتي اوڏانهن وڃي ماني کائيندو. آئنسٽائن کي ڪڏهن بہ کاڌي جو خيال نہ رهندو هو. ڪڏهن ڪڏهن هوٽلن ۾ جيڪو پڪو کائي ڇڏيو. ڪيترا پيرا تہ کافي وقت گذري ويندو هو ۽ کيس کاڌي کائڻ لاءِ ياد ڪرائڻو پوندو هو. کاڌي جي ان نئين انتظام سان سندس صحت تي ڇڱو اثر پيو.

ايلزا سدائين ان ڳالهہ جي ڪوشش ڪندي هئي، تہ آئنسٽائن جڏهن پروگرام ۾ وڃي يا ڪنهن اهم ليڪچر مان ڪوشش جي باوجود پنهنجي جند نہ ڇڏائي سگهي، تہ گهٽ ۾ گهٽ ڍنگ جا ڪپڙا تہ پاتل هجنس. پر پوءِ بہ اڪثر ايئن ٿيندو هو جو سٺن ڪپڙن وارن

مانوارن ماڻهن جي وچ ۾ آئنسٽائن پنهنجو ڍلو ٽويڊ جو سوٽ ۽ بنا پالش جي بوٽ پائي اچي پهچندو هو. جرمني جي ماڻهن تي دٻدٻو ۽ ڏگهين تقريرن جو وڏو اثر پوندو آهي ۽ جڏهن آئنسٽائن کي ان جلسي ۾ ڏسندا هئا، تہ ڪين ڌڪ ٿيندو هو.

آئنسٽائن اهڙين ڳالهين تي ڪڏهن ڌيان نہ ڏنو. هن جو رويو مٿين ۽ هيٺين سيني سان هڪجهڙو هو. جيڪڏهن ٻيا ماڻهو پيڪيدار ڪپڙن ۽ پرتڪلف ميڙاڪن ۾ وقت وڃائڻ چاهن ٿا، تہ ڀلي شوق سان ڪن پر جيستائين منهنجو سوال آهي، آئنسٽائن طئي ڪري ڇڏيو هو مون کي انهن ڳالهين سان ڪوبہ واسطو ڪونهي.

آئنسٽائن جون سموريون ڪوششون تحقيقن تي لڳي ويون. نتيجو اهو نڪتو تہ هڪڙي سال جي اندر ئي هن اضافيت جي نظريي ۾ هڪ اهم واڌارو ڇپرايو. عام حالتن ۾ هن واڌاري سان، ٻهريان جي مقابلي ۾، وڏيڪ هلچل مچڻ گهربي هئي پر انهن ڏينهن ۾ دنيا جو ڌيان ڪنهن ٻي پاسي هو. جرمني پنهنجي پاڙيسري ملڪن بيلجم ۽ فرانس تي ڪاهہ ڪئي هئي ۽ پهرئين عالمي جنگ پرپور نموني ڇڙي چڪي هئي. آئنسٽائن جنهن جي لوں لوں ۾ جنگ کان نفرت ڪندي هئي، هينئر هڪ اهڙي ملڪ جي حڪومت ۾ رهيو ٿي جيڪو جنگ ۾ هڪڙو مخالف هو. هنن حالتن ۾ هو هر پاسي پهريان کان وڌيڪ وڏي غور سان پنهنجي ڪم ۾ مصروف ٿي ويو ۽ لوڪ جي نظرن کان لڪل رهڻ لڳو. انهيءَ زماني ۾ هن ايلزا سان تمام خاموشي سان شادي ڪئي ۽ ٻئي ڄڻا، ايلزا جي ٻنهي ڇوڪرين سان گڏ، هابرلاند اشتراسي جي انهيءَ عمارت ۾ هڪڙو فليٽ وٺي رهڻ لڳا. جنگ جي خوفناڪي ۽ تباهي تي سڄو جڳ دنگ رهجي ويو. جرمني جا ڀَريا مڙس بہ چور جي ڏاڙهيءَ ۾ ڪک واري چوڻي مطابق جنگ متعلق اهڙيون تہ ڳالهيون ڪرڻ لڳا ڄڻ جرمنيءَ تي جنگ جي ڪائي ذميواري نہ هجي. انهن ماڻهن جرمنيءَ جي نامَ ڪنين فنڪارن ۽ سائنسدانن کي گڏ ڪري انهن کان هڪ بيان تي صحيح ڪرائي

ورتي جنهن ۾ جرمنيءَ جي فوجي قدمن کي ساراهيندي جرمني جي بي گنهائي ۽ معصوميت جو پڙهو ڏنو ويو هو. انهيءَ بيان تي نوانوي صحيحون هيون، پر آئنسٽائن، هنن جو سڀ کان املهه سرمايو ۽ دنيا جو مشهور سائنسدان، سندن سوچ ۾، هنن جي پاسي وهندو پر آئنسٽائن ته دل جي گهراين سان ويڙهه کي غير ضروري ۽ انساني عمل جي ابتڙ سمجهندو هو. هن صاف صاف چيو ته "توهان پلي مون کي پوٽيون پوٽيون ڪري ڇڏيو پر مان اهڙن ڪڏن ڪمن ۾ ڪوبه حصو نه وٺندس. انهيءَ واقعي کان پوءِ جرمن جا ماڻهو هن تي مڇرجي پيا ۽ هن کي شڪي نظرن سان ڏسڻ لڳا. هاڻ هنن کي نفرت جو بهانو به سٺو ملي ويو.

آئنسٽائن جنگ جو مخالف آهي. آئنسٽائن هنن جي وچ ۾ هڪ ته ڏاريو آهي ۽ ٻيو وري آئنسٽائن پهريون شخص آهي. ماڻهو ته هن تي غداريءَ جو الزام به هڻن ها پر هو جرمنيءَ جو شهري ئي ڪونه هو. آئنسٽائن سوئزرلينڊ جي شهريت برقرار رکي وڏي سياڻپ ڪئي هئي.

سوئزرلينڊ جي رهاڪن کي انهيءَ ڳالهه تي ڏاڍي سرهائي ٿي هئي ۽ آئنسٽائن انهن جي شهريت ڇڏڻ نه پئي چاهي ۽ جنگ جي ڏهاڙن ۾ هنن پنهنجي شهريءَ کي ياد رکيو. هو وڏي پابنديءَ سان آئنسٽائن کي کاڌي پيتي جي شين جا پارسل موڪليندا هئا جنهن جي ڪري ايلزا انهن جا وڏا ٿورا ڳائيندي رهندي هئي. انهن ڏينهن برلن ۾ کائڻ پيئڻ جون شيون پهرين ته وڏي مشڪل سان ملنديون هيون ٻيو وري شيون به اڻ لڀ هونديون هيون. زيورڪ ۾ واندڪائي جي دوران خراب کاڌا کائيندي آئنسٽائن کي پيٽ جون بيماريون وڪوڙي ويون هيون ۽ ايلزا ڏاڍي ڏکيائي سان هن لاءِ سٺو کاڌو پچائيندي هئي. سوئزرلينڊ جي کاڌن جي پارسلن ڪري آئنسٽائن کي صحت سڌاريندڙ خوراڪ ملي ويندي هئي.

(10)

مشهوريءَ جا مسئلا

آئنسٽائن جو اضافيت وارو نظريو زمان، مڪان، مادي ۽ توانائي جي باهمي رشتن کي ظاهر ڪري ٿو. ان جا بنيادي تصور ايترا تہ پيچيدا آهن جو هڪ پڙ سائنسدان ئي انهن کي سمجهڻ جي اميد رکي سگهي ٿو. خود طبعيات جا ڄاڻون بہ نظريي جي ڪن حصن تي مُنجهي بيهن ٿا. جڏهن نظريو ڇپجي پڌرو ٿيو تہ حقيقي رائج سائنسي تصورن کان ايترو تہ مختلف نڪتو جو ڪيترن سائنسدانن ان کي ان وقت تائين تسليم ڪرڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو جيستائين ان جو چٽو ثبوت نہ مليو.

ان جو واضح ثبوت ڏيڻ ممڪن هو. آئنسٽائن جي تصورن مان اهو پتو پوي ٿو تہ جيڪي تارا سج جي سڌائيءَ ۾ آهن جيڪڏهن اهي نظر اچي وڃن، تہ اهي پنهنجي اصل جاءِ کان هٽي ويا هوندا. ان ثبوت کي پيش ڪرڻ ۾ اها ڏکيائي اچي ڪڙڪي هئي، تہ سج جي روشني ۾ تہ پري پري جا تارا ڏسڻ ۾ نٿا اچن. ويجها تارا ۽ وري اهي جيڪي سج جي بلڪل سڌائي ۾ هجن، سي ڪيئن ڏسڻ ۾ ايندا. انهن کي ڏسڻ جو فقط هڪڙو ئي ڏگ هو. تہ مڪمل سج گرهڻ جو انتظار ڪيو وڃي. سج گرهڻ ۾ چنڊ ڌرتيءَ ۽ سج جي وچ ۾ اچي ويندو آهي جنهن ڪري سج جي روشني نظر نہ ايندي آهي ۽ سج جي پر وارا چمڪندڙ تارا ان جي اونداهيءَ ۾ نظر اچڻ لڳندا آهن.

پهرين مهاڀاري لڙائي 1918ع ۾ ختم ٿي ويئي. ان جي ٻي سال مارچ جي مهيني ۾ مڪمل سج گرهڻ ٿيڻ واري هئي. انگلينڊ جي رايل سوسائٽي جيڪا دنيا جي اهم سائنسي ادارن مان هڪ هئي، اهو

فيصلو ڪيو تہ گرهڻ ڏسڻ جي لاءِ تحقيقي جماعتون آفريڪا ۽ برازيل موڪليون وڃن جتان سج گرهڻ سڀ کان وڌيڪ چٽي نظر اچي پئي سگهي. اهڙيءَ طرح اهي ٽوليون اوڏانهن روانيون ٿيون. انهن وٽ گرهڻ جون تصويرون ڪيڻ واريون وڏيون نازڪ ڪيميرائون هيون ۽ هي همراهہ اها دعا گهري رهيا هئا، تہ ٻن منٽن جي گرهڻ دوران شل ڪڪر نہ هجن.

آئنسٽائن انهن تيارين کان لاتعلق سائنس جي اڪيڊمي ۾ پنهنجن ڪمن ڪارين ۾ مصروف لڳو پيو هو. هڪ ڏينهن صبح جو ايلزا هن جي اڳيان اچي هڪڙو لفافو رکيو. ”سج گرهڻ جون تصويرون رايل سوسائٽي جي حقيقي جماعتن ڪڍيون هيون. اهي آيون آهن، هاڻي هاڻي ٽپالي ڏيئي ويو آهي.“ ”اوهہ چڱو!“ آئنسٽائن چيو. ايلزا پارسل کولي ڇڏيو. آئنسٽائن وڏي سائيز جي تصويرن کي دير تائين غور سان ڏسندو رهيو. ايلزا هن جي ڪلهن کي ڏسڻ لڳي. ايلزا کي انهن تصويرن ۾ هڪ ڪارو ٽڪو نظر آيو جنهن جي ڪنارن جي چوڌاري روشنيءَ جو دائرو هو ۽ پسمنظر بلڪل ڪارو هو. هن جي لاءِ هنن تصويرن ڪائي معنيٰ نہ پئي رکي. هوءَ آئنسٽائن جي ڳالهائڻ جي اوسيئڙي ۾ هئي. ڪمري ۾ ٻڌهي ماٺ ڇانئجي ويئي. ”واهہ! هي لفظ سرگوشيءَ ۾ نڪتا، تمام سٺو.“

”واقعي ڪيتري نہ سٺي ڳالهہ آهي. ايلزا ڌيرج ۾ چيو توکي ثبوت ملي ويو.“

”ثبوت؟“ آئنسٽائن سواليہ انداز ۾ پنهنجي زال کي ڏٺو.

”ڇا مطلب آ تنهنجو؟ ڪهڙو ثبوت؟“

”تنهنجي اضافيت واري نظريي جي صحيح هئڻ جو ثبوت، ٻيو وري ڇا؟“

”هاڻ هو سمورا سائنسدان تنهنجي تحقيق تي تنقيد نہ ڪري سگهندا.“ آئنسٽائن جي نڙيءَ مان آواز ايئن نڪتو جڻ پري کان ڪا ريل گاڏي ايندي هجي. وري هن هڪ زوردار ٽهڪ ڏنو. ايلزا جو منهن

شرم کان ڳاڙهو ٿي ويو. ”پر توئي تہ چيو هو تہ تمام سٺو. مون سمجهيو تہ تون ثبوت ماڻي خوش ٿيو آهين.“

”ثبوت! ثبوت!“ سندس مڙس اهڙي طرح کلندي چيو تہ ”پياري مون ڪڏهن بہ ثبوت نہ پئي گهريو. ثبوت جي ضرورت تہ انهن سائنسدانن کي هئي.“ آئنسٽائن کي سدائين پنهنجين سوچن جي سچائي جو يقين هو. هن کي سج گرهڻ جي تصويرن ۾ ڪائي دلچسپي ڪونہ هئي. هن کي پتو هو تہ انهن تصويرن سان ڪهڙي ڄاڻ ملندي. ”تمام سٺو!“ هن وري چيو. هن جو مطلب هو تہ تصويرون ڏاڍيون سٺيون آهن. هو انهن ماهرن جي ڪم جي واکاڻ ڪري رهيو هو. جن جي تصويرن ۾ روشني جي ٽيڪن جهڙا تارا چِٽا نظر اچي رهيا هئا.

ان واقعي کانپوءِ آئنسٽائن پنهنجي زندگيءَ جون سڀ کان ويجهيون ۽ سڀ کان قيمتي شيءِ يعني تنهائي وڃائي ڇڏي. سندس ڪارنامن جو چرچو صرف سائنسي حلقن ۾ نہ هو پر سڄي دنيا تي ڏاڍو ڇمي ويو هوس. هو جيڪو سائنس جي دنيا جو شهري هو هاڻ سموري دنيا جو شهري بڻجي ويو. عام ماڻهو ان ۾ دلچسپي وٺڻ لڳو ۽ هن متعلق ڪجهہ ڄاڻڻ جي خواهش ڪرڻ لڳا. هن جي باري ۾ دنيا جي اخبارن ۾ اڻ ڳڻين ٻولين ۾ خبرون ڇپجڻ لڳيون. هر هنڌ يونيورسٽين، عورتن جي ڪلبن ۽ ڪاروباري ادارن وٽان ليڪچرن جي لاءِ درخواستون اچڻ لڳيون. سندس نانءُ ٻارن تي رکجڻ لڳو. هن جي اعزاز ۾ تمغا جاري ڪيا ويا. هن جي صحيحن جا گهرجائو هن کي راهہ ويندي روڪڻ لڳا. هڪڙي سگار ٺاهيندڙ پنهنجي سگار جو نالو اضافيت رکيو.

آئنسٽائن جي نالي ايتري تہ ٽپال ايندي هئي جو ايلزا کي خطن جي جوابن ڏيڻ لاءِ ڀين کان مدد وٺڻي پيئي. پاڻ آئنسٽائن انهيءَ هڻ هٽان ۽ هل هنگامي ۾ بہ سڪون سان رهيو. ”پريشان نہ ٿيءُ پياري“. هن ايلزا کي اطمينان ڏيندي چيو ”ماڻهن کي هڪڙو نئون مشغلو هٿ اچي

ويو آهي، ٻن ٽن ڏينهن جي ڳالهه آهي، اهي ماڻهو مون کي ۽ منهنجي نظريي کي وساري ويهندا ۽ وري اسان ساڳي طرح سڪون جو ساهه کڻنداسين. پر هن دفعي آئنسٽائن، جيڪو ڪڏهن غلطي ڪندو هو غلطيءَ تي هو. وقت سان گڏ ايلزا کي هڪ مشهور ماڻهوءَ جي زال جو ڪردار ادا ڪرڻ اچي ويو. خطن جي ڍيرن مان هوءَ فقط ضروري خطن کي آئنسٽائن جي اڳيان رکندي هئي. شهرن جي ڳولهائو ماڻهن کي، جيڪي ڇڙو پنهنجي نالي جي لاءِ آئنسٽائن سان ملڻ ايندا هئا، ايلزا وڏي خوش اسلوبيءَ سان کين ٽاري ڇڏيندي هئي. هوءَ پنهنجي مڙس جي ذاتي زندگيءَ کي مشهوريءَ کان بچائڻ جي لاءِ ڍال بڻجي ويئي. هوڏانهن دنيا هن جي پٺيان پاڳل هئي ۽ هيڏانهن وري آئنسٽائن خاموشي ۽ سڪون سان پنهنجي روزانو جي ڪم ۾ لڳو پيو هو. هن نه پنهنجون عادتون بدلايون، نه وري خيال. ايئن لڳو پئي ڄڻ هي سارو هُل هنگامو ڪنهن ٻئي شخص لاءِ ٿي رهيو هجي. هو اخبارن ۾ پنهنجون تصويررون ڏسندي کلي پوندو هو ۽ چوندو هو هيءَ گول مٿول همراهه ڪير آهي جنهن جو اهڙو عجيب نڪ آهي.

آئنسٽائن مختلف شهرن ۾ سائنسدانن جي اڳيان تقريرون ڪرڻ ويندو هو. هونئن ته ايلزا ساڻس گڏجي ويندي هئي. هونئن به جيڪڏهن آئنسٽائن کي اڪيلو وڃڻو پيو ته ايلزا کي ڳڻتي هوندي هئي. هڪ ڀيري جڏهن هو وڃڻ لڳو ته ايلزا وڏي سنڀال سان سندس سامان ٻڌو ۽ ويندي ويندي کيس ياد ڏياريو ته "جڏهن سانجهيءَ جو تقرير ڪرڻ وڃو، ته هي ڪارو سوٽ پائجو. صاف شرٽ ۽ ٽاءِ ضرور پائجو ۽ مهرباني ڪري جورابا ضرور پائجو."

"ايلزا تون غير ضروري ڳالهين لاءِ پريشان رهين ٿي." هن مُرڪندي کيس دلاسو ڏنو ۽ وڏي فرمانبرداريءَ سان سوٽ ڪيس کڻي هلي پيو. جڏهن هو موٽي آيو ته ايلزا سوٽ ڪيس کوليو ته سوٽ، قميص ۽ جورابا ساڳيءَ طرح بند پيا هئا.

"البرٽ!" هن پنهنجي مڙس کي جواب ڏيڻ لاءِ چيو "تو هي ڪپڙا نه پاتا؟" "اڙي!" آئنسٽائن اهڙي طرح شرم وچان مرڪيو ڄڻ شرارتي

ڇوڪرو شرارت ڪندي پڪڙجي پيو هجي. ”مون ڪان وسري ويو هوندو. پر هو ماڻهو تہ منهنجون ڳالهيون ٻڌڻ آيا هئا، ڪي ڪپڙا ڏسڻ ٿورئي آيا هئا، هان؟“ ايلزا ڇا چوي، مرڪندي ڪپڙا واپس الماڙي ۾ ٽنگي ڇڏيائين.

آئنسٽائن کي عوام جي نظرن ۾ پنهنجي اهميت تي ڪڏهن بہ يقين ڪونہ آيو هو. جڏهن پيرس آبزرويٽري عظيم فرانسيسي سائنسدان جي هڪ جلسي ۾ هن کي تقرير ڪرڻ لاءِ ڪوٺايو. تہ هو ريل جي ٽرڊ ڪلاس گاڏي ۾ سفر ڪندو اچي پيرس پهتو ۽ تڪڙو پنڌ هلندو آبزرويٽري پهچي ويو. هن کي اها سُڌ ئي نہ هئي، تہ جيڪي ماڻهو اسٽيشن تي هن جي آجيان لاءِ ويا هئا اهي کيس فرسٽ ڪلاس گاڏيءَ ۾ ڳولهي رهيا هئا. هو ڪنهن امتيازي ورتاءَ جو قائل نہ هو. هو سدائين ان ڳالهہ تي زور ڏيندو هو تہ هن سان اهو ئي رويو رکيو وڃي جهڙو ٻين سان ڪيو وڃي ٿو. هڪ ڏهاڙي هن پنهنجي پروفيسر سان هڪڙي پُل تي ملڻ لاءِ چيو تہ جيئن اتان ٻئي، ڄڻا گڏجي گهمندا ڦرندا جيڏانهن وڃڻو هو اوڏانهن پهچي وڃن.

پروفيسر هٻڪندي چيو ”شايد مون کي اچڻ ۾ دير ٿي وڃي، اوهان کي پُل تي اوسيئڙو ڪرڻ ۾ تڪليف ٿيندي. چڱو ٿيندو تہ توهان اڪيلا ئي هليا وڃو.“ ”پر ان سان ڪهڙو فرق پوي ٿو؟“ آئنسٽائن کلها لوڏي چيو. ”مون کي انتظار سان ڪهڙي تڪليف ٿيندي منهنجو ڪم تہ هر هنڌ هلندو رهي ٿو پوءِ ڪٿي پُل تي ويٺو هجان يا آفيس جي ميز وٽ ويٺو هجان.“

آئنسٽائن کي ان جو احساس ضرور هو. تہ هو هڪ اهڙي جاءِ تي پهچي ويو آهي جتان سندس هڪ هڪ لفظ عوام کي متاثر ڪري سگهي ٿو. انهيءَ ڪري هو تمام محتاط ٿي ويو. گڏوگڏ هن اهو بہ ڄاتو پئي، تہ مٿس ڪنهن نيڪ مقصد جي لاءِ پنهنجو اثر استعمال ڪرڻ جي ذميواري بہ رکجي ويئي آهي. مثال طور ڪوبہ فلاحي ادارو هن جي نالي تي وڏو چندو وٺي سگهيو پئي. نون خيالن، ايجادن ۽ سياسي

تنظيمن جو ساٿ ڏيڻ ۽ حمايت ڪرڻ جي لاءِ هن وٽ اڻ ڳڻيون درخواستون آيون پر هن فلاحي ۽ سائنسي مقصدن کان سواءِ ڪنهن بي مقصد جي لاءِ پنهنجو نالو استعمال ڪرڻ جي ڪڏهن به اجازت نه ڏني.

ڪيس برلن ۾ رهندي ڪيئي سال ٿي ويا هئا. نيٺ هن پروشيا جي شهريت پنهنجائڻ جو ارادو ڪري ڇڏيو. دنيا جون نظرون اجا به هن تي کُتل هيون. جيتري خاموشي سان ٿي سگهيو هو پنهنجي ڪم ۾ لڳو رهيو. هن جو ڪمرو گهر کان الڳ انهيءَ عمارت جي ميناري ۾ هو. هڪ ننڍڙي ڏاڪڻ ڪمري تائين ويندي هئي. اندر پٽين سان لڳو لڳ ڪتابن سان ڀريل ڪٻٽ لڳل هئا. هو ڇهل قدمي لاءِ به ويندو هو. پري تائين گهمڻ سان هن کي اجا به سڪون ملندو هو. ماڻهو ڪيس لنگهندي ڏسندا هئا ۽ هو سندن نظرن کان لاپرواهه 'لِڪا پٽن لوڪ ۾' واري نظريي تحت پنهنجن خيالن ۾ ڪوهيل گهمندو رهندو هو. هن جو ڀهڪندڙ چهرو ۽ مٿي تي گهنڊريل وار سڃاڻڻ لڳا هئا.

جيئن جيئن سال گذرندا ويا جرمني ۾ يهودين جي خلاف نفرت وڌندي ويئي. ڪن جرمن سائنسدانن اضافيت جي نظريي کي يهودين جو علم ڪوٺيندي ان تي حملي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. آئنسٽائن کي پنهنجي نظريي جي مخالفت سان ڏک يا ڪاوڙ ڪونه چڙهندي هئي پر پنهنجي مخالف جي دليلن کي ٻڌي ڪري ڪنڌ لوڏيندو رهندو هو. ايئن لڳندو هو ڄڻ هن جي نه پر ڪنهن ٻي ماڻهوءَ جي نظريي جا بخيا اڌيڙجي رهيا هجن. انهن حالتن ۾ جرمنيءَ کان ٻاهر جون مسافتون هن لاءِ سڪون ڏيندڙ تبديلي بڻجي ويا. پنهنجي ملڪ جي اڻ وڻندڙ ماحول کان ڪجهه ڏينهن پري رهي هن کي آرام ملي ويندو هو. وري ٻين نون سائنسدانن سان ملاقات ۽ ٻين ملڪن جو سير سفر خود هڪ دل لڀائيندڙ تجربو هو. هو جتي به ويجي ماڻهو هن کي ڏسڻ ۽ هن جون ڳالهيون ٻڌڻ جي لاءِ ڪٺا ٿي وڃن. انهن ئي ڏينهن ۾ هالينڊ جي لائڊ يونيورسٽي ۾ هن کي پروفيسري جو عهدو ڏنو ويو پر هو

اتي مستقل نہ رهيو. سال ۾ ڪجهہ هفتن جي لاءِ مٿين جماعتن کي پڙهائڻ جي لاءِ ويندو رهيو. هالينڊ جو ماحول ڏاڍو سٺو هو. هتي هن جا تمام سٺا ۽ ڪيس سمجهڻ وارا گهڻ گهرا دوست هئا جن جي وچ ۾ هي ٿورا هفتا سٺا گذري ويندا هئا.

1921ع ۾ آئنسٽائن هڪ ليڪچر جي لاءِ ٻيهر پراگ ڪهي ويو. عوامي آڌر ڀاءُ جي پريشاني ۽ گوڙ گهمسان کان بچڻ لاءِ هن جي اچڻ کي راز ۾ رکيو ويو. اسٽيشن تي چڙهڻ پروفيسر فلپ فرئنڪ هن کي وٺڻ آيو. هيءُ آئنسٽائن جو هتان وڃڻ کانپوءِ هن جي جاءِ تي پروفيسر مقرر ڪيو ويو هو. جڏهن پروفيسر فرئنڪ پليٽ فارم تي بيٺي ريل جو انتظار ڪري رهيو هو تہ ان کي آئنسٽائن جي خاموش شخصيت ياد اچي ويئي ۽ هو سوچڻ لڳو تہ دنيا ڀر جي شهرت جو آئنسٽائن تي ڪهڙو اثر ٿيو هوندو پر جيڪو ماڻهو گهنجيل اور ڪوٽ ۽ هڪ پراڻو ڇبو ٿيل هيٽ پاتل، هٿ ۾ وائلن جو ڪوڪو ڪنيون ريل مان لٿو اهو هرگز عالمي شهرت جو مالڪ ڏسڻ ۾ نہ ايندو هو. آئنسٽائن جي اکين ۾ ساڳي چمڪ. چپن تي مرڪ ۽ اها ئي گرمجوشي هئي جيڪا گهڻا سال اڳ پهرين پروفيسر فرئنڪ ڏٺي هئي. انهيءَ رات ٽوٽي جو آئنسٽائن جون ڳالهيون انهن مان گهٽن جي سمجهہ کان مٿي هيون تڏهن بہ هو رڳو هن کي ڏسڻ لاءِ آيا هئا. تقرير ٿي، تہ يونيورسٽي جي صدر ڪن گهڻ گهرن دوستن کي پنهنجي گهر آئنسٽائن سان ملڻ لاءِ نينڊ ڏني. دعوت ۾ پهريان تہ وڏيون وڏيون شاندار آجياٽيون تقريرون ٿيون پوءِ آئنسٽائن کي ڳالهائڻ لاءِ درخواست ڪئي ويئي.

”منهنجو خيال آهي“آئنسٽائن چيو. تہ ”جيڪڏهن آئون توهان کي ڪجهہ وڄائي ٻڌايان، تہ شايد وڌيڪ مزو اچي وڃي. اهو چوندي هن پنهنجو وائلن ڪڍيو ۽ ان ننڍڙي موسيقي جي مداحن جي ميڙ اڳيان هو وڏي دير تائين موزارٽ جون تخليق ٿيل ڌنون وڄائيندو رهيو.

(11)

آمريڪا جو پهريون سفر

اهو 1921ع جي اپريل جيو هڪ اداس صبح هئو. ”روٽرڊيم“ نالي جهاز يورپ مان پنهنجي وقت مطابق روانو ٿي نيويارڪ جي نار ۾ هوريان هوريان داخل ٿي رهيو هو. جهاز جي مٿين منزل ۾ هڪڙو همراهہ جهنگلي سان لڳو بيٺو هو ۽ چوڏس ڪوهيڙو ڇانيل هو. ان ماڻهوءَ جو مٿو اگهاڙو هو ۽ تيز هوا ۾ هن جا وڏا ڇڊا وار اڏامي رهيا هئا. هن جي ڪالر جون ڪنڊون مٿي مُڙيل هيون ۽ ٽاءِ جي ڳنڍ تمام ٿلهي هئي.

هن ڪوهيڙي ۾ ”آزاديءَ جي مجسمي“ کي ظاهر ٿيندي ۽ وري پوئتي اکين کان اوجهل ٿيندي ڏسندو رهيو. مجسمو جيستائين نظر ايندو رهيو، سندس پوريون اکيون ان تي ٽِڪيون رهيون ۽ هو سوچڻ ۾ الوپ ٿي ان کي ڏسندو رهيو. هن جي چپن تي مُرڪ تري رهي هئي. ”البرٽ“ هو پنهنجو نالو ٻڌندي مُڙيو. سامهون سندس زال بيٺي سڏي رهي هئي. ”هلو ٻي عرشي تي هلڻو آهي.“ جوڙس وڏي سندس ٻانهن تي هٿ رکي چڙيو. ”ٻڌو اٿم اخباري نمائيندا اتي تنهنجو انٽرويو وٺندا.“ آئنسٽائن زال سان گڏ هلڻ لڳو. هو پهريون ڀيرو آمريڪا وڃي رهيو هو جنهن جي آزادي ۽ جمهوريت کان هو هميشہ متاثر رهيو هو. عرشي تي ”روٽرڊيم“ جي ڪپتان (ناڪي) هڪ حصو رسن سان الڳ ڪري انٽرويو لاءِ مخصوص ڪري ڇڏيو هو: جهاز جيئن ئي ڪناري پيڙو ٿيو فوٽوگرافر ۽ رپورٽر جهاز تي اچي ويا ۽ پنهنجي جاءِ تي پهچندي پنهنجي ڪِرت ۾ مصروف ٿي ويا.

”ٿورو هيڏانهن ڏسجو ٿورو هيڏانهن. ٿورو مُرڪجو ٿورو مٿي ڏسجو. ويهي رهو ٿورو ٻيهي رهجو هٿ لوڏيو. رڳو هڪ دفعو وري“

فوٽوگرافر هڪ ٻئي کي ڌڪي رهيا هئا. ڪو هيٺ ويهي تصوير ڪڍي رهيو هو. ڪو ڪنهن ڏاڪڻ تي چڙهي تصوير جي لاءِ مناسب

زاويو ڳولهي رهيو هو. ڪوئي جهڪي ڪنهن منفرد پوز جي انتظار ۾ هو. مطلب تہ فوٽوگرافر هر طرح کان تصويرون ڪڍي رهيا هئا ۽ جيڪو هنگامي جو مرڪز هو انهن جي هر ڳالهہ مجي رهيو هو. ڪڏهن ڪائي ڳالهہ سمجهہ نہ ٿي آيس، تہ منهن تي سواليہ انداز اڀري آيو ٿي. هن هڪ دفعو ايلزا کي ڏٺو ۽ هوريان چيو "يا خدا مون کي ايئن لڳي ٿو ڄڻ آئون ڪوئي ايڪٽر هجان."

مس مس وڃي فوٽوگرافرن مان جان ڇُٽي، تہ وري نمائيندا پويان پئجي ويس. پينسليون ۽ نوٽ بڪ کنيون هو آئنسٽائن کي وڪوڙي ويا. هو سوال پڇي رهيا هئا ۽ آئنسٽائن جا جواب ٽڪڙو ٽڪڙو لکجي رهيا هئا.

"اوهان کي آمريڪا پسند آهي؟" "مون اجا آمريڪا ڏٺي ئي ناهي." "هتي ڪيترو عرصو رهندؤ؟" "خبر ناهي." "ڇا توهان اضافيت واري نظريي جي تشريح ڪري سگهو ٿا؟" "نہ."

"دنيا ۾ ڪيترا ماڻهو توهان جي اضافيت وارو نظريو سمجهي سگهن ٿا؟" "ڪوبہ طبعيات جو ماهر جيڪو ان جو اڀياس ڪندو سمجهي ويندو." "ڇا توهان ٻڌائي سگهو ٿا، تہ ايترا سارا ماڻهو جن کي اهڙين ڳالهين جو ڪوبہ ادراڪ ڪونهي، جن کي سائنسي مسئلن سان ڪوبہ لڳاءُ ناهي، اوچتو توهان جي اضافيت واري نظريي ۾ ايڏي دلچسپي ڇو پيا وٺن؟" آئنسٽائن کلها لوڏيندي وراڻيو تہ "اهڙن عجيب ۽ غريب حرڪتن جو اصل سبب ڄاڻڻ لاءِ سائنسي تحقيق ٿيڻ کپي."

"عورت کي اضافيت جي نظريي سان ايتري دلچسپي ڇو آهي؟"

آئنسٽائن مُنهن مٿي ڪري ٽهڪ ڏنو "ان لاءِ تہ عورتن کي هر سال هڪ نئون فيشن گهرجي. هن سال اضافيت جو فيشن آهي." هڪ نمائندي ايلزا جي پاسي ڏيان ڇڪايو جيڪا هميشہ ان وقت بہ آئنسٽائن سان گڏ هئي. "مسز آئنسٽائن! ڇا توهان رياضي دان آهيو؟"

"بلڪل نہ." ايلزا مٿو لوڏي وراڻيو. هن کي اهڙن سوالن کي منهن ڏيڻ اچي ويو هو. "رياضي ۾ منهنجون وڏيڪ دلچسپيون گهرو ضرورتن جي حساب ڪتاب تائين محدود آهن."

”ڇا توهان اضافيت جي نظريي کي سمجهو ٿيون؟“

ايلزا نڪ سٽڪي ۽ مُرڪندي ورائيو ”مون کي خوش رهڻ لاءِ اضافيت سمجهڻ جي ڪائي ضرورت ڪانهي.“ نيٺ انٽرويو پورو ٿيو ۽ ٻئي ڇٽا. زال مڙس، پنهنجي ڪئبن ۾ واپس وڃي، جهاز مان لهڻ جون تياريون ڪرڻ لڳا. جهاز مان لهندي ئي هڪ سرڪاري وفد هنن جو حال پڇائي ٿيو. رسمي آجياڻين ۽ تقريبن ڪانپوءِ هنن کي هڪ وڏي ڪليل موٽر تائين وٺي ويا. آئنسٽائن جي ڪار اڳيان اڳيان هلي ۽ موٽرن جو جلسو پٺيان پٺيان سٽي هال جي پاسي هليو. جلوس هوريان هوريان اڳتي وڌندو ويو. سڙڪن جي پاسن تي پيهه لڳي پئي هئي. ماڻهو ڪلاڪن کان آئنسٽائن جي هڪ جهلڪ ڏسڻ لاءِ اوسيئڙي ۾ بيتاب بيٺا هئا. هن جي ڪار گذري، تہ ماڻهن پنهنجي عشق جو اظهار ڪرڻ لاءِ نعرا هنيا ۽ هٿ لوڏيا. مٿي ڏگهين وڏين عمارتن جي درين ۾ آفيسن جا ملازم بيٺا هئا ۽ ڪار جي رستي تي اڇي ڪاغذ جا ٽڪرا ۽ ڏگها ڏاڳا ڇنڇي رهيا هئا. آئنسٽائن پنهنجي ڪار ۾ بيٺو هو ۽ ٿوري ٿوري ساهي سان مٿو يا هٿ لوڏيندي ماڻهن جي سلام جو جواب ڏنائين پئي. ڪڏهن سنجيدگيءَ سان مُرڪي پئي ڏنائين. هن جي هوا ۾ اڏامندڙ وارن ۾ ڪاغذ جا ٽڪرا ڦاسي پيا هئا ۽ هن جي ڪلهن تي ڏاڳا پيا هئا.

هن ايڏي هل هنگامي مان، هو تمام سڪون سان گذرندو هليو ويو. هاڻ هن کي اهڙي مسئلي کي منهن ڏيڻ جي عادت پئجي ويئي هئي جنهن جو ڪو بہ حل نہ هوندو هو. هن لاءِ هيءُ جوشيلو آڌرڀاءُ بہ انساني رويي جو هڪ اهڙو مسئلو هو جيڪو ڪيس سمجهہ ۾ نہ آيو هو.

آئسنٽائن تمام سادڙو ماڻهو هو هن کي دوستاڻي پليڪار پسند هئي پر جوش ۽ خوبي سان آجياڻي جو اظهار هوندو هو تہ هو پاڻ ۾ پيهي ويندو هو ۽ تماشو ٿيڻ بدران پاڻ تماشائي ٿي ويندو هو. هن پوري زندگي ڪڏهن بہ پنهنجي مرضيءَ سان ڪو اهڙو ڪم نہ ڪيو هو نہ ڪا اهڙي ڳالهہ چئي هئي جيڪا ماڻهن جو ڌيان يا داد ڏيڻ لاءِ هن ڄاڻي ٻجهي منهن ڪٽي ورائي ها.

نيويارڪ جي ضلعي آفيس جي سٽي هال ۾ شهر جي ميئر آئنسٽائن جي آجيان ڪندي کيس ”شهر جي ڪنجي“ پيش ڪئي جيڪا ان ڳالهه جو اهڃاڻ هئي، تہ آئنسٽائن جي ميزباني جو اعزاز سموري نيويارڪ شهر کي مليو آهي. انهيءَ تقريب سان سفر، آجياڻن ۽ تقريرن جو سلسلو شروع ٿي ويو جيڪو ڇهن هفتن تائين لڳاتار هلندو رهيو. واشنگٽن جي وائيٽ هائوس ۾ هو صدر ’وارن هارڊنگ‘ سان مليو ۽ پرنسٽن، هارورڊ ۽ ڪولمبيا يونيورسٽين ۾ ليڪچر ڏنائين. مئي جي پڇاڙيءَ ۾ واپسي واري رات جو آئنسٽائن جي مان ۾ نيويارڪ جي اسٽير هوٽل ۾ رات جي ماني‌ءَ جي دعوت ڏني وئي. رات جي مانيءَ جي دوران هڪڙي همراهہ آئنسٽائن کان پڇيو تہ ”ڇا توهان جي خيال ۾ ڪاليج جي تعليم سچ پچ ضروري آهي؟ ڇا تمام ضروري ڄاڻ ڪتابن مان نٿي ملي سگهي؟“ ”آئون پاڻ پنهنجي ذهن کي انهن عام معلوماتن کان ڀاري نٿو بڻايان جيڪي درسي ڪتابن ۾ ملي وڃن ٿيون. پر ڪاليج جي تعليم جو سچو پچو مقصد ذهن کي فڪري سکيا ڏيڻ آهي. انهيءَ لاءِ هيءَ تعليم وڏي ملهائتي آهي.“ ٻي ڏينهن زال مڙس جڏهن يورپ ڏانهن ويندڙ جهاز تي سوار ٿيا، تہ تمام ٿڪل هئا پر ڏاڍا خوش هئا. آمريڪا کي آئنسٽائن وسندڙ ڪاغذن جي ڪوهيڙي، آجيان لاءِ بيٺل ماڻهن جي ميڙ ۽ ريل جي درين مان ڏٺو هو. پوءِ بہ جيڪو ڪجهہ هن ڏٺو هو ان سان تمام وڏي شخصي آزاديءَ جو اندازو ٿي ويو هو جيڪو ان ملڪ جو اعليٰ نشان هو. هن جي من جي پاتال ۾ هڪ خيال ايري رهيو هو تہ شايد هيءَ ڌرتي ڪڏهن سندس ديس بڻجي وڃي. ڪنهن عرصي کان هو جرمنيءَ کي تباهي جي پاسي ڌسي رهيو هو ۽ هاڻ هنن کي اها پڪ ٿي وئي، تہ ضرورت پئي، تہ آمريڪا سندن پناهہ گاهہ بڻجي ويندو.

(12)

انگليند ۾ ڪجهہ ڏينهن

آئنسٽائن ۽ ايلزا سڌا جرمني موٽي ڪونہ ويا. آئنسٽائن ڪنگس ڪاليج ۾ اضافيت تي ليڪچر ڏيڻ جو وچن ڪري ويٺو هو جنهن جو پورائو ڪرڻ جي لاءِ کيس ڪيئي ڏينهن لنڊن ۾ رهڻو پيو. لنڊن ۾ سندن رهائش جي بندوبست جي ڪائي سڌ ڪانہ هئي. رڳو ايترو معلوم هئس، تہ هو ناليواري عالم لارڊ هالڊين جا مهمان هوندا. جڏهن هو بندرگاهہ تي لٿا، تہ هڪ چمڪندڙ رولس رائس انهن کي آرام سان 27 ڪوئن اٽويهين گيٽ پيڙو ڪيو. هي لارڊ هالڊين جي خوبصورت رهائشگاهہ هئي. برساتيءَ ۾ گاڏي بيهندي ئي هڪ وردي سان نوڪر وڏي اچي دروازو کوليو. آئنسٽائن لهندي ئي پنهنجو وائلن کڻڻ چاهيو پر نوڪر سامان اڳي ئي کڻي ويا هئا.

لارڊ هالڊين رسمي طور تي سندن آڌرڀاءُ ڪيو. پوءِ ٻئي زال مڙس هڪڙي ورديءَ واري نوڪر جي پٺيان ور وڪڙ ڪائيندڙ ڏاڪڻ تان چڙهندا، ويڪري ۽ اوچي ڇت واري ڏيڍيءَ کان گذرندا هڪ دروازي جي محراب کان لنگهي ڪمري ۾ آيا. ڪمري ۾ گهڙندي ئي هو اچرج ۾ پئجي ويا. اهڙو خواب گاهہ تہ هنن جي خيال خواب ۾ بہ نہ هو. هي ڪمرو تہ خواب گاهہ کان وڌيڪ ناچ گاهہ لڳي رهيو هو. سندن حيرت وچان نظرون ان جي گهراين ۾ ڀٽڪي رهيون هيون. ڪٿي هو غلطيءَ سان ڪنهن ٻئي ڪمري ۾ تہ ناهن آيا. پر انهن جو سامان سڄو ڪمري ۾ ئي موجود هو ۽ تمام ڪِريل ڏيک ڏيئي رهيو هو ۽ سندس وائلن جيڪو کيس سڪون ۽ خوشي ڏيندو هو، پڻ سامان سان گڏ پيل هو. آئنسٽائن وڏي پنهنجو وائلن جو کوکو کنيو.

"جناب جيڪڏهن مون کي اجازت هجي." تہ نوڪر هڪدم اچي هن جي هٿ مان ڪوٽ ورتو ۽ وڏي سنڀال سان ڪرسي تي رکي ان کي ڪوليو. آئنسٽائن اداس اکين سان ايلزا ڏانهن ڏٺو جنهن پنهنجي پريشاني ۽ مونجهاري کي لڪائڻ جي لاءِ پنهنجي سوٽ ڪيس ڏانهن هٿ وڌايو.

"سائڻ مان حاضر آهيان." نوڪر سوٽ ڪيس هن جي هٿ مان وٺندي وڏي ادب سان چيو "ڪلارا اوهان جو سامان کولي سليقي سان لڳائي ڇڏيندي" هن ايلزا جي اڳيان جهڪي چيو پوءِ آئنسٽائن جي اڳيان جهڪي چوڻ لڳو "مان جناب جو سامان کوليان ٿو."

آئنسٽائن پنهنجن صندوقن جي اڳيان بيٺي ايلزا کي تڪي رهيو هو ۽ ايلزا بيوسيءَ مان نوڪر کي نهاري رهي هئي. نوڪر ايترو تہ پڪل نظر اچي رهيو هو جيئن ڪوئي رانديگر ڊوڙڻ لاءِ تيار هجي. ڪمري ۾ هڪ ڊگهي گهري ماٽ جو بار ڇانئجي ويو.

آئنسٽائن سڀ کان ويجهي ڪرسيءَ تي ويٺي ئي ايلزا سان جرمن ٻوليءَ ۾ هوريان مخاطب ٿيو "هن همراهہ کي هتان تڪڙو هليو وڃڻ کپي. مان هن کي برداشت نٿو ڪري سگهان." ايلزا هن کي هوريان تسلي ڏني ۽ نوڪر ڏانهن مڙي "مهرباني، پوءِ توهان کي سڏ ڪنداسين." هن هٻڪندي ٽٽل ڦٽل انگريزيءَ ۾ چيو "هاڻ وڃ. وڏي وڏي مهرباني." نوڪر جهڪي چيو "مهرباني، سائڻ توهان جڏهن چاهيو مون کي هيءَ گهنٽي وڄائي گهرائي سگهو ٿا." هن گهنٽيءَ جي رسيءَ جي پاسي اشارو ڪيو ۽ دروازو هوريان بند ڪري ڪمري مان ٻاهر هليو ويو. هڪ پل لاءِ ڪمري ۾ ساڳي ماٽ ڇانئجي ويئي، پوءِ هوريان هوريان آئنسٽائن جي منهن تي بيوسي جي جاءِ هڪڙي مرڪ وٺي ويئي ۽ اوچتو هن جا زوردار ٽهڪ گونجڻ لڳا. ايلزا جي ٽهڪن جو آواز بہ ان ۾ گڏجي ويو ۽ ڊگهي ويڪري سجايل ڪمري ۾ سندن کل وکرڻ لڳي.

ان رات جي ماني ڏاڍي شاندار هئي. انگلينڊ جا ڪي نامور ماڻهو موجود هئا. رائل سوسائٽي جو صدر پروفيسر ايڊنگٽن، مشهور ڊراما

نويس جارج برنارڊ شا، ڪينٽر بري جو آرچ بشپ ۽ ٻيا ڪوڙ سارا ماڻهو هئا. ڪاڌي دوران دنيا ڀرجي موضوعن تي تمام دلچسپ ڳالهه ٻولهه هلندي رهي. جنهن ۾ آئنسٽائن جي نظريي جو بہ ڪيئي ڀيرا ذڪر آيو. آرچ بشپ جيڪو آئنسٽائن جي پر ۾ ويٺل هو وڏي عرصي کان ملاقات جو خواهش مند هو. ڳالهہ اها هئي تہ اضافيت جو نظريو هن جي سمجهہ ۾ نہ آيو هو ۽ انهيءَ ڪري پريشان هو. ان موضوع تي ڪيئي ڪتاب پڙهڻ ڪانپوءِ بہ هن جون متيون منجهيل هيون. انگلينڊ جي ڪليسا جو اڳواڻ هئڻ جي حيثيت سان هو هر انهيءَ معاملي تي معلومات حاصل ڪرڻ گهري پيو جنهن جو مذهب سان ڪو لاڳاپو هجي. هو پاڻ کي وڏيڪ چالاڪ سمجهندو هو پر هيءَ نئون نظريو هن جي سمجهہ کان مٿي هو.

"پروفيسر آئنسٽائن ڇا توهان اهو ٻڌائي سگهندؤ تہ اضافيت ۽ مذهب ۾ ڪوئي تعلق آهي؟" آئنسٽائن وڏي سنجيدگيءَ سان ڇتن لفظن ۾ چيو تہ "ڪوبہ تعلق نہ آهي." آرچ بشب اطمينان جو ساهہ کنيو. خدا جو شڪر آهي، تہ هن پيچيدي موضوع جي مطالعي جي ڪائي ضرورت ڪانهي.

ٻئي ڏهاڙي شام جو آئنسٽائن جو ليڪچر هو ۽ هال ۾ گنجائش کان وڌيڪ ميڙاڪو متل هو. ماڻهو آئنسٽائن جو پليڪار ڪيئن ڪندا؟ انهيءَ جي باري ۾ انتظام سنياليندڙن کي ڳڻتي هئي. جرمنين پوئين جنگ ۾ انگريزن کي جيڪي گهاوءَ ڏنا هئا، اهي اڃا تائين تازا هئا ۽ انهيءَ ڳالهہ جو ڪتڪو هو، تہ متان ڪي ماڻهو سائنس جي هڪ جرمن نمائندي کي پليڪار نہ ڇون.

ڏسندڙ ماٺ ۽ اوسيئڙي ۾ هئا. جڏهن آئنسٽائن ۽ لارڊ هالڊين ٿلهي تي رکيل ڪرسين تي ويهي رهيا، تہ انهيءَ وڏي هجوم ۾ سرٻاتيون ايرڻ لڳيون. لارڊ هالڊين پوري وقت تي بيهي وڏي ڏيا سان هلندو اچي اسٽيج جي وچ تي پهتو. سُرٻاتيون ايئن بدلجي ويون جيئن پاڻي پوڻ سان باهہ وسامي وڃي.

لارڊ هالڊين سامعين کي ڏٺو. ڇا هي هڙئي همراهه جرمن هئڻ جي ڪري مشهور سائنسدان کان نفرت ڪن ٿا. هي همراهه جو هتي ڪهي آيا آهن ڇا هن جي عزت جي واسطي آيا آهن؟ ڇا هنن کي اضافيت جهڙي موضوع سان لڳاءُ آهي يا هي همراهه رڳو افراتفري ڦهلائڻ آيا آهن؟ خير جيڪو به ٿيو ڏٺو ويندو. لارڊ هالڊين ڳالهائڻ شروع ڪيو "اڄ اسان سڀ هڪ بيمثال ذهن کي برطانوي انداز سان خراج عقيدت پيش ڪرڻ لاءِ گڏ ٿيا آهيون." تاڙين جو هلڪو آواز بلند ٿيو ۽ وري ماٺار ڇانئجي ويئي. لارڊ هالڊين چند جملن ۾ ٽڪڙو تعارف پورو ڪيو ۽ مهمان کي وٺي آيو. آئنسٽائن کي سُڌ هئي، ته هن ملڪ ۾ جرمنين جي خلاف جذبا ڪروڌ وارا آهن. هن کي تقريب ۾ شريڪ ٿيلن جي ماٺار جو احساس ٿي ويو هو. هن پنهنجي تقرير شروع ڪئي ۽ سندس آواز ايترو ته آهستي هو جو پوئين قطارن تائين مس ٿي پهتو. هر ماڻهو هن جي لفظن کي ٻڌڻ جي پوري ڪوشش ڪري رهيو هو. آئنسٽائن دنيا جي عظيم سائنسدان سر آئزڪ نيوٽن جي ديس ۾ تقرير ڪرڻ جو موقعو ملڻ تي خوشيءَ جي اظهار وچان پنهنجي تقرير شروع ڪئي. هن چيو ته "سائنس ملڪن جي سياسي سيمائن کان آزاد آهي. سائنس هر ماڻهوءَ جاءِ ۽ هر ملڪ جي لاءِ آهي. سائنس آفاقي آهي ۽ خود نيوٽن جي دريافتن سان سڄي دنيا کي لاڀ حاصل ٿيو آهي." پنهنجي وطن جي باري ۾ ساراهه ۽ واکاڻ ڀريا لفظ ٻڌي ميڙاڪي جي ماٺار گهٽجڻ لڳي ۽ هن جي خلوص ڀري شخصيت ماحول کي گرمائي وڌو. سمورو ڪٺرو وير جڙڻ ڀاڻ ٻڌجي اڏامي ويو.

آئنسٽائن اضافيت ۽ ٻين سائنسي معاملن تي ڳالهائيندو رهيو. هو ايترو محو ٿيو جو هو پاڻ کي وساري ويٺو. هو اهو به ڀلجي ويو ته هو ڪو جرمن آهي ۽ هي همراهه انگريز آهن. هو هڪ سائنسدان هو جيڪو سائنس جي شوقينن جي اڳيان تقرير ڪري رهيو هو. سامعين هن جي ذهانت کان متاثر ٿي ويا ۽ ماحول دوستاڻو رهيو بلڪ آئنسٽائن جي موجودگي سان ٻئي قومون هڪٻئي جي ويجهو اچي ويون.

انگلينڊ ۾ پنهنجون مصروفيتون پوريون ڪري ٻئي زال مڙس وطن روانا ٿي ويا. غير ملڪن ۾ ڏکيي رهائشن ڪانپوءِ گهر جو ڇاتل سجاتل ماحول ڪيڏو نہ وڻندڙ ۽ سٺو لڳي رهيو هو. سامان سڙو پنهنجي جاءِ تي رکيل هو. ڊرائينگ روم جي سفيد پردن واريون ڍڳهيون دريون، وڻندڙ ليمپ (بتي) ۽ پيانو هنن کي پليڪار چئي رهيا هئا. ايلزا اطمينان جي احساس سان گڏ صوفي جي بخملي گدن ۾ پيهي ويئي. ٻاهر باک ڦٽي رهي هئي ۽ اندر خاموش ڇانورن ۾ اکٽ سڪون جي ڪيفيت ڇانئيل هئي. وري موزارٽ جي هلڪي نرم موسيقي ڪمري ۾ ٻُرڻ لڳي. ايلزا اچانڪ ڪر ڪنيو. سندس مڙس ڪوٽ ئي نہ لاٿو هو ۽ هو وڏي آرام ڪرسيءَ تي ويٺي پنهنجو وائلن وڄائي رهيو هو ۽ هن جي اڏ ڪليل اکڙين ۾ بيپناهہ سڪون هو.

(13)

جاپان جو سفر ۽ نوبل انعام

آئنسٽائن ۽ ايلزا کي وطن واپس ورندي پنهنجي گهر ۾ سڪون تہ ملي ويو پر هنن کي برلن ۽ پوري جرمني ۾ پکڙيل بيچيني کان پناهہ نہ ملي سگهي. جنگ ملڪ کي تباهہ ڪري ڇڏيو هو. ايتري تہ بيروزگاري وڌي ويئي هئي جو پڙهيل لکيل ۽ اڻ پڙهيل سيئي سڙڪن تي، پني رهيا هئا. هنيلن جرمنين کي ان جي پڪ ئي نہ هئي، تہ انهن کي پنهنجن احمڪپڻين ۽ غلط ڪارين جي ڪري هي برا ڏينهن ڏسڻا پيا هئا. هاڻي الزام ڏنو وڃي، تہ ڪنهن تي. چونڊ جي نظر وڃي انهن ماڻهن تي پيئي جن جنگ جي حمايت ڪونہ ڪئي هئي يا جيڪي يهودي هئا. آئنسٽائن امن پسند بہ هو، تہ يهودي بہ. انهيءَ لاءِ هو عوام جي نفرت ۽ ملامت جو نشانو بڻجي ويو.

آئنسٽائن کي جيڪي اعزاز مليا هئا ۽ هن جي هر جاءِ جيڪا عزت هئي ان جي ڪري هو ڪجهہ ڏينهن انهن ڳالهين کان بچيو رهيو. نيٺ هن وٽ بہ ڌمڪيءَ وارا خط اچڻ لڳا ۽ هن جي ليڪچرن ۾ ڪونہ ڪو شخص بيهودي قسم جا جملا ضرور هڻندو هو. آئنسٽائن ڪو امير ماڻهو نہ هو. پگهار ٿوري هئي ۽ هو ليڪچرن جو معاوضو يا انعام اڪرام وٺڻ جو قائل ڪونہ هو. پر هاڻ هو خيراتي ۽ فلاحي ادارن جي پروگرامن ۾ شريڪ ٿيڻ لڳو ڇو تہ هن جي هئڻ سان هينئر بہ ماڻهو وڏي تعداد ۾ گڏ ٿي ويندا هئا. هڪ پيري وڏو مزيدار واقعو ٿيو. غريبن جي امداد جي واسطي جرمني جي هڪڙي علائقي ۾ راڳ رنگ جي محل ٿي رهي هئي جنهن ۾ آئنسٽائن کي وائلن وڄائڻو هو. انهيءَ تقريب ۾ هڪ نوجوان ۽ سيڪڙات اخباري نمائندو بہ موجود هو. اڃا

راڳ رنگ جي محفل شروع نہ ٿي هئي ۽ ماڻهو اوسيئڙي ۾ هئا. تہ صحافي پنهنجي پير ۾ ويٺل عورت کان پڇيو تہ "اهو آئنسٽائن ڪير آهي جيڪو اڄوڪي محفل ۾ شريڪ ٿي رهيو آهي؟" عورت کي اهو سوچيندي ڏاڍو صدمو ٿيو تہ جرمني ۾ هڪڙو ماڻهو اهڙو بہ آهي جيڪو ايڏي مشهور سائنسدان کي نٿو ڄاڻي.

"خدا جا بندا!" عورت صحافيءَ کي چيو. "تون نٿو ڄاڻين؟ هيءُ عظيم آئنسٽائن آهي."

"واقعي، ڏاڍو سٺو!" نوجوان صحافي ٽڪڙو ئي يادگيريءَ لاءِ لکي ڇڏيو.

ٻئي ڏهاڙي اخبار ۾ "عظيم موسيقار البرٽ آئنسٽائن" جي انتهائي ڪامياب وائلن نوازي جي خبر ڇپي جنهن ۾ هن کي لاثاني، پڙ موسيقار چيو ويو هو. آئنسٽائن جي گهر ۾ هن جا ٽهڪ گونجي رهيا هئا. آئنسٽائن اخبار جي ان خبر کي پڙهي رهيو هو ۽ کلي رهيو هو. "وائلن نوازي جو ماهر لاثاني فنڪار هاها." هو ايترو تہ کليو جو هن جي اکين مان ڳوڙها وهڻ لڳا.

هونئن تہ آئنسٽائن کي دنيا جي ڪيترين ئي اخبارن پيٽا ڏني هئي. هن وٽ کوڙ سارا تمغا، اعزاز ۽ انعام اڪرام هئا پر اهي شيون هر ڪنهن کي ڏيکاريندو نہ هو. ڪن وقتن تي پاڻ بہ چئي ڪري ڏسڻ کان انڪار ڪري ڇڏيندو هو. "مان انهن جو اهل ناهيان." پر هن اخباري ڪٽنگ جي ڳالهہ ئي ڪجهہ ٻي هئي. هيءَ ڪٽنگ جيستائين گسي ڦاٽي نہ وئي، هن وٽ رهي. جڏهن هو پنهنجي ڪنهن سنگتي کي چوندو هو تہ "تون مون کي سائنسدان سمجهين ٿو مان تہ صرف وائلن نواز آهيان، سمجهيو؟ تہ هن جون اکيون چمڪي پونديون هيون ۽ اهو چئي ڪري هو پنهنجي ڳالهہ جي ثبوت ۾ اها ڦٽل ڪٽنگ پيش ڪري ڇڏيندو هو ۽ هن جي منهن تي کلڻ ڪري گهنج پوڻ لڳندا هئا.

آمريڪا مان واپس ورڻ کان ڪجهہ مهينا پوءِ آئنسٽائن کي جاپان ۾ ليڪچر ڏيڻ لاءِ دعوت ڏني وئي ۽ آئنسٽائن هيءَ آڇ قبول

ڪري ڇڏي. ايلزا کي ڪجهه اطمينان ٿيو. هن سوچيو ته جرمني جي ماحول کان ڪجهه عرصو پري رهڻ چڱو آهي. پاڻ آئنسٽائن ته اهڙين ڳالهين کي ڪلي ٿاري ڇڏيندو هو پر سندس زال ۽ دوستن کي هن جي جان جي ڳڻتي لڳل هوندي هئي. ڇو ته هو پنهنجي خيالن ۾ ڪوهيل، شهر ۾ ايئن گهمندو رهندو هو جو هن کي آس پاس جي ڪنهن ڳالهه جي سڌ ئي نه هوندي هئي. سال 1922ع جي پن ڇڻ جي مند ۾ آئنسٽائن ۽ ايلزا فرانس جي بندرگاهه مارسيلز کان ڏور اوڀر روانو ٿي ويا. هو جپاني جهاز ۾ سفر ڪري رهيو هو. جيڪو مصر، هندستان ۽ چين جي بندرگاهن تي بيهندو جاپان وڃي رهيو هو. هر بندرگاهه تي ان عظيم سائنسدان جو استقبال ڪيو پئي ويو اعزازن ۽ سوکڙين جو ته ڇڻ مينهن وسي رهيو هو. جاپان ۾ هنن جي اچڻ واري کي عام قومي موڪل جو ڏينهن ڪري ملهايو ويو. جاپان جون راڻيون به گڏوگڏ آئنسٽائن ۽ ايلزا جي آجيان جي لاءِ موجود هيون. هن جي ليڪچرن ۾ جاپاني وڏي تعداد ۾ شرڪت ڪندا هئا ۽ هڪ ماهر ترجمي نگار هن جي لفظن کي اتي جو اتي ترجمو ڪندو ويندو هو. آئنسٽائن اهو ڏسي ڏاڍو متاثر ٿيو ۽ سامعين ڪلاڪن کان هن جي تقرير محويت سان ٻڌي رهيا هئا. حالانڪي نه ٻولي سمجهندا هئا، نڪي موضوع کان واقف هئا. جڏهن هڪڙو ليڪچر ڇئن ڪلاڪن کان وڌيڪ دير تائين جاري رهيو ته آئنسٽائن سامعين جي خيال کان اهو طئي ڪيو ته اڳتي هو مختصر ليڪچر ڏيندو. اهڙي طرح ٻيو ليڪچر هن ڇڙو ٻن ڪلاڪن ۾ ختم ڪري ڇڏيو. هن کي ان ڳالهه تي وڏي خوشي ٿئي ها، پر خوشي ۽ فتح جو اهو احساس وڌيڪ دير تائين نه رهيو. انهيءَ سانجهيءَ ويلي سندس ميزبانن هن کي ٻڌايو ته "اسان جي شهر جا ماڻهو پنهنجي توهين محسوس ڪري رهيا آهن. ٻين شهرن ۾ توهان ڇئن ڇئن ڪلاڪن جا ليڪچر ڏيو ٿا ۽ هتي صرف ٻن ڪلاڪن جو."

جاپان هڪ رنگين ۽ سهڻو ملڪ هو ۽ جڏهن به موقعو ملندو هو، آئنسٽائن پنڌ گهمندي ڦرندي ماڻهن سان ملي ملڪ ۽ معاشري جي

رسم ۽ رواج متعلق معلومات حاصل ڪري وٺندو هو. سوڙهين گهٽين يا لاهن چاڙهن وارن رستن ڏانهن وٺي وڃڻ لاءِ جڏهن هن کي رڪشا جي آڇ ڏني ويئي، ته هن انڪار ڪري ڇڏيو. ”آئون هڪ انسان کي جانور جي حيثيت سان ڪڏهن به استعمال نه ڪندس ۽ ان جي اجازت نه ڏيندو مانس، ته هو مون کي هر هنڌ گهليندو هلي.“

آئنسٽائن ۽ سندس زال ٻئي هن ملڪ ۾ ڪيئي هفتا رهيا ۽ جڏهن هو روانا ٿيا، ته هنن وٽ سوکڙين ۽ يادگارن سان ڀريل صندوق ئي نه هئي پر جاپاني قوم جي چڱائي ۽ دوستيءَ جا جذبا ۽ ان پوڻ جون حسين يادون به انهن سان گڏ هيون. واپسي جي سفر ۾ به هنن کي انهن پرتڪلف دعوتن ۽ تقريبن سان واسطو پيو. هڪ جاءِ تي ايئن ٿيو جو جڏهن هو پنهنجي نڪاٽي مان نڪرندا هئا، ته هنن کي توف چوڙي سلامي ڏني ويندي هئي. انهن جي نڪاٽي جي آڳر ۾ سنيون ورديون پهريل سپاهي، هڪ جاءِ بيٺل هوندا هئا.

آئنسٽائن تي انهن ڳالهين جو ڪوبه اثر نه پيو. ڇو ته انهن ڏانهن هن قطئي ڌيان نه ڏريو. پر ايلزا نيٺ اچي تنگ ٿي. ”مان سڌي سادي گهريلو عورت آهيان.“ هن پنهنجي مڙس سان شڪايت ڪئي. ”هي احمقاڻيون ڏيکاءَ جون ڳالهيون مون کي نه ٿيون وڻن.“ ”صبر ڪر پياري“ هن نرميءَ سان زال کي آٿت ڏني. ”بس هاڻ گهر ئي هلي رهيا آهيون.“

”تو لاءِ صبر ڪرڻ ته سولي ڳالهه آهي، تون مشهور ماڻهو آهين. جيڪڏهن تو ڪان ڪائي چڪ به ٿي وڃي يا تون پنهنجي من ماني ڪرين، ته ڪوبه نه تو ڪجي پر اخبارون سدائين منهنجي مذاق اڏائينديون رهن ٿيون. ڏس نه منهنجي نظر ڪمزور آهي، سيئي ڄاڻن ٿا، پر اخبار وارا چون ٿا، ته دعوت ۾ مون سلاد ڀُلجي گلدستي جا ساوا پن کائي ڇڏيا. ٿورو ڏس ته ڀلا نه!“

آئنسٽائن جي جاپان ۾ رهائش دوران هنن کي هڪڙي خوش خبري ملي. سوئيڊن جي سائنس جي اڪيڊمي آئنسٽائن کي سائنسي

دنيا جو سڀ کان وڏو اعزاز يعني سال 1922ع جو طبعيات جو نوبل انعام عطا ڪيو هو. پهرئين مهاڀاري لڙائيءَ کان پوءِ پهريون ڀيرو ڪنهن جرمن کي نوبل انعام مليو هو. انهيءَ اعزاز ۾ جرمن قوم جي هار جي احساس ۾ ڀنتي هٿي وچڻ جي گهاءَ تي پٽيءَ جو ڪم ڪيو. انهيءَ آئنسٽائن سان مذهب ۽ امن پسندي جي بنياد تي جيڪو وير هو اهو به عارضي طور دٻجي ويو. جرمني ۾ ٿورن هفتن جي ٽڪڻ ڪانپوءِ آئنسٽائن وري سفر تي اُسهي پيو. هن پيري هن کي سوئيڊن جي بادشاهه کان نوبل انعام ونڻو هو. هي اعزاز پنهنجو انعام پاڻ آهي. پر ان سان گڏ چاليهه هزار ڊالر ڏوڪڙ به ملندا هئا. آئنسٽائن کي پائيءَ جي به ضرورت نه هئي، ڇو ته هن جون جيڪي ٿوريون گهٽيون گهرجون هيون اهي آسانيءَ سان پوريون ٿي ويندڀون هيون. هن سمورا پئسا سوئزرلينڊ ۾ ميليفا ڏي موڪلي ڇڏيا، ته جيئن هن جا ٻئي پٽ تعليم پرائي سگهن.

ان پيري جڏهن آئنسٽائن جرمني موٽي آيو ته هن اهو طئي ڪيو ته هو پنهنجي ڪم ۾ ماٺ سان مصروف ٿي ويندو. سندس من ۾ اضافيت جي نظريي سان لاڳاپيل ڪي نوان خيال من ۾ ڦٿي رهيا هئا، ۽ هو انهن کي اڳتي وڌائڻ جي لاءِ پاڻ کي سونپڻ لاءِ بيقرار هو.

(14)
جرمني کان موڪلاڻي

آئنسٽائن جا اڳوڻا ٿورا سال برلن ۾ ئي گذريا پر هو ٿورن ٿورن ڏينهن جي لاءِ ويجهن ملڪن ۾ ويندو رهيو ۽ 1925ع ۾ ڪيترن ئي هفتن جي لاءِ ڏکڻ آمريڪا ويو.

سياحن جي لاءِ برلن ۾ ٽير گارٽن (برلن جو چڙيا گهر) ۽ براندبنرگ گيٽ وانگي آئنسٽائن به هڪ ڏسڻ جي شيءِ هو. سياح سدا برلن يونيورسٽي پهچن ته ڪمرن ۾ ڏيڏين ۾ ليٽا پائيندا ڦرندا وتن. شايد انهيءَ مشهور سائنسدان جي هڪ جهلڪ نظر اچي وڃي. ڪڏهن ڪڏهن سياحن جي ڪنهن ٽولي جي قسمت ساٿن ساٿ ڏيئي ۽ آئنسٽائن هنن کي مٿين جماعتن جي شاگردن کي ليڪچر ڏيندي نظر اچي ويندو هو ۽ سياح هوريان ڪمري ۾ گهڙي ويهي رهندا هئا ۽ ليڪچر ٻڌڻ لڳندا هئا. آئنسٽائن سياحن جي اچڻ تي ڪڏهن به متاثر ڪونه ٿيندو هو نه هن جي ليڪچر ۾ رُڪنو پوندو هو. ساڳي طرح ليڪچر ڏيندو رهندو هو. ڪن منٽن کانپوءِ جڏهن هن کي پڪ ٿي ويندي هئي، ته هاڻ انهن سياحن دل ڀري هن کي ڏسي ورتو آهي، ته هو چوندو هو "آئون هڪ لمحي لاءِ وقفو ڪريان ٿو ته جيئن اهي ماڻهو جن کي ليڪچر سان وڌيڪ لڳاءُ ڪونه آهي هليا ويندا." جڏهن ڪمري ۾ چڙو هن جا شاگرد وڃي بچندا هئا، ته وري ليڪچر شروع ٿي ويندو هو.

سندس ذات سان ڌارين جي دلچسپي آئنسٽائن کي ڪڏهن سمجهه ۾ نه آئي. هن لاءِ هيءَ ايتري ئي احمقاڻي هئي جيتري هن جي عالمگير شهرت. ايلزا نه رڳو هن جي ٽپال ئي چوندبيندي هئي پر هن

جي ملاقاتين ڪي بہ چوندبيندي هئي. ڪيترائي ماڻهو روزانو آئنسٽائن سان ملڻ ايندا هئا. ڪو مالي مدد گهرندو هو، تہ ڪو وري پنهنجي لاءِ سندس اثر رسوخ استعمال ڪرڻ چاهيندو هو. ڪنهن کي پنهنجي ڪنهن رٿا جي لاءِ آئنسٽائن جي امدادي ضرورت هوندي هئي. ماڻهو هن کي جادوگر سمجهندا هئا جيڪو هر اڻ ٿيڻي شيءِ کي بہ ممڪن بڻائي سگهندو هو.

آئنسٽائن ڪان جيترو ٿي سگهندو هو امداد ڪان ڪوتاهي نہ ڪندو هو پر نہ هن ڪڏهن ڪنهن سان مٿانهون سلوڪ ڪيو، نہ پنهنجي اثر کي ڌمڪي ڏيئي استعمال ڪيو. اڪثر ڌارين ملڪن جون اهم شخصيتون ملڻ اينديون هيون جن سان آئنسٽائن کي ملڻو پوندو هو. انهن وڏن ماڻهن سان بہ هو انهيءَ اخلاق سان پيش ايندو هو جنهن سان هو پنهنجي غريب ۽ معمولي مهمانن سان ملندو هو. عام طور تي ايلزا پس منظر ۾ موجود رهندي هئي، تہ جيئن ملاقاتي گهڻو وقت نہ وٺي.

سال 1929ع ۾ پنهنجي پنجاهين سالگرهہ ڪان پهرئين آئنسٽائن ڪجهہ نوان ۽ ڇرڪائيندڙ خيال ڇپرايا جن تي هو ڪيئن سالن ڪان ڪم ڪري رهيو هو. اها ان نظريي جي شروعات هئي جنهن کي آئنسٽائن گڏيل قوت جي نظريي جو نالو ڏنو هو. انهيءَ نظريي جو اضافيت سان تمام گهرو تعلق آهي. هڪ دفعو وري اخباري نمائندا هن کي وڪوڙي ويا. هو سڄي دنيا جي اهم اخبارن جي نمائندگي ڪري رهيا هئا ۽ آئنسٽائن جي پنجاهين سالگرهہ تي هن جي نون ڪارنامن کي دنيا جي اڳيان پيش ڪرڻ چاهين پيا. هيءَ ڳالهہ ڪيترو اثر ڇڏيندڙ اخباري رپورٽ جو بنياد بڻجي سگهي ٿي، تہ آئنسٽائن جي نئين نظريي کي هن جي پنجاهين سالگرهہ تي پيش ڪيو ويجي. ان جڳ جهان جي دلچسپيءَ تي آئنسٽائن کي وڏي حيرت ٿي. نيٺ ماڻهن کي نئين نظريي سان ايڏي دلچسپي ڇو آهي؟ هڪ تہ اهو هنن جي سمجهہ ۾ نٿو اچي سگهي ۽ ٻيو تہ اضافيت ڪان بہ وڌيڪ ڏکيو نظريو

آهي ۽ ماڻهو نيٺ منهنجي پوڇا ڇو ٿا ڪرڻ گهرن. ان ڳالهه پهريان کان ئي وڌيڪ ڪيس هڪو ٻڪو ڪري وڌو هو.

جنهن ڏينهن هن جي سالگرهه هئي، هو ايلزا کي ساڻ وٺي، سموري هل هنگامي کان پري، هڪ ڍنڍ جي ڪناري ننڍڙي گهر ۾ هليو ويو جتي سڄو ڏينهن خاموشي ۽ سڪون سان گذريو. سالگرهه جو ڪاڌو پيتو ايلزا گڏ ڪٽي هلي هئي. آئنسٽائن پراڻي پتلون ۽ ويڪرو سوئيٽر پائي پيرين اگهاڙو گهمندو رهيو. جورابن کان هن کي سدائين چڙ هئي ۽ جڏهن ڪو موقعو ملندو هئس هو پنهنجا جوتا به لاهي ڇڏيندو هو.

هي همراهه ته سڪون ۽ خاموشي سان ڏينهن گذاري رهيا هئا ۽ هيڏانهن هنن جي گهر ۾ واڌاين ۽ سوکڙين جا ڍير لڳي رهيا هئا. ماڻهو در تي ميڙاڪن ۾ بيٺل هئا ۽ ٽيليفون جي گهنٽيءَ جو لاڳيتو ٽڙڪو پئي ٿيو. ان واقعي سان آئنسٽائن کي خاموش زندگي گذارڻ جي جيڪا ٿوري گهڻي اميد اڃا هئي اها به ختم ٿي ويئي. هاڻ هن جو هر عمل، سندس واتان نڪتل هر لفظ عوام جي دلچسپيءَ جو باعث بڻجي ويو. انهيءَ صورتحال جي اڳيان ڪنڌ جهڪائڻ کان سواءِ ٻيو چارو ئي ڪهڙو هو! آئنسٽائن جو ذهن تخليقي ڪمن ۾ ايترو ته محو رهندو هو جو وٽس ٻي ڪنهن شيءِ جي ڪائي اهميت نه رهندي هئي.

هڪ ٻيو سال گذري ويو. وري آئنسٽائن کي ڪيليفورنيا جي ٽيڪنالاجي جي اداري پاران ٽن مهينن لاءِ عارضي مهمان پروفيسر بڻجڻ جي آڇ ملي. آمريڪا جي گڏيل رياستن جي پهرئين دوري کي ڏهه سال ٿي چڪا هئا ۽ ان لاءِ آئنسٽائن آڇ قبول ڪئي. ڪيليفورنيا ويندي آئنسٽائن نيويارڪ ۾ رهي پيو. هڪ ڏهاڙي هو هڊسن درياءَ جي ڪناري، رورسائيڊ چرچ، ڏسڻ ويو جيڪو پنهنجي خوبصورتي ڪري ڏاڍو مشهور هو. ان گرجا جو پادري ڊاڪٽر هيري ايمرسن فوسڊڪ آئنسٽائن کي گرجا ڏيکارڻ لاءِ وٺي ويو. در تي ٻئي ڄڻا بيهي رهيا. محراب تي انسانيت جي تاريخ جي عظيم مفڪرن جا مجسما ڪتل هئا. افلاطون، گوتم ٻڌ، ڪنفيوشيس، آئنسٽائن ۽ ڪيترا ئي ٻيا

موجود هئا. وري هي همراهہ گرجا جي مانيٽي ماحول ۾ گهڙي ويا جتي ڏکهين درين جي رنگين شيشن ۾ تاريخي منظرن جي عڪاسي ٿيل هئي.

”هي تاريخ جي ڇهہ سئو عظيم شخصيتن جون تصويرون آهن.“ ڊاڪٽر فوسڊڪ آئنسٽائن کي هوريان ٻڌايو. آئنسٽائن وڏي دير تائين خاموش ويٺي انهن تصويرن کي ڏسي رهيو هو. ”۽ انهن ۾ صرف هڪ زندهہ ماڻهو جي تصوير آهي... ۽ اهو آئون آهيان.“ هن پڇيو. ”جي ها.“ هي جواب هڪ بار وانگي آئنسٽائن تي ڇانئجي ويو.

جيئري ئي پنهنجي عظمت جي يادگار ڏسندي هي سادڙو انسان پريشان ٿي ويو ۽ ڪنڌ جهڪائي گرجا مان نڪري ويو. انهيءَ رات جو آئنسٽائن ۽ ايلزا آپيرا ڏسڻ ويا. هيءَ آئنسٽائن جهڙي راڳ جي خفتي ماڻهو جي خاص شوق جي شيءِ هئي. ان ڏينهن ”ڪارمن“ نالي تمثيل پيش ٿي رهي هئي جنهن ۾ ماريا ييرزا مُک ڪردار ادا ڪري رهي هئي. هو پنهنجي سيٽن تي ويٺا هئا، تہ هال تاڙين جي شور سان گونجي اٿيو. آئنسٽائن حيرت سان هيڏانهن هوڏانهن ڏٺو پردو تہ مٿي ڪونهي کڄيو پوءِ هي داد ۽ تحسين جو شور ڇا جو آهي.

”البرٽ!“ ايلزا کيس نوٽ هنئي، ”هيڏانهن هوڏانهن ڇا پيو ڏسين؟ هي ماڻهو توکي ڏسي تاڙيون وڄائي رهيا آهن.“ آئنسٽائن بي ڏيانيءَ سان ايلزا کي ڏٺو ڇو؟ آخر ڇو؟ هي ماڻهو هن کي ڏسي ڇو تاڙيون وڄائي رهيا آهن؟ اڻ گهري شهرت، جنهن جي خلاف هو هميشہ احتجاج ڪندو رهيو هو ڪا وجهہ هن جي سمجهہ ۾ نہ ايندي هئي. ايلزا جي نوٽ هڻڻ تي هو لهرائيندي بيهي رهيو ۽ تاڙين جي گونج تمام بلند ۽ تيز ٿي ويئي ۽ آرڪسٽرا کي ابتدائي آلاپ وڄائڻ جي لاءِ ڪي ئي منٽ انتظار ڪرڻو پيو.

ڪيليفورنيا ۾ رهائش ايتري تہ وڻندڙ ثابت ٿي ۽ انهن ٽن مهينن ۾ آئنسٽائن ايترو ڪم ڪري وڌو جو هن ايندڙ سياري ۾ ٻيهر وڃڻ جي دعوت وڏي خوشيءَ سان قبول ڪئي. واپس ويندي رياست ايزونا جي هوپي نالي ريڊ انڊين قبيلي آئنسٽائن کي رسمي طور تي پنهنجو ميمبر

ٻڌايو. قبيلي جي ماڻهن ۾ نئين ميمبر جو مناسب نالو ڳولڻ جي سلسلي ۾ ڪجهه ڏکيائي ٿي. ”هو نيٽ ڪندو ڇا آهي؟“ هڪ قبيلائي ٻئي کان پڇيو. سردار جو نالو سندس ڪم جي مطابق رکيو ويجي ٿو. ڪنهن ٻڌايو ته آئنسٽائن اضافيت جي نظريي جو تخليقڪار آهي اهڙيءَ طرح قبائلين آئنسٽائن کي مهان اضافي سردار جو نالو ڏيئي ڇڏيو.

ڪيليفورنيا ۾ ٻه ٻيرا رهائش جو وچ وارو عرصو يعني سال 1932ع واري بهار جي مند آئنسٽائن برلن ۾ ئي گذاري. جرمن ۾ سياسي ڀونچال اچي ويو هو. جرمن جمهوريه جون صدارتي چونڊون ٿيڻ واريون هيون. فيلڊ مارشل هنڊنبرگ ۽ ايڊلف هٽلر اميدوار هئا. چونڊن ۾ هنڊنبرگ صدر چونڊجي ويو. گهڻن جو اهو به خيال هو ته هنڊنبرگ جي چونڊجڻ سان جرمني جو هارايل فوجي راڄ ٻيهر جاڳي پوندو. جرمن جمهوريه ڏينهون ڏينهن هيٺي ٿي رهي هئي. انهن حالتن ۾ آئنسٽائن ڏاڍو فڪرمند رهندو هو ڇو ته هو ڄاڻندو هو ته هارڻ مظلوم جرمن قوم نازين جي هٿين چڙهي ويندي. انهيءَ وقت نازي پارٽي تمام ننڍڙي ۽ ڪمزور پارٽي هئي.

گرميون آيون ۽ هليون ويون پر سياسي حالتون ڪنهن به ريت بهتر نه ٿيون ايتري تائين جو آئنسٽائن کي ٻيهر ڪيليفورنيا وڃڻ جو وقت اچي ويو. آئنسٽائن وٽ هڪ خاص پاسپورٽ هو جنهن ڪري هن کي سفارتي رياعتون مليل هيون. آئنسٽائن وڃڻ کان اڳ پاسپورٽ برلن مان آمريڪي سفارت خاني کي موڪليو ته جيئن ويزا جي مهر لڳائي وڃي. اها مهر آمريڪا ڏانهن ويندڙ هر غير ملڪي جي لاءِ ضروري هئي.

جنهن ڏينهن روانگي ٿيڻ واري هئي ان کان هڪ ڏينهن پهرئين ٽيليفون جي گهنٽي وڳي. ”مان سفارت خاني مان ڳالهائي رهيو آهيان. مهرباني ڪري پروفيسر آئنسٽائن کي اطلاح ڪري ڇڏيو ته ان کي اڄ صبح هن آفيس ۾ اچڻو آهي.“ ايلزا کي گهڻي حيراني ٿي. ”ڇا ڳالهه آهي؟ هي همراهه ڇا ٿا چاهين؟“ هن پنهنجي مڙس کان پڇيو. وڏي

عرصي ڪان ڪنهن بہ آئنسٽائن تي اهڙو حڪم نہ هلايو هو. ”تون مصروف آهين، تہ مان هلي وڃان ٿي.“ ”نہ نہ“ آئنسٽائن هن کي روڪيندي چيو. ”جڏهن هنن مونکي فون ڪئي آهي، تہ مون کي ئي وڃڻ گهرجي.“ هي چُوهي مينهن ۾، پسندو سفارت خاني پهتو سندس وار هوا ۾ وکري ويا هئا ۽ انهن مان پاڻي ڪري رهيو هو. هڪ ڪلارڪ کيس ڪرسي ڏانهن اشارو ڪندي ويهڻ جو چيو.

”توهان گڏيل رياستي آمريڪا ڇا لاءِ وڃي رهيا آهيو؟“ هنن هڪ فائل کولي پينسل ڪنئين.

”آئون توهان جي هتان وارن ڪجهہ سائنسدانن سان گڏجي ڪري اڻپورا ڪم مڪمل ڪرڻ وڃي رهيو آهيان.“ آئنسٽائن جواب ڏنو. وري مرڪندي چيائين، ”توهان جي ملڪ ئي مون کي دعوت ڏني آهي.“ ڪلارڪ ڪجهہ لکيو وري پڇيو ”اوهان جا سياسي لاڙا ڪهڙا آهن؟“ ”سياسي لاڙا؟“ آئنسٽائن حيرت مان پڇيو. ”منهنجو سياست سان ڪوبہ واسطو ڪونهي.“ آئنسٽائن پنهنجن وارن ۾ آڱريون ڦيريون ۽ هڪ پل لاءِ حيرت مان ڪلارڪ کي ڏٺو وري اوچتو ڪرسي تان اٿي ويو. هن آهستي پر سخت لفظن ۾ چيو تہ ”مان وڌيڪ ڳالهائڻ نٿو چاهيان. جيڪڏهن مون کي ويزا ڏيڻ ۾ ڪو اعتراض آهي، تہ مان آمريڪا وڃڻ پسند نہ ڪندس.“ هو تڪڙيون تڪڙيون وکون کڻندو آفيس مان نڪري ويو.

جيئن ئي اها خبر پکڙي، تہ آئنسٽائن آمريڪا وڃڻ جو ارادو بدلائي ڇڏيو آهي، برلن جي آمريڪي سفارتي حلقن ۾ هلچل مچي ويئي. اهلڪار هڪ دفتر مان ٻئي دفتر ڊوڙڻ لڳا. تارون ٽيڻ لڳيون ۽ ٽيليفونيون کڙڪڻ لڳيون. خود سفارت خاني جو اعليٰ آفيسر آئنسٽائن وٽ وضاحت پيش ڪرڻ آيو. هن معذرت ڪندي ٻڌايو تہ هي اهي سوال ويزا ڏيندي سدائين پڇيا ويندا آهن. ان جو مطلب اهو قطئي ڪونهي، تہ آمريڪي حڪومت آئنسٽائن ڏانهن مشڪوڪ آهي. جيتوڻيڪ فوراً ويزا ڏني ويئي ۽ خاص اهلڪار پاسپورٽ بہ کڻي آيو. رات جي ماني تي آئنسٽائن جي سدائين سڪون ۾ رهندڙ منهن

تي ڪاوڙ جا آثار هئا. ”مون کان ڏوهارين وانگي سوال پڇڻ جي ڪهڙي ضرورت هئي؟ منهنجي زندگي جي ڪابہ ڳالھ ڍڪيل يا لڪل ناهي. هر ماڻهو کي پتو آهي، تہ مان ڪيڏانهن پيو وڃان، ڇا ڪندو آهيان، ڪهڙي طرح گهمندو آهيان، ڇا کائيندو آهيان. هر ڳالھ جي خبر اٿن. پوءِ بہ هي سمجهن ٿا، تہ مان هنن جي ملڪ ۾ ڪنهن ڳجهي ڏوهي نيت سان داخل ٿيندس. جيڪڏهن هنن جا اهي خيال آهن، تہ مان آمريڪا نٿو وڃان.“

ڪاڏي دوران ماٺ رهي، جڏهن ڪاڏو ختم ٿيڻ لڳو تہ ايلزا جي نرم آواز خاموشي کي ٽوڙيو. ”منهنجو خيال آهي، تہ ڪلارڪ کان چُڪ ٿي ويئي آهي. اخبارن ۾ انهيءَ واقعي جي ايتري مشهوري ٿي رهي آهي، تہ ڪٿي ويچاري کي نوڪريءَ تان هٿ نہ ڌوئڻا پون.“

سائنسدان جي ويڪري نرڙ تي گهنج پئجي ويا. هو ڪي پل سوچ ۾ ٻڏل رهندي ايلزا کي تڪيندو رهيو. پوءِ ڪرسي سوري اٿيو. ”تون ٺيڪ چوين ٿي. منهنجي ڪاوڙ جي ڪري ڪنهن جي نوڪري نہ وڃڻ گهرجي. تون اخبارن کي اطلاع ڪري ڇڏ، تہ اسان طئي ٿيل پروگرام جي مطابق سياٽي آمريڪا وڃي رهيا آهيون.“

ٻي ڏينهن صبح جو آئنسٽائن پنهنجي مطالعي جي ڪمري جي در تي بيٺو هو. سندس اوور ڪوٽ جا سمورا بيڙا بند ٿيل هئا ۽ ويڪرن ڪنارن وارو ڪارو هيٽ مٿي تي ڄميو بيٺو هو جنهن ڪري هن جا ڌڳها وار ويهي ڪنڌ تائين اچي ويا هئا. هن جي اکين هوريان هوريان ڪمري جو جائزو ورتو. ميز تي پيالي ۾ هن جو پائپ رکيل هو. هن جي پسند جي آرام ڪرسي جي پٺيان سندس آرام ڏيندڙ ۽ پراڻو سوئيٽر ساڳي طرح پيو هو. پتين سان لڳل ڪتابن سان پريل ماڻهوءَ جيڏا ڪٻٽ سدائين وانگي خاموش بيٺا هئا. آئنسٽائن آهستي مڙيو ۽ ٻيهر مڙي ڪمري تي نظر وجهڻ بنا ڏاڪڻين کان لهندو نمبر 5 هابرلانڊ اشتراسي مان ٻاهر نڪري ويو. هو پنهنجي گهر کي وري ڪڏهن ڏسي نہ سگهيا.

(15)

آزاديءَ جي راهہ تي

وچولي آبهوا جي ڪري ڏڪڻ ڪيليفورنيا ۾ سياري جي مند ڏاڍي وڻندڙ هوندي آهي. سيءَ جو نالو نشان ئي ناهي هوندو ۽ هرهنڌ اس نڪتل رهندي آهي. آئنسٽائن ڪيليفورنيا جي ٽيڪنالاجي جي اداري ۾ ٽي مهينا ڏاڍي سڪون سان گذاريا. هن جي رهائش اداري جي ويجهو هڪ ننڍڙي گهر ۾ هئي. توڙي جو آمريڪين جي دل ۾ بہ پنهنجي ملڪ جهڙي وسعت هوندي آهي، انهن کي هر نئين شيءِ يا نئين ڳالهہ سان بيپناهہ دلچسپي هوندي آهي، هو نون خيالن جو قدر ڪندا آهن ۽ ان سان گڏ ڏاڍا مهمان نواز بہ هوندا آهن. آمريڪين جو پنهنجي ذات سان لڳاءَ جي باوجود آئنسٽائن هتي ڏاڍا سڪون وارا ڏينهن گذاريا.

آئنسٽائن کي مختلف دعوتن، پارٽين ۽ گڏجاڻين جي لاءِ وڏي تعداد ۾ دعوت نامہ ملندا هئا ۽ هن کي گهڻو ڪري معذرت ڪرڻي پوندي هئي. فيشن پرست امير عورتون ڪيس پاڻ وٽ گهرائڻ جا سوين جتن ڪنديون هيون ۽ آئنسٽائن ايلزا کي چوندو هو تہ "انهن کي مناسب طور تي معذرت ڪري ڇڏ، اهي عورتون مون کي آرائشي سامان سمجهن ٿيون.

آئنسٽائن جي نالي جيڪي خط پٽ ايندا هئا اهي اڃا بہ تمام گهڻا هوندا هئا هئي. وري سوکڙين پاکڙين جي بہ ڀرمار هوندي هئي. انهن مان گهڻيون سوکڙيون تمام معمولي قسم جون هونديون هيون. هڪ اسڪولي ٻارڙي پنهنجي هٿ سان گهڙيل ڪاٺيءَ جو هڪڙو جانور موڪليو. هڪ بيروزگار همراهہ ٿورو تماڪ پارسل ڪيو.

اهڙيون سوڪڙيون آئنسٽائن کي ڏاڍيون پياريون هيون، پر جڏهن ڪا قيمتي سوڪڙي اچي ويندي هئي، تہ هو ٿورا مجيندي موٽائي ڇڏيندو هو. هڪ امير صنعتڪار گوار نيرئيس ڪيس وائلن موڪليو جنهن جو ملهہ ٽيهہ هزار ڊالر هو. ان کي واپس ڪندي آئنسٽائن نهٺائي سان لکيو تہ "ايترو قيمتي ساز تہ ڪنهن فن جي پڙ استاد جني هٿ ۾ ئي ٺهي ٿو. مان اوهان کان معافي ٿو وٺان، تہ ان کي قبول نٿو ڪري سگهان، مون کي پنهنجو پراڻو وائلن ئي وڻندو آهي."

جرمني مان ايندڙ خبرون چڱيون ڪونہ هيون. ايڊولف هٽلر رائش جو چانسلر بڻجي ويو ۽ هن جي قبضي ۾ وڏي طاقت اچي ويئي. هن جي ذاتي پوليس جنهن کي اسٽارم ٽروپرز چيو پئي ويو، ڏينهون ڏينهن پنهنجون ڏوهاري سرگرميون تيز ڪري رهي هئي. مخالف ان جي ڏاڍ جو نشانو بنجڻ لڳا ۽ ان جي طاقت جي ڏڍ تي هٽلر سولائيءَ سان اليڪشن بہ کٽي ويو.

مارچ 1933ع ۾ هٽلر جرمنيءَ جو آمر بڻجي ويو. آئنسٽائن ڪيليفورنيا مان برلن واپس وڃڻ وارو ئي هو جو اها خبر ٻڌندي ئي هن جرمني سان سمورا لاڳاپا ڇنڻ جو فيصلو ڪري ڇڏيو.

ريل پنهنجي منزل جي ويجهو اچي رهي هئي ۽ البرٽ آئنسٽائن گاڏي ۾ اڪيلو ويٺي ويٺي دريءَ کان ٻاهر نيوجرسي جي ڊيٽن کي پٺتي ٻوڙندي ڏسي رهيو هو. ڏور افق تي نيويارڪ جون ديو قامت عمارتون ڪر کڻي رهيون هيون. آئنسٽائن ٻاهر ڏسڻ ۾ محو هو تہ دروازو کليو ۽ ايلزا اندر ليئو پائيندي چيو تہ "البرٽ نيويارڪ ۾ جرمن سفير تو سان ڳالهائڻ لاءِ نيويارڪ کان ٽرين ۾ سوار ٿيو آهي. هو اچڻ چاهي ٿو." اهو چوندي ايلزا هلي ويئي ۽ ننڍو سفير اندر گهڙيو ايلزا ٻجندي ٻجندي دروازو بند ڪري ڇڏيو.

"اوهہ ڊاڪٽر شوارٽ." آئنسٽائن سفير سان هٿ ملائيندي چيو تہ "توهان جرمن حڪومت جا نمائندا سهي پر منهنجا پراڻا دوست بہ تہ آهيو مون کي جرمني جي صورتحال صاف صاف ٻڌايو." ان جو آواز

ڳنڀير ٿي ويو "۽ مون کي خبر آهي، تہ برلن واپس وڃڻ منهنجي لاءِ خطرناڪ ثابت ٿيندو." سفير آئنسٽائن کان نظرون چورائيندي سخت لهجي ۾ چيو تہ "پروفيسر صاحب، مان صرف توهان سان انهيءَ لاءِ ملڻ آيو آهيان، تہ توهان کي وطن واپس وڃڻ لاءِ مجبور ڪريان. هن ڪنگهي پنهنجو ڳلو صاف ڪيو ۽ گفتگو جاري رکي. "جن ماڻهن جا عمل صحيح آهن انهن کي جرمني ۾ ڪوبہ پؤ پولو نہ آهي. انهن سان گڏ انصاف ڀريو سلوڪ ڪيو ويندو. توهان منهنجو چوڻ مڃو واپس هليا وڃو."

آئنسٽائن اٿي بيٺو "جرمن حڪومت جيڪو ڪجهہ ڪيو آهي ان سان مون کي شديد صدمو پهتو آهي ۽ مان توهان کي اهو بہ ٻڌائڻ چاهيان ٿو، تہ جيستائين هي انياءُ ٿيندو رهندو، مان جرمني جي ڌرتي تي پير نہ پائيندس."

ڊاڪٽر شوارٽ بہ بيهي رهيو هو ۽ چيائين، "تہ هي توهان جو آخري فيصلو آهي؟ ان ۾ ڦيري جو ڪوبہ امڪان ڪونهي."

"جي نہ، هي قطعي ۽ آخري فيصلو آهي" آئنسٽائن چيو.

ڊاڪٽر شوارٽ آئنسٽائن جي اکين ۾ نهاريو. ٿوري دير لاءِ خاموشي ڇانئجي ويئي. وري هن چيو تہ "جرمني جي نئين سفير جي حيثيت سان مون پنهنجو فرض نڀائي ڇڏيو آهي. پر آئون توهان کي واپس وڃڻ لاءِ راضي ڪونہ ڪري سگهيس." وري هن اوچتو مرڪندي چيو "هاڻ هڪ انسان ۽ توهان جي دوست جي حيثيت ۾ آئون اهو چوندس، تہ توهان وڏو دانشمنداڻو فيصلو ڪيو آهي. جرمني واپس وڃڻ اوهان جي لاءِ خطري کان خالي ڪونهي."

ٻنهي دوستن هڪٻئي سان هٿ ملايو.

نيويارڪ ۾ آئنسٽائن جي آجيان لاءِ ماڻهن جي پيهہ لڳي پئي هئي پر هن جي منهن تي مُرڪ جي هڪ جهلڪ بہ نہ هئي. هو جرمنيءَ جو رهاڪو هو ۽ اتي نازي حڪومت جي ظلمن ۽ ڏاڍاين ڪري هن جي دل ڏکويل هئي. آئنسٽائن اعلان ڪري ڇڏيو هو تہ هو ٿورن ڏينهن

۾ بيلجيم ويندو. واپسيءَ کان پهرئين هن لڳ ڀڳ سمورو وقت انهن پروگرامن ۾ گذاريو جيڪي جرمني جي حڪومت جي ڏاڍ ۽ ڏمر جو بک بنجندڙن جي ڀلائي جي لاءِ رٿيا ويا هئا. ماڻهو سائنسدان کي ڏسڻ ۽ سندس ڳالهيون ٻڌڻ لاءِ هن جي چوڌاري اچي ڳاهٽ ڪندا هئا ۽ هو انهن سان امن ۽ انسان جي عظمت جون ڳالهيون ڪندو هو.

اڃا هو جهاز ۾ ئي هو ته هن کي پتو پيو ته جرمني جي نازي حڪومت کي انهن بيانن تي ڏاڍو غصو آهي، جيڪي هن مخالفت ۾ ڏنا آهن. برلن ۾ سندس جاءِ ۾ پاڙيتن بدمعاشن گهڙي سڄو سامان تباهه ڪري ڇڏيو آهي. هن جو جيترو به اثاثو بينڪ ۾ هو ضبط ڪيو ويو آهي. آئنسٽائن وٽ ڪابه قيمتي شيءِ ڪونه هئي. وري هن کي دولت جي پرواهه به نه هئي. جيڪو ڪجهه ٿورو گهڻو بينڪ ۾ هو اهو ايلزا وڏي محنت سان گڏ ڪيو هو. هاڻي سڀ ڪجهه ختم ٿي چڪو هو. جڏهن آئنسٽائن ۽ ايلزا بيلجيم پهتا، ته هتين خالي ۽ بي يارو مددگار هئا.

آئنسٽائن کي سمنڊ ڪناري هڪڙي ڳوٺ ۾ گهر مليو ويو ۽ اهڙي نموني سان پنهنجي ڪم ۾ مصروف ٿي ويو جڻ سدائين کان ان جاءِ ۾ رهندو آيو هجي. سڀ کان پهريان هن خط جي ذريعي پروشيا جي سائنس جي اڪيڊمي تان استعيفيٰ ڏيئي ڇڏي، هن پوريءَ طرح ڄاتو ته ڪيس پيهر اتي ڪم ڪرڻ جو موقعو نه ملندو ۽ هن جو پراڻو دوست ماڪس پلانڪ پنهنجي مرضي جي خلاف هن کي اڪيڊمي مان ڪيڊڻ تي مجبور ٿي ويندو.

استعيفيٰ جي خبر عام ٿيندي ئي جرمني ۾ ڇتوبول مچي ويو. اڪيڊمي ڇڏڻ تي هن کي غدار چيو ويو. توڙي جو سيئي ڄاڻيندا هئا، ته جيڪڏهن هو برلن ۾ واپس اچي ويندو ته هن جي زندگي جي ڪائي قيمت نه رهندي (کيس رهندو ماريو ويندو). جرمن اخبارن هن کي ڪوڙو قرار ڏنو ۽ هن تي ديش دروهي جو الزام ڏريو. هن جي تصوير ڇاپيندي، ان جي هيٺان لکيو هو ته ”هن کي اڃا تائين ڦاسي نه ڏني ويئي آهي؟“

ايلزا جرمني کان ٻاهر رهڻ جي باوجود گهٻرائجي ويئي. هن کي نازين جي بربريت جي خبر هئي. آئنسٽائن جي ڪيترن ئي دوستن کي جرمني ۾ موت جي منهن ۾ اڇليو ويو هو. نازين کي آئنسٽائن جي نالي کان شديد نفرت هئي، پر پاڻ آئنسٽائن بلڪل پريشان نہ ٿيو ۽ پنهنجي ڪم ۾ لڳو رهيو. ڪڏهن ڪڏهن هو اڪيلو ڪناري تي چهل قدمي جي لاءِ نڪري ويندو هو ۽ سوچ ۾ ٻڏل هوندي دير تائين هليو ويندو هو. جيستائين هو پنهنجو پراڻو آرامده سوئٽر پائي واپس نہ ورندو هو. ايلزا الله کي ٻاڏائيندي رهندي هئي ۽ خوف ۾ وڪوڙجي پگهر ۾ ڇل ٿي ويندي هئي.

بيلجيم جو بادشاهہ ۽ ان جي راڻي آئنسٽائن جا دوست هئا ۽ آئنسٽائن جي بيلجيم اچڻ تي ڏاڍا خوش هئا. انهن جون اڳ تمام خوشگوار ملاقاتون ٿي چڪيون هيون ۽ هڪ دفعو تہ آئنسٽائن انهن جي ڳوٺاڻي محل ۾ موسيقي جي هڪ محفل ۾ بہ شريڪ ٿي چڪو هو. هن موقعي تي سونهري ٻٽڻن واري وردي ۾ بہ نوڪر اسٽيشن تي هن جو انتظار ڪري رهيا هئا ۽ هو نهايت اطمينان سان هوا ۾ اڏامندڙ وارن ۽ ڏوڙ لڳل ڪپڙن ۾ پنهنجو وائلن بغل جي هيٺان جهليون پيادل محل تائين رسي ويو هو. نوڪر ريل جي پهرئين درجي جي گاڏي ۾ ڳوليندا رهجي ويا هئا ۽ آئنسٽائن پنهنجي پسند واري ٽئين درجي ۾ سفر ڪري رهيو هو.

هينئر حالتون اهڙيون هيون جو بادشاهہ ۽ راڻي ٻنهي کي آئنسٽائن جي ڳڻتي لڳي پئي هئي. هنن کي خبر هئي، تہ آئنسٽائن کي پڪڙڻ جي لاءِ نازي ڪابہ ڪسر نہ ڇڏيندا وري بيلجيم ۽ جرمني جون تہ سرحدون هڪٻئي سان ملن ٿيون انهيءَ لاءِ هن جي خاص حفاظت هنن جو فرض آهي. اهڙيءَ طرح شاهي حڪم سان آئنسٽائن جي گهر جي چوڌاري چوويهہ ڪلاڪن جو پهرو لڳايو ويو. توڙي جو آئنسٽائن کي اها ڳالهہ بلڪل نہ وڻي پر هڪڙي محافظ کي چهل قدمي جي دوران پاڇي وانگي هن سان گڏ لڳايو ويو. هيءُ محافظ ڏاڍو فرض

شناس هو. هڪ دفعو آئنسٽائن جو دوست ڊاڪٽر فلپ فرانڪ جيڪو پراگ کان بيلجيم آيل هو. آئنسٽائن سان ملڻ آيو. هن کي اڳئي آئنسٽائن جو پتو معلوم هو انهي ڪري هو پنڌ ئي هلي پيو. گهر جي ويجهو ڪنهن هن کي پٺيان پڪڙي ورتو ۽ ٿوري هڻ وٺ کانپوءِ قابو ڪري ورتو ۽ هڪ همراهه هن جون پٺيان ٻانهون جهليون ۽ ٻين وري لڪل هٿيارن جي لاءِ کيسن جي تلاشي ورتي. پوءِ اهڙي طرح پڪڙي هي همراهه ڊاڪٽر فرانڪ کي ڌڪا ڏيندي برساتي ۾ پهچايائونس. جتي ايلزا ڪرسي تي لڏي رهي هئي. هن جو هي جلوس ايندي ڏٺو ته ڇرڪ ڀري اٿي بيٺي.

”ڇا ٿيو؟ هي ڪير آهن؟ ڇا ڳالهه آهي؟“

”توهان پريشان نه ٿيو سائڻ. هڪڙي محافظ چيو اسان هن کي پڪڙي ورتو آهي. پيا ڳاڇا ڪندي ڦري رهيو هو.“

ايلزا حيرت مان چيو ”پر هيءُ ته اسان جو دوست ڊاڪٽر فرانڪ آهي.“ محافظن تڪڙ ۾ پروفيسر کي ڇڏي ڏنو ۽ شرم وچان ڪنڌ هيٺ ڪري زمين ڏانهن تڪڻ لڳا. اسان کي افسوس آهي، جناب توهان ته ڇاڻو ئي ٿا اسان کي ڪيترو احتياط ڪرڻو پوي ٿو.

ڊاڪٽر فرانڪ پنهنجا ڪپڙا ٺيڪ ڪندي مرڪڻ لڳو. پنهنجي دوست لاءِ محافظن جي هي چوڪسي ڏسي هن کي اطمينان ٿي ويو هو.

ايتري احتياط جي باوجود به اها ڳالهه واضح ٿي ويئي هئي، ته آئنسٽائن جرمني جي ايترو ويجهو وڏيڪ ڏينهن نه رهي سگهندو. نازين جي ڪاري ڪتاب ۾ هن جو نالو پهرئين صفحي تي لکيل هو ۽ سندس قاتلن جي سرحد پار ڪري اچڻ جو پورو خطرو هو. ڪيئي ملڪن هن کي اچڻ جي نيند ڏني. پيرس جي سوربون يونيورسٽي، هسپانيا جي ميڊرڊ يونيورسٽي ۽ يورشلم جي جامعه هن کي گهرايو پر هن کي ڪٿي وڃڻو هو؟

گڏيل رياستي آمريڪا جي رياست نيو جرسي ۾ پرنسٽن جي هنڌ مٿانهين مطالعي جو انسٽيٽيوٽ جي نالي سان اعليٰ تعليم حاصل

ڪرڻ جو هڪ ادارو کوليو پئي ويو. اهو مقصد هو ته ان هنڌ سائنسدان پوري ڏيان ۽ سڪون سان، ڪنهن رخني کانسواءِ، پنهنجو ڪم ڪري سگهن. ان اداري جي لاءِ هڪڙي تمام شاهوڪار آمريڪي ڪٽنب امداد جي صورت ۾ وڏ ۾ وڏ پئسو ڏنو هو. آئنسٽائن ان اداري ۾ شريڪ ٿيڻ جو پهرئين ئي وعدو ڪري چڪو هو ۽ ان وقت هن جو ارادو هو ته اڌ وقت برلن ۾ گذاريندو ۽ اڌ هن اداري ۾. هاڻ هن مستقل طور آمريڪا ۾ رهڻ جو ارادو ڪري ڇڏيو.

اداري جي سنڀاليندڙن کي جڏهن اهو معلوم ٿيو ته آئنسٽائن هنن وٽ هميشه لاءِ اچي رهيو آهي، ته ڏاڍا خوش ٿيا ۽ هنن هن کان پگهار جي متعلق پڇيو. هن جواب ڏنو "مناسب ٿيندو ته مون کي اها ئي پگهار ڏني وڃي جيڪا برلن جي پروشين اڪيڊمي کان ملندي هئي." منتظمين کي اڪيڊمي جي پگهار جي رقم معلوم ٿي، ته انهن کيس لکيو ته هيءَ پگهار هن جي قدبت کان تمام گهٽ آهي ۽ پاڻ ئي هن کان ڪافي وڏيڪ پگهار جي فرمائش ڪئي. آئنسٽائن گهبرائيندي هيءَ پگهار نامنظور ڪري ڇڏي. نيٺ ايلزا دخل ڏيندي معاملا طئي ڪرايا ۽ اهو طئي ٿيو ته البرٽ آئنسٽائن پن ڇڻ جي مند ۾ آمريڪا وڃي پنهنجي زندگي جي شروعات ڪندو.

هن ڀيري يورپ مان هن جي روانگي بلڪل ئي مختلف رستن سان ٿي. سمورا انتظام تمام ڳجهي نموني پورا ڪيا ويا. جيتوڻيڪ آئنسٽائن کي پنهنجي لاءِ خاص انتظام نه وڻندا هئا پر هن کي پنهنجي جيءَ جي جوکي جي خبر هئي انهيءَ لاءِ هن پورو پورو تعاون ڪيو. آئنسٽائن ۽ ايلزا هڪڙي ٻيڙيءَ ۾ ويهي ٻاٽي واري جهاز تائين ويا ۽ جيڪو کليل سمنڊ ۾ هنن جي اوسيئڙي ۾ هو. آئنسٽائن چپ چاپ ماٺيڻو هو. هن جو نمونو اهڙو هو جڻ هو نئون ليڪچر ڏيڻ لاءِ ڪيليفورنيا وڃي رهيو هو ۽ جيڪي ڪجهه ٿي رهيو آهي اهو بلڪل غير معمولي آهي.

نيويارڪ ۾ آئنسٽائن عام مسافرن وانگي جهاز مان نه لٿو پر جهاز جي ڪناري ٻيڙ: ٿيڻ کان پهرئين ئي هن کي هڪ ٻيڙيءَ ۾ ويهاري

ڪناري تي هڪ ڳجهي جاءِ تي رسايو ويو جتي هڪ ڪار هن جي آوسيئڙي ۾ هئي. وري وڏي حفاظت سان، ڪنهن مشهوري کانسواءِ کيس پرنسٽن پهچايو ويو.

آئنسٽائن پنهنجي نئين ديس ۽ نئين گهر ۾ اچي ويو هو.

(16)
پرنسٽن جي زندگي

نسائو اسٽريٽ جيڪا پرنسٽن جي وڏي سڙڪ آهي، شهر جي بلڪل وچان گذري ٿي. هيءَ ٻين سڙڪن کان مختلف آهي، ڇاڪاڻ تہ ان جي ٻنهي پاسي عمارتون جوڙيل آهن. ان سڙڪ تي اهڙا ئي دڪان آهن جهڙا ٻين ننڍڙين جاين تي هوندا آهن ڪرياني جو دڪان، هارڊ ويئر اسٽور جنهن جي اڳيان ڪٽر جون مشينون ۽ گند ڪچري جي دٻن جو ڍير آهي. مصروف بازار ۽ ڪنڊ ۾ پٿريلي ٿلهن واري بينڪ پڻ موجود آهي. انهيءَ سڙڪ جي ٻئي پاسي لوهہ جي آرائشي ڄارين جي خوبصورت چوديواري جوڙيل آهي جيڪا پرنسٽن يونيورسٽي ڪيمپس جي حد جو نشان آهي.

ڦهليل باغ ۽ وڻن جي ڇانئن هيٺيان خوبصورت پراڻين عمارتين جي ڪري پرنسٽن تمام منفرد لڳي ٿو. هي نيوجرسي جي ٻين شهرن کان ڏاڍو مختلف آهي. ٻيا تمام ٿورا شهر اهڙا آهن جتي ڪتابن جا ايترا گهڻا دڪان هجن يا مشروبن جا ايترا وڏيڪ دڪان هجن. هنن دڪانن تي شاگرد گڏ ٿيندا آهن. ڪنڊ ۾ پراڻن ڪپڙن وڪڻڻ وارن جو دڪان آهي، جتي گهرج پوڻ تي شاگر پنهنجن ڪوٽن يا پتلونن جي بدلي ۾ پئسا ڏوڪڙ وٺي سگهندا آهن، تہ جيستائين گهر کان خرچ پکو اچي، گذارو ٿي سگهي. مقامي فوٽوگرافر جي دري ۾ ڪن نوجوانن جون تصويرون لڳل آهن ۽ انهن سان گڏوگڏ ٻارن ۽ ڪنوارين جون تصويرون بہ لڳل آهن ۽ انهن جي وچ ۾ البرٽ آئنسٽائن جي وڏي تصوير لڳي پيئي آهي.

نسائو اسٽريٽ بالٽ يونيورسٽي جي شاگردن جي محبوب جاءِ آهي. 1938ع جي بهار جي دل لڀائيندڙ گرم ڏينهن جو هڪ واقعو آهي،

تہ بالٽ مان هڪڙو همراهہ نڪتو ۽ يونيورسٽي ڪيمپس جي ڇيڙائي باغيچي مان گس ورتيون پئي ويو. هن جي پتلون پراڻي هئي، جوتن ۾ رٻڙ جا ترا هئا ۽ جوتا گهٽي پائڻ ڪري گسي پيرن جي شڪل جهڙا ٿي ويا هئا ۽ قميص جو رنگ ڪڏهوڪو ڦٽي ويو هو. هلڪي هوا ۾ سندس وار اڏامي رهيا هئا ۽ هو آئس ڪريم کائيندو وڃي رهيو هو.

البرٽ آئنسٽائن ان وقت پنهنجي گهر 112 مرسر اسٽريٽ ڏانهن ويجهو دڳ ڏيون پئي ويو.

بعضي هو مٿانهين مطالعي جي اداري مان گهر ڏانهن پنڌ ئي هلي پوندو هو. رستي تان گذرندڙ شاگردن هن کي ڪنڌ لوڏي سلام ڪندا هئا ۽ دوستاڻي انداز سان مرڪندا هئا. هو سڀ هن کي چڱي طرح سڃاڻي ويا هئا. ۽ جڏهن هو لنگهندو هو تہ تمام ٿورا ماڻهو هن ڏانهن خاص طور تي ڌيان ڏريندا هئا. ڪڏهن ڪو پروفيسر هن سان گڏ ٿوري دير هلندو هو ۽ وري پنهنجي دڳ سان مڙي ويندو هو.

هن سڙڪ تي جوڙيل آئنسٽائن جو ننڍڙو سفيد گهر ٻين گهرن کان مختلف نہ هو. برساتي تي هڪڙي ٻير ڇُهتي پئي هئي ۽ هن جي مطالعي واري ڪمري جي دري جي اڳيان گلن جو باغيچو هو. گهر ۾ تمام خاموشي رهندي هئي ڇاڪاڻ تہ آئنسٽائن تمام گهڻو تنها رهندو هو. هڪ سيڪريٽري جي بلي سيڌي سامان ۽ مانيءَ جو انتظام هو. ايلزا ٻہ سال اڳ 1936ع ۾ پرنسٽن ۾ ئي وفات ڪري ويئي هئي ۽ اتي ئي هڪڙي ڀراڙيءَ جي مقام ۾ دفن ٿيل هئي. پرنسٽن ۾ آئنسٽائن کي جنهن اڪيلائي جي خواهش هئي اها ڪنهن حد تائين ملي وئي هيس. جڏهن هن جي نظريي جا ديوانا هن جي گهر جي اڳيان گذرندي پنهنجي ڪارن جي رفتار گهٽائي ڇڏيندا هئا يا سڙڪ تان گذرندڙ همراهہ ڪنڌ ورائي ڏسندا هئا. تہ هن کي پتو بہ نہ پوندو هو. انڌاري اڇي يا مينهن وسي هو روزانو صبح جو گهر کان پنڌ ويندي شهر جو ٻاهريون پنو ڏيئي هلندو هو. ٻ .ريان هوريان گهر گهٽجي ويندا هئا ۽ نيٺ هو هڪڙي وسيع ساوڪ ۾ جوڙيل عمارت ۾ پهچي ويندو هو.

انهيءَ عمارت ۾ مٿانهين مطالعي جو انسٽيٽيوٽ واقع هو. انهيءَ آفيس ۾ تمام ٿورو فرنيچر هو. جڏهن هو اداري ۾ آيو هو ته هن کان فرنيچر جي متعلق پڇيو ويو هو "فرنيچر! بيهجو مان ٻڌايان ٿو." هن چيو هو "هڪ بليڪ بورڊ ۽ چاڪ، هڪ ميز ڪجهه ڪرسيون، پينسلون، ڪاغذ، بس. اڙي ها، رديءَ جي ٽوڪري، ٿورو وڏي ٽوڪري."

"وڏي ٽوڪري؟"

"ها." آئنسٽائن مرڪندي چيو هو. "منهنجي غلطين جي لاءِ. آئون ڏاڍيون غلطيون ڪريان ٿو."

هو آفيس ۾ ڪڏهن اڪيلي سر ڪم ڪندو هو ته ڪڏهن هڪ ٻه مددگار هن جي مدد لاءِ اچي ويندا هئا. ڪڏهن ڪڏهن طبعيات جي مٿين ڪلاسن جا شاگرد اچي ويندا هئا ۽ هو هنن کي ليڪچر ڏيندو هو. هن جون پراڻيون عادتون بلڪل نه بدليون هيون. هو اڄ به روزانو پيادل هلڻ ۾ پهرئين وانگي خوشي محسوس ڪندو هو ۽ دوستن سان گڏ شام جو راڳ رنگ جي محفلن ۾ شرڪت مان اهڙو ئي مزو ماڻيندو هو.

جڏهن پرنسٽن ۾ ڪو چڱو ڪانسرٽ ٿئي، ته آئنسٽائن ضرور ٻڌڻ لاءِ ڪهي ويندو هو. جڏهن هو هال ۾ گهڙي پنهنجي سيٽ تي ويهي، ته پنهنجي موجودگي جي ڪري پيدا ٿيندڙ دلچسپي منجهان بلڪل بي خبر رهندو هو. ٿورو جهڪيل ڪلهن ۽ ڊگهن وارن واري انهي پوڙهي جي موجودگي ڪري سموري هال ۾ بجليءَ جهڙي لهر ڊوڙي ويندي هئي ۽ ماڻهن جي لاءِ، ان کي نظرانداز ڪري، موسيقي ڏانهن ڌيان ڏيڻ ڏکيو ٿي پوندي هو.

هڪ ڏينهن شام جو هو مقامي سينيما گهر ۾ ويو. سينيما تمام گهٽ ڏسندو هو پر ان ڏينهن فرانسيسي ليکڪ ايمل زولا جي زندگيءَ جي باري ۾ هڪ فلم ڏيکاري پئي ويئي جنهن کي هن ڏسڻ چاهيو هو. هن ٽڪيٽ ورتي ۽ هال ۾ گهڙي ويو. پر هال خالي پيو هو ڇاڪاڻ ته هو اڌ ڪلاڪ پهرئين پهتو هو. آئنسٽائن مڙي دربان کي چيو. "اڄوڪي

شام تمام خوبصورت آهي. مان ٿوري دير گهمي ڦري اچان ٿو. مون کي ٽڪيٽ اڳ واٽ ڏيئي ڇڏ. تہ جيئن آئون واپسي تي هال ۾ داخل ٿي سگهان.“

دربان دلاسو ڏيندي چيو ڳڻتي نہ ڪريو. واپسيءَ تي توهان کي ٽڪيٽ جي ضرورت نہ پوندي.

آئنسٽائن هٻڪندي چيو ”شايد توهان کي يادگيرو لهي وڃي.“ دنيا جي سڀ کان ناليواري ماڻهوءَ جي سادگيءَ تي دربان مرڪي ڏنو. ”مان توهان کي ياد رکندس سائين!“

آئنسٽائن جي طبيعت ۾ حقيقي نهٺائي هئي. هن کي سچي زندگي ڪڏهن ان تي يقين نہ آيو هو تہ هو ٻين ماڻهن کان مختلف آهي. هڪ ڀيري جڏهن هو اسٽيج تي هڪ مشهور سائنسدان سان گڏ ويٺو هو تہ ماڻهو ديوانن وانگي تاڙيون وڄائي رهيا هئا. هن جي ساٿي پڇيس تہ. ”هن شور جي توهان تشريح ڪري سگهو ٿا.“ ان جو سبب معلوم آهي توهان کي؟“

آئنسٽائن هوريان ڪنڌ لوڏيو. هن جي اکين ۾ حد کان وڌيڪ حيراني پريل هئي. ”مان بہ پاڻ کان اهو ئي پڇندو آهيان. تہ هي ماڻهو ان قسم جون حرڪتون ڇو ٿا ڪن؟“

آمريڪا ۾ هن جي زندگي ڏاڍي وڻندڙ ۽ سک سان هئي پر آئنسٽائن جرمني جي ماڻهن جي ڪري بيچين هو. هٽلر وحشي ۽ پاڳل ٿي چڪو هو. آئنسٽائن جي ديس مان جيڪي خبرون اينديون هيون اهي ايتريون تہ خوفناڪ هونديون هيون جو ڪيس اعتبار نہ ايندو هو. اهي ماڻهو جيڪي انهيءَ ظلم ۽ ڏاڍ کان بچي سگهيا ٿي رات جو ڳجهن رستن ذريعي ننڍڙين ٻيڙين ۾ چڙهي يا خاردار تارن جي هيٺان رهڙجي ڪنهن نہ ڪنهن نموني فرار ٿي ويا هئا.

انهن مان گهڻن ئي آئنسٽائن کان مدد گهري هئي. هو هن کي خط لکي صلاحون وٺندا هئا. مالي امداد جي درخواست ڪندا ۽ هن کي پنهنجو رهنما سمجهندا هئا. ڇو ته هو پناهگيرن جي فوج جو ڪو سپهہ سالار هجي.

انهن ماڻهن جي مصيبتن ۽ آزارن جو آئنسٽائن کي پورو احساس هو. هن جي در تان ڪوبه سائل خالي هٿين نه موٽيو ٽوٽي جو ڪڏهن ڪڏهن هو دل پري انهن جي مدد نه ڪري سگهندو هو. هڪ ڀيري شعاع جا چار ٽيڪنيڪي ماهر آيا ته آئنسٽائن اسپتال ۾ صرف هڪ آسامي جي لاءِ انهن چئني جي سفارش ڪئي. هن کان رڳو هڪ جي سفارش نه ٿي سگهي، ڇاڪاڻ ته ايئن باقي ٽنهي همراهن جي دل ٽٽي پوي ها.

1939ع ۾ سندس ڀيڻ مايا هن سان ملڻ آئي. هوءَ ايتري عرصي کان اٽليءَ ۾ گذاري رهي هئي، جتي جنگ وات ڦاڙيو بيٺي هئي ۽ زنده رهڻ ڏکيو ٿي پيو هو. هوءَ هتي ان آزاديءَ مان مزو ماڻڻ آئي هئي جيڪا يورپ ۾ اڻ لڀ ٿي چڪي هئي.

پرنٽس جا ماڻهو هن کي سڙڪن تي گهمندي ڏسي دنگ رهجي ويا. آئنسٽائن سان ايتري قدر ملندڙ مهانڊا هنن ڪنهن ۾ به نه ڏٺا هئا. هن جا وار، سندس وڏيون وڏيون اکيون، سندس نرم آواز هر شيءِ آئنسٽائن جهڙي هئي. ماڻهن کي اهو سوچيندي ڏاڍي سرهائي ٿي، ته هو جنهن انسان جي پوڄا ڪندا آيا آهن ان جهڙي ڪا ٻي هستي به آهي، جيڪا سائنسدان قطعي ڪونهي.

1939ع جو آگسٽ شروع ٿي چڪو هو جو هڪ ڏينهن آئنسٽائن وٽ به ملاقاتي آيا. انهي وانگر هو ٻئي جڻا به پناهگير سائنسدان هئا ۽ هو يورپ جي هڪ ڇرڪائيندڙ دريافت جي خبر ڏيڻ آيا هئا. ان دريافت سان ائٽم ۾ لڪل توانائي حاصل ڪرڻ جو گس نظر اچڻ لڳو هو. ان جو واسطو آئنسٽائن جي ڪن نظرين سان به هو جيڪي 1905ع ۾ 'انالين ڊير فزيڪ' نالي رسالي ۾ ڇپجي چڪا هئا.

آئنسٽائن بنا ڇرپر جي سموري ڪٿا ٻڌندو رهيو. جلد ئي هو سمجهي ويو ته هي ٻئي ملاقاتي ڇا ٿا چوڻ چاهين. ڇو ته جن سائنسدانن هيءَ تحقيق ڪئي هئي آئنسٽائن انهن کي سڃاڻندو هو. ملاقاتين مان هڪڙي ڦڙتيءَ مان وڏي اهميت ڀري لهجي ۾ ڳالهائيندي

چيو "جرمنين کي ايٽمي طاقت جي امڪانن جي سڌ ٿي چڪي آهي. ڊاڪٽر آئنسٽائن پر اهي ايترين تہ مشڪلاتن ۾ ڦاٿا پيا آهن جو ضروري تحقيق جي لاءِ ماڻهو ۽ گهربل سامان نہ ٿا ڏيئي سگهن. ڇڙو آمريڪا، جرمني کان اڳ ۾ هيءَ ڪم مڪمل ڪري سگهي ٿو بلڪ ان کي ڪرڻ کپي، هر صورت ۾ ڪرڻ گهرجي. جيڪڏهن آمريڪا کان پهرئين جرمنيءَ ايٽمي هٿيار ٺاهي ورتا..." تہ هن پنهنجو ڪنڌ لوڏيو. هن جي اکين م خوف جاڳي پيو هو.

هنن حالتن ۾ ڪم شروع ڪرڻ ۾ مهينا لڳي ويندا. اصل ڪم کان اڳ ۾ تہ تجربا ضروري آهن ۽ هي سڀ ڪجهہ تمام تڪڙو ٿيڻ کپي. آئنسٽائن گهڻي دير تائين ماٺ ويٺو رهيو پوءِ چوڻ لڳو "مون کي تہ ان جي اهيمت جو احساس آهي، پر مان ڇا ٿو ڪري سگهان. حڪومت کي اطلاع ڏيڻ گهرجي."

"بالڪل اسان انهيءَ لاءِ توهان وٽ ڪهي آيا آهيون. حڪومت جو ڪوبہ ماڻهو اسان جي ڳالهہ نہ ٻڌندو. پر توهان جيڪڏهن روز ويلٽ کي خط لکو تہ هو ضرور ڌيان ڏيندو."

"ڌيان" آئنسٽائن حيرت مان پڇيو. "هو منهنجي ڳالهہ تي ڪن نہ ڏيندو. آئنسٽائن جملو ڏاڍي سادگيءَ وچان چيو. چو تہ هن کي ان ڳالهہ جي پڪ هئي. اڳ وانگر هڪ دفعو ٻيهر ٻين آئنسٽائن کي انهيءَ جي اهميت جو احساس ڏياريو. هن جا ٻئي ملاقاتي گهڻي دير تائين وڏي سنجيدگي سان هن سان ڳالهيون ڪندا رهيا آهيو." آئنسٽائن خانو ڪوليو ۽ پنو ڪڍي پين کنئين. ان ڏينهن آئنسٽائن صدر فرينڪلن روز ويلٽ کي جيڪو خط لکيو هو ان سان ايٽمي دور جو آغاز ٿيو. خاموشي سان هوريان هوريان ايٽمي تحقيق شروع ٿي ويئي. هر ڪم انتهائي رازداريءَ سان ڪيو پئي ويو. ظاهر ۾ توڙي جو آئنسٽائن ڪوبہ حصو نہ ورتو پر ان تحقيق سان هن جو تمام گهرو ۽ اهم تعلق هو. انهيءَ لاءِ حڪومت کي هن جي حفاظت جي ڳڻتي هئي. آئنسٽائن محافظ جي موجودگي برداشت نہ ڪري سگهندو هو ۽ تنها ڇڏي ڏيڻ تي اتاولو هو. نيٺ سندس چوڻ ورتو ويو. گهٽ ۾ گهٽ هو پاڻ اهو سمجهندو هو تہ هن

جي حفاظت جي لاءِ جيڪي جوڳا اپاءَ ورتا ويا هئا انهن کي هن کان لڪائڻ ڪو ڏکيو ڪم نہ هو. ان جي رٿا سڀ ڄاڻندا هئا.

هڪ دفعو ڪنهن ڪم سانگي هن اوچتو نيويارڪ وڃڻ جو پروگرام ڪٽي رٿيو. صبح جو گهر مان نڪرندي هن پنهنجي سيڪريٽريءَ کي چيو تہ "مان منجهند جي مانيءَ تي نہ ايندس. مان ڏهين وڳي جي ريل ۾ نيويارڪ وڃي رهيو آهيان. رات جي ماني تائين اچي ويندس." "پر توهان کي اڪيلو نہ وڃڻ گهرجي." سيڪريٽري احتجاج ڪيو. "مان توهان سان گڏ ڪو ماڻهو موڪلي ڇڏيان."

آئنسٽائن ٻي ڏڙڪ چيو "تون بہ ٻين وانگي آهين. مون کي ڪنهن جي ساٿ جي گهرج ڪانهي. ننڍڙو سفر آهي، هيڪل ئي گذاري ڇڏيندس." جيئن ئي هو گهر کان نڪرڻ لڳو. تہ سيڪريٽريءَ فون ڪٽي ورتي.

آئنسٽائن انسٽيٽيوٽ کان ٿورو ئي پرڀرو ٿيو. تہ پنيان تڪڙين تڪڙين وکن جو کڙڪو ٻڌڻ ۾ آيس.

"صبح جو سلام پروفيسر آئنسٽائن" ايندڙهن جو هڪڙو مددگار هو.

"صبح جو ايترو تڪڙو ڪيڏانهن وڃي رهيا آهيو."

"هائو سائين ڪجهہ تڪڙ ۾ آهيان. اصل ۾ ڏهين وڳي واري ٽرين ۾ نيويارڪ وڃڻو اٿم ۽ ان کان اڳ ٿورو ڪم بہ آهي جيڪو پورو ڪرڻ چاهيان ٿو."

"ڏهين وڳي جي ٽرين! مان بہ انهيءَ ۾ وڃي رهيو آهيان. ڪٿي تون ڪولمبيا يونيورسٽي تہ نہ پيو وڃين؟" آئنسٽائن پڇيو.

مددگار حيرت مان چيو "بالڪل اوڏانهن پيو وڃان، پروفيسر آئنسٽائن. توهان سان گڏ هلڻ ۾ مون کي خوشي ٿيندي."

آئنسٽائن ٺهڪ ڏنو "۽ منهنجي سيڪريٽري منهنجي هيڪل سفر ڪرڻ تي فڪرمند هئي! بيوقوف آهي نہ."

"هائو سائين وڏي بيوقوف آهي." مددگار ها ۾ ها ملائي، هن جي منهن تي هڪ شرارتي مرڪ ڪيڏي رهي هئي.

(17)

ايٽم بم

6 آگسٽ 1945ع:

جاپان جي شهر هيروشيما تي اوچتو هڪ تيز بي انتها تيز اکين کي کيرو ڪرڻ واري روشنيءَ جو تجلو ٿيو. هڪ پل جي لاءِ موت جو سڪتو طاري ٿي ويو ۽ ٻئي پل زلزلي وانگي پيڪو هٽندڙ لوڏي سان عمارتون مٽيءَ جو ڍير بڻجي ويون. موٽرون ۽ سڙڪون رانديڪن جيئان ٽڪر ٽڪر ٿي ٽٽنديون وکرڻ لڳيون. ان علائقي جي وچ ۾ دوزخ جهڙي گرمي سان هر زندهہ شيءِ ڪوئلو ٿي ويئي.

لوڏو صرف جاپان ۾ محسوس ڪيو ويو پر جيڪو ٿيو هو حقيقت جو اثر ٻي وچولي دنيا جي انتهائي پري پري جي ڏيهن تي بہ پوري طرح ظاهر هو. گڏيل رياستي آمريڪا ايٽم جي لڪل رازن کي پروڙي ورتو هو ۽ ان جي لڪل طاقت کي استعمال ڪيو هو.

پنهنجي آرام ڏيندڙ ۽ ڪتابن سان ڀريل مطالعي جي ڪمري ۾ آئنسٽائن ميز جي اڳيان ڪرسي تي هيڪل ويٺو هو. باغيچي جا رنگا رنگي گل هلڪي هوا ۾ لڏي لمي جڻ دريءَ جي پٽيان ويٺل همراهہ کي پاڻ ڏانهن ڏيان ڇڪائڻ جي ڪوشش ڪري رهيا هئا. ساوڪ تي اس نارنگي رنگ وکيري ڇڏيو هو ۽ هوا ۾ وڻن جا پن کڙکڙ ڪري رهيا هئا.

پر آئنسٽائن جي اکين اڳيان باغيچي جا ٽڙيل گل، نارنگي اس ۽ کڙکڙائيندڙ پن نہ هئا. هن جي دل جي اک جاپان ۾ ايٽم بم جي پکڙيل تباهي ڏسي رهي هئي. هن کي بي حد صدمو رسيو هو. هو ڄاڻي پيو تہ هن سال جيڪا هن پهرئين تحقيق ڪئي هئي ان جي مدد سان ايٽمي توانائي جي تحقيق شروع ٿي هئي. هن اهو بہ ڄاتو پئي، تہ هن خط لکي صدر روزولٽ کي ايٽم بم ٺاهڻ تي رضامند ڪيو هو.

ايڏي وڏي ذميداري جي وزن سببان سندس ڪنڌ جهڪيل هو. هو هڪ ٿڪل فڪر وارو پوڙهو هو جيڪو اهو سوچي رهيو هو ته ڪاش هو پنهنجي اثر رسوخ مان ڪم وٺي ڪري جڳ جهان جي ماڻهن کي ايٽمي توانائي جي غلط استعمال جي تباهه ڪن ۽ ڀيانڪ نتيجن کان آگاهه ۽ خبردار ڪري سگهي ۽ انهن کي ان جي صحيح استعمال ڪرڻ جي ڏس لائي سگهي. هن اهو طئي ڪيو ته هو پنهنجي پوري شڪتيءَ سان ماڻهن کي تباهيءَ کان سجاڳ ڪندو.

(18)
اهي لفظ جيڪي وڃائجي ويا

”.... ۽ ان لاءِ جيڪڏهن اسان پنهنجي مساواتن جي سلسلي تي هي شرط به لاڳو ڪري ڇڏيون ته ان جي معنيٰ اها ٿي ته لاڳاپيل ٽينسر جي گهاٽائي ٻڙي ٿي ويندي“

ڪمري ۾ مهڙ وٽ بيٺل پوڙهو طبعيات جي مخصوص ٻولي ڳالهائي رهيو هئو. هيءَ عجيب ۽ غريب لفظ نرم آواز وچان سخت جرمن لهجي ۾ ادا ٿي رهيا هئا ۽ ٻڌندڙ انهن کي ٻڌڻ لاءِ پورو ڌيان ڏيئي رهيا هئا.

ٻڌندڙن ۾ ٽيهن کان وڌيڪ ماڻهو ڪونه هئا. انهن ۾ وڌيڪ مٿين جماعتن جا نوجوان شاگرد هئا جيڪي هن عظيم استاد جي هڪ هڪ لفظ تي ڪن ڏيون وينا هئا. باقي ماڻهو يا ته انهي اداري جا پروفيسر هئا يا ويجهين يونيورسٽين جا استاد.

اداري ۾ جڏهن به ڪنهن سائنسدان جو ليڪچر ٿيندو هو ته ان جو اطلاع نوٽيس بورڊ تي لڳي ويندو هو ۽ خاص ماڻهن کي ٽپال جي ذريعي اطلاع ملي ويندو هو پر جڏهن آئنسٽائن پنهنجي ”گڏيل قوت“ جي نظريي تي ليڪچر ڏيئي ته ايئن نه ٿيندو هو. جيڪڏهن انهن ليڪچرن جو عام اطلاع شهرت ماڻي وڃي، ته ليڪچر ۾ ايترو ڳاهٽ اچي ٿيندو هو جو انهن ماڻهن جي لاءِ جڳهه نه بچي جيڪي واقعي به هن موضوع سان لڳاءُ رکندا هئا ۽ جن کي ان مان فائدو ٿي سگهندو هو. انهيءَ ڪري ماٺ ميٺ ۾ هڪ‌ٻئي کي اطلاع ملي وڃي، ته ڪلاس ۾ اڄ ٽين وڳي“ ڪن مخصوص ماڻهن کي ٽيليفون تي اطلاع ملي وڃي ۽ ٿي وڃندي وئي ڪمري ۾ صرف اهي ماڻهو گڏ ٿي ويندا هئا جيڪي شرڪت جا حقدار هئا.

البرٽ آئنسٽائن ليڪچر ختم ڪندي هوريان ڪنڌ لوڏي ۽ ڪمري مان ٻاهر هليو ويندو هو. هن جي پٺيان دروازو بند ٿيندي ئي

ڪمري ۾ ڳالهين جو گهٽيل شور گونجڻ لڳندو هو. ماڻهو ليڪچر جي باري ۾ خيالن جي ڏي وٺ ۽ بحث ۾ مصروف ٿي ويندا هئا.

وري هڪڙو پٽيوالو اچي بليڪ بورڊ جا اهي پيچ کولي ڇڏيندو هو جن سان اهو پٽ تي ٽنگيل هوندو هو. وري هو ڏاڍي سنڀال سان بورڊ لاهي ان کي اهڙي طرح کڻي ويندو هو ته جيئن اهو جسم سان نه لڳي ۽ نه ان سان ڪپڙا لڳن. ڪمري مان نڪري ان بورڊ تي هڪڙي مخصوص قسم جو مادو لڳائي ته جيئن چاڪ جا نشان ڊهي نه وڃن. وري ان بورڊ کي احتياط سان رکيو ويندو هو. ته جيئن عظيم سائنسدان جي تحرير ايندڙ نسلن جي لاءِ محفوظ ڪئي وڃي. هيڏانهن اهو سڀ ڪجهه ٿيندو هو ۽ هوڏانهن آئنسٽائن هيٺين منزل ۾ پنهنجي آفيس ۾ پهچي ويندو هو.

اهڙي ئي هڪ ليڪچر کانپوءِ پنهنجي آفيس ۾ اچي آئنسٽائن پنهنجي چمڙي جو ڪوٽ پاتو ۽ هڪ ٿلهو اوني، ڪن ٽوپ پائي ڇڏيو.

هي 1955ع هو ۽ انهيءَ سال هو پنهنجي زندگيءَ جا ڇاهتر سال پورا ڪري چڪو هو. ڪجهه ڏينهن کان سندس صحت ٺيڪ نه هئي. ان لاءِ هن جي ڊاڪٽرن هن کي بهار جي مند ۾ هيءَ ٽوپي پائڻ تي لاچار ڪيو هو. ڇو ته هوا ۾ هلڪي ٿڌ اچا هئي. آئنسٽائن کي هيءَ ڪن ٽوپ ڏاڍو پسند هو ڇاڪاڻ ته هيءَ سندس پيڻ مايا اُڻيو هو.

ٻاهر هڪڙو مددگار هن جو منتظر هو. ٻئي ڄڻا سامهون ڦهليل ساوڪ تي هلڻ لڳا. نوجوان ڄاڻي واڻي آهستي آهستي هلي رهيو هو. هاڻ آئنسٽائن کي هلڻ ۾ ڪنهن جو ساٿ خراب نه لڳندو هو. هو ان وقت احتجاج نه ڪندو هو جڏهن ڪو هن کي ٽوپي پائڻ تي لاچار ڪندو هو. هن کي پتو هو ته هاڻي هو نبل ٿي ويو آهي. ڪيئي دفعا ته هو ڪيئي ڪيئي ڏينهن گهر کان ٻاهر به نه نڪرندو هو.

جڏهن هي ٻئي مرسر اسٽريٽ وٽ مڙيا، ته هڪ گهر مان الهڙ ڇوڪري نڪتي ۽ ڊڪندي سڌو اورانگهيندي هن آئنسٽائن کي هٿ لوڏي سلام ڪيو.

آئنسٽائن جي سنجيدي گهنجن واري منهن تي مرڪ ڦهلجي ويئي ۽ هن وڏي گرمجوشي سان جواب ۾ هٿ لوڏيو. هيءَ ڇوڪري هن جي دولت هئي ۽ آئنسٽائن ڪيئي ڀيرا حسابن حل ڪرڻ ۾ هن جي مدد ڪري چڪو هو. پرنسٽن جا ماڻهو هن پوڙهي سان گهڻو پيار ڪندا هئا جيڪو منجهان ئي هڪ هو پر تڏهن به انهن کان گهڻو مختلف هو.

هاڻ آئنسٽائن وڏيڪ پنهنجي مطالعي جي ڪمري ۾ ئي ڪم ڪندو هو. جيئن جيئن ڏينهن گذري رهيا هئا هن کي ڪمزوري وٺي رهي هئي ۽ ڊاڪٽرن کي هن لاءِ پريشاني وڌي رهي هئي. نيٺ وچ اپريل ۾ هن کي پرنسٽن اسپتال پيڙو ڪيو ويو. ته جيئن هن جي صحيح طريقي سارسنڀال ڪئي وڃي. خود آئنسٽائن جي طبيعت به پهريان کان سڌري ويئي هئي. هو ملاقاتين سان دوستاڻي ڳالهه ٻولهه ڪندو هو ۽ اسپتال جي عملي کان تڪليف ڏيڻ جي معافي وٺندو هو.

18 اپريل جي اڌ رات وهامي چڪي هئي. البرٽا روزل نالي نرس آئنسٽائن جي بستري جي ڀرسان ويٺي هئي. پوڙهي مريض جو ساهه وڏي تڪليف سان هلي رهيو هو. هو ڊاڪٽر کي گهرائڻ جي لاءِ دروازي ڏانهن مس مڙي هئي، ته ڇرڪي ويهي رهي. هن جو مريض جرمن ٻوليءَ ۾ ڇپن ۾ ڪجهه پڙڪيو. نرس تڪڙو پلنگ وٽ آئي پر هاڻي دير ٿي ويئي هئي. وقت گذري چڪو هو. دنيا جو سڀ کان عظيم سائنسدان، اهو شخص جيڪو عام ماڻهن جي سمجهه کان مٿاهيون ڳالهيون ڄاڻندو هو، مري چڪو هو.

جڏهن البرٽ آئنسٽائن جيئرو هو ته ان جي واتان نڪتل هڪ هڪ لفظ هر ماڳ جي ماڻهن پنهنجي سيني ۾ سانڍي رکيو هو. پر جڏهن هن آخري دفعو ڳالهايو ته مس روزل ڪجهه نه سمجهي سگهي. ڇاڪاڻ ته هن کي جرمن ٻولي نه ايندي هئي. آئنسٽائن جا پوئلڳ هن جي آخري لفظن ڄاڻڻ جي لاءِ بيتاب هئا پر ڪير ڄاڻي ته ان ڇا چيو هو. ڪوبه ڪڏهن ڄاڻي نه سگهندو. اهي لفظ جيڪي هوا سان ملي وڃائجي ويا! □

آئنسٽائن ويهين صديءَ جو وڏو ڏاهو جنهن جي جيون ڪٿا کي سنڌيءَ جو سهڻو ويس ڍڪائيندڙ نويد سنديلو هڪ بهترين شاعر ۽ فلسفي جو پرچارڪ آهي. جنهن انتهائي جفاڪشيءَ سان بهترين اسلوب سان شاعراڻي ٻوليءَ ۾ هن جيون ڪٿا کي سنڌي ٻوليءَ ۾ اوتيو آهي. جيئن ته هڪ شاعر وٽ ٻوليءَ جي مڙني خوبين جو وڏو ڀنڊار موجود هوندو آهي. هن ترجمي ۾ نويد اهي هڙئي شاعراڻا جوهر وڏي مهارت سان نثر ۾ ڏيکاريا آهن.

ترجمي جو فن ائين آهي جڻ ڪنهن هڪ عطر جي بوتل مان ٻي عطر جي شيشي ۾ عطر کي اوتيو وڃي. اها ڳالهه عالم آشڪار آهي ته عطر کي ان جي خوشبوءِ سميت مڪمل طور منتقل نٿو ڪري سگهجي.

نويد سنديلي جو هي ترجمو رشيد ڀٽيءَ جي ترجمن جو تسلسل آهي.

مجموعي طور هيءَ جيون ڪٿا اسان جي نوجوانن جيڪي بدحالي، بيروزگاري ۽ ذهني انتشار جي حالت ۾ زندگي گذاري رهيا آهن، انهن لاءِ وڏي اتساهه جو سبب بڻبي.

اُميد ٿو ڪريان ته ان اُتساهه سبب اسان جا نوجوان به پنهنجي قوم ۽ سماج لاءِ ڪو اهڙو ڪارنامون سرانجام ڏئي وجهندا جو سموري انسانيت ان تي فخر محسوس ڪندي.

- شهبان سهتو

پڙهندڙ نسُل . پَ نَ

The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾عبدالله حسين ” اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻڪَ ”لُڙهندَڙ نَسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندَڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، ڇُرندڙ، ڪِرَندڙ، اوسيئڙو ڪَندَڙُ، ياڙي، ڪاٽُو، ياڄوڪَڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙَهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سَگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سيني وِچان ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان کڻي ڪمپيوُٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعنی e-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهَڻ ۽ هِڪ ٻِئي کي ڳولي سَهڪارِي تحريڪ جي رستي تي آڻَڻ جي آسَ رکون ٿا.

پڙهندڙ نَسل (پَنَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعوىٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَنَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بہِ ڪُوڙو آهي.

جهڙيءَ طَرَح وڻن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اَهڙيءَ طرح پڙهندڙ نَسُل وارا پَنَ بہ مختَلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، ٻَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. ٻين لفظن ۾پَنَ ڪا خُصوصي ۽ تالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اهڙي حالت ۾ پَنَ پاڻ هِڪَٻِئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. پَنَ پاران ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز ڪرڻ کان پو ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَنَ سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَن کي کُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي ٿي ته هو وَسَ پٽاندڙ وڏِ کان وَڏِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳِئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪَنهن به رُڪاوٽَ کي نه مڃن.
شيخ اَيازَ علمَ، ڄاڻَ، سمجهَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيهه ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو ته:

گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.
... ...
جٺن جٺن جاڙ وڌي ٿي جَڳَ ۾، هو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛
ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موتي مَنجهہ پهاڙ ڇُپن ٿا؛
... ...
ڪالهہَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن؛
گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن........
... ...
هي بيتُ اَٿي، هي بَم- گولو،
جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!
مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،
جنهن رِڻ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ ـ

اِن حسابَ سان اٽڪاٽائي کي پاڻَ تي اِهو سوچي مَڙهڻ ته "هاڻي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو" ناداني‌ءَ جي نشاني آهي.

پَنَ جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر کڄي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڻڄاڻن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَنَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بڻائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پڙهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني کي **ڇو، ڇالاءِ ۽ ڪيئن** جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوشَ ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اڻٽر گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻَ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا. بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون ڀاڪِي پائي چيو تہ ”منهنجا ڀاءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ“.
- اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)